زندگيءَ جا روپ نرالا





اِندرا ٻلديو ٻڏراڻي 'شبنم'



اِندرا ٻلديو ٻڌراڻي 'شبنم'

منهنجي سڳاڻپ اندرا سان پهرين تي جڏهن هوءَ منهنجي پريہ شاگرد ٻلديو سان پرڻجي آئِي. اندرا سڀاوَ ۾ کلڻي، رلڻي ملڻي، سرل آهي. اندرا شڪل شبيھہ، اُٿڻ ويهڻ ۾ سٺي ۽ فهميدي لڳندي آهي. اندرا تي ٻلديو موهت ٿيو هو سندس شڪل صورت، هلڻ چلڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ تي. پر پاڻ اندرا وري ٻلديو تي، سندس هوشياري ۽ علمي خزاني تي ريجهجهي ويئي هئي. سڀاويڪ هو، اهو سڀ. شُڪر. اندرا ڪافي گهڻو عرصو زندگيءَ جو ماستريءَ جهڙي سٺي پيشي ۾ سڦل ڪيو آهي.

هوءَ .M.A., B.Ed پڙهيل آهي ۽ هينئر پينشن بردار آهي. کيس ٻہ ٻار، ڌيءَ پُٽ اؤلاد آهي جي ٻئي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ انوسار دبئيءَ ۾ مقيم آهن. اندرا هڪ سٺي ليکڪا بہ آهي. سندس ليک هندواسيءَ ۾ پڙهڻ جو وجھہ ملندو آهي. اندرا بہ ڪتاب 'پشپ چمن جا' ۽ 'آئينو زندگيءَ جو' لکيا آهن ۽ هن وقت سندس ٽيون ڪتاب 'زندگيءَ جا روپ نرالا' توهانجي هٿن ۾ آهي. سندس لکڻي سٺيي سٺي هوندي آهي. کيس سنڌِي ٻوليءَ تي ڪافِي عبور آهي، ائين لڳندو آهي. گڏو گڏ هوءَ نرتيہ ڪلا ۽ سنگيت ڪلا جي ڏس ۾ بہ دلچسپِي وٺندِي رهي آهي جا هڪ ماسترياڻيءَ ۾ پلس پائنٽ آهي. ايشور کيس لنبِي عمر ۽ صحت بخشي ۽ هوءَ پنهنجو وقت سيپتڪ ۽ ساهتيڪ ڳالهين ۾ ويتيت ڪندي رهي. اها منهنجي کيس دعا آهي. چڱو ڀلا،

ڪٿِي جون ڳالهيون ڪٿي لڪان ٿو،
سڪيل ڳالهيون ورِي سڪان ٿو.

ڀڳوان ڪلناڻي 'ساقِي'.

زندگيءَ جا روپ نرالا

(رچنا - سنگرهہ)

Zindageea Ja Roop Nirala

(Essays)

Mrs. Indra Baldev Budhrani "Shabnam"
M.A., B.Ed.

فهرست

زندگيءَ جا روپ نرالا (رچنا - سنگرهه)

ليکڪا : اندرا بلديو ٻڌراڻي 'شبنم'
8/124، ميران هائوسنگ سوسائٽي، شنڪرشيٽ روڊ،
پڻي - 411037 (مهاراشٽر) موبائيل : 9822519922

پهريون ڇاپو: 2016

قيمت : ٽي سؤ رپيه ڪاپيون : چار سؤ

ڪؤر ڊزائين : نريندر چنچلاڻي، موبائيل - 8446733789

پبلشر : اندرا بلديو ٻڌراڻي 'شبنم'

ٽائيپسيٽنگ : ڪرشنا انٽرپرائيز - اَنيتا ماکيجا، جانڪي موٽواڻي،
موبائيل: 9823771313 - 9595282623

پرنٽر : سورڻڪلا پرنٽرس، پڻي - موبائيل: 8446733789

Zindageea Ja Roop Nirala

(Collection of Essays on Social, Cultural & Educational Issues)

Author : **Indra Baldev Budhrani 'Shabnam'**
8/124, Mira Hsg. Society, Shankarshet Road,
Pune - 411037. (Maharastra) Mobile : 9822519922

First Edition : 2016

Price : Rs. 300/- **Copies** : 400

Publisher : **Indra Baldev Budhrani 'Shabnam'**

Typeset by : **Krishna Enterprises # 9823771313, 95959282623**
Anita Makhija, Janki Motwani

Printer : **Swarnakala Printers,** Pune. **Mobile : 8446733789**

OTHER INTERESTS AND ACHIEVEMENTS :

- Write articles, compose poems which are published in 'Hindvasi, Rihan, Halchal, Adabi Chaman, Sindhu Mashal, Koonj, Sipoon etc. Magazines.
- Take part in Multi-linguistic Mushairas (Kavi Sammelan)
- Prepare students for different Curricular activities like Drama, Dance, Songs etc. I myself take part i.e. act in Dramas etc.
- Got Best Teachers' Award for the Year 1992-93 from the School Management.
- Have written and published Books of Essays in Sindhi, Pushpa Chaman Jaa, Aaeeno Zindageea Jo, Zindageea Ja Roop Nirala (In Press)

I would like to acknowledge people who have been instrumental in my life and in supporting me. My family that has been with me throughout my endeavors to write this book about my experiences, my knowledge a gift, a legacy I can leave for humanity.

My husband Prof. Baldev Budhrani for his immense support and for believing in my capabilities, my daughter Sangeeta and son-in-law Deepak Chandwani for their encouragement and love and my son Sandeep and daughter-in-law Yashika, my grand children Anjni, Muskaan, Amrit, Ashwini for making my dream come true of imparting my experiences through this book to you.

About the Author

NAME : **MRS. INDRA BALDEV BUDHRANI**

QUALIFICATION : **M.A. (Second Class),** Pune University
B.E.d. (Second Class), Pune University

EXPERIENCE :

1. Have got the Teaching Experience of about 40 years.

2. Have worked as a Supervisor in B.T. Shahani Navin Hind High School and Junior College of Commerce (English and Hindi Medium), Pune - 411042.

3. Have worked as a Moderator, Paper- Setter, Translator, Proof Corrector and Examiner at the S.S.C. Board, D.Ed., Scholarship (Middle School and High School), National Talent Scholarship Examinations Conducted by the Maharashtra State Board of Secondary & Higher Secondary Education, Pune. Bureau of Government Examinations, Maharashtra, Poona, State Institute of Education, Pune.

4. Have attended the WORKSHOPS Conducted by the Bureau of Government Examinations, Maharashtra State, Pune.

5. Have attended and taken part in Seminars Organised by Literary Associations.

شڪرگذاري

مان تهدل شڪرگذار آهيان،

١. پنهنجي آدرڻيه اڏياپڪ مانيور ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب، اڳوڻو وائيس چيئرمن، سنڌي ائڪيڊمي، دهلي جي، جنهن پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي، منهنجو هيءُ ڪتاب 'زندگي جا روپ نرالا' (رچنا - سنگرهه) نظر مان ڪڍيو ۽ سهڻو مهاڳ لکي منهنجي همت افزائي ڪئي.

٢. اعليٰ اديبن سرو شري هيرو ٺڪر، واسديو موهي، ڊاڪٽر ديال آشا، پرنسيپال ڀڳوان ڪلناڻي 'ساقي'، شري گووردڻن شرما 'گهايل'، ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻي، ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي، مسز شوپا لعلچنداڻي، ايڊيٽر 'هندواسي'، شري نند ڇڳاڻي، ايڊيٽر 'ڪونج'، پرنسيپال نرمل گوپلاڻي، ياءُ ارجن آڏواڻي، جن وقت بوقت ملهائتيون صلاحون ڏيئي منهنجو مارگ درشن ڪري، همت افزائي ڪئي آهي.

٣. راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، دهلي جي مهربان بانيڪارن جي، جن منهنجا ڪتاب خريد ڪري مون کي

ساهتڪ انوُدان

١. پيِ. ويِ. ڪشناڻيِ ٽرسٽ، پونا پاران اٽڪل ڏهه هزار رپيه آڪٽوبر ٢٠٠١ ۾ شايع ٿيل منهنجي پهرئين ڪتاب ’پشپ چمن جا‘ (٢٠ مضمون) لاءِ ساهتڪ اَنوُدان.

٢. انڊس انڊ فائونڊيشن، نيو دهليءَ پاران پنج هزار رپيه ساهتڪ انوُدان، به پيرا موڪليل.

٣. ’آئينو زندگيءَ‘ جو ڪتاب نئشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌيِ لئنگويج ڪيندر، نيو دهليِ، سرڪار طرفان قبول ڪري، ١٥٠ ڪتاب خريد ڪري پارت جي الڳه الڳه شهرن جي اديبن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ لئبررين کي موڪليا ويا آهن.



ڪجھ پاڻ بابت ...

هيءُ منهنجو ٽيون ڪتاب ’زندگيءَ جا روپ نرالا‘ توهان جي هٿن ۾ آهي. هيل تائين مون پنهنجن ٻن ڪتابن ’پشپ چمن جا-‘ (رچنا- سنگرھ) ۽ ’آئينو زندگيءَ جو‘ - (رچنا سنگرھ) جي رونمائي ڪرائي آهي. پاڻڪن ۾ ڪافي پسند پيا. ڪي ليک دل کي ڇهندڙ هئا. پاڻڪن وٽان همٿ افزائي ۽ تعريف جا ٻه اکر پهتا. ڪن پاڻڪن ته وري همٿ افزائيءَ سان گڏ سٺيون ۽ ڪارگر صلاحون ڏيئي منهنجو مارگ درشن ڪيو آهي. انڪري مان سيني پاڻڪن جي بيحد شڪرگذار آهيان ۽ اُميد ٿي ڪريان ته اڳتي به ساڳئي جذبات سان منهنجي رهبري ڪندا. وقت بوقت منهنجا ليک ۽ ڪوتائون هندواسي، رهاڻ، هلچل، ادبي

سنڌيءَ ۾ لکندو رهڻ جي پريرڻا ڏني آهي.

۴. انڊس انڊ فائونڊيشن، نيو دهلي پاران پنج هزار روپيه ساهتڪ انوُدان، ٻه ڀيرا مليل.

۵. مسز اَنيتا ماکيجا ۽ جانکي موٽواڻيءَ جي، جنهن سهڻي ٽائيپ سيٽنگ ڪري ۽ نريندر چنچلاڻي جي جنهن بهترين ڇپائي، ڪوَر ڊزائين ۽ بائينڊنگ ڪري ٿوري وقت ۾ محنت ۽ چاهه سان هن ڪتاب جو روپ سجائي، سنواري، خوبصورتيءَ ۾ اضافو آڻي توهان تائين پهچائڻ لاءِ سات ڏنو.

٦. پلا، گهر جي ڀاتين پرنسيپال بلديو ٻڌراڻي 'ديپ'، سنگيتا، ديپڪ، سنديپ، يشيڪا، انجني، مسڪان، امرت، اشوني کي ڪيئن وساريان؟ هنن سيني منهنجو ڪتاب سهڻي روپ ۾ توهان تائين پهچائڻ ۾ واهر ڪئي آهي.

۷. مان پرم پتا پرماتما جي بيحد احسانمند آهيان، ان جا آڀار مڃڻ ۾ منهنجي زبان ڪمزور ۽ قلم قاصر آهي، جنهن ديالو پريوءَ منهنجي صحت ۽ سمجهه سالم رکي آهي جو ٻه اکر لکي سگهان ٿي.

''پريو آپڪي ديا سي، سب ڪام هو رها هئه،
ڪرتي هو تُم پريو جِي، ميرا نام هو رها هئه.''

اندرا بلديو ٻڌراڻي 'شبنم'

ناٽڪ لکي ڊائريڪٽ ڪرڻ، اسٽيج تي اڏڻ ۽ آڪاشواڻي، ايڪانڪي ناٽڪ لکي ڊائريڪٽ ڪرڻ، اسٽيج تي آڻڻ ۽ آڪاشواڻي، پونا تان براڊڪاسٽ ڪرڻ، پڳٽ لکڻ، اسٽيج تي ڪرڻ، ڊراما ڪرڻ، شاگردن کي اسڪولي، سماجڪ ۽ سيپٽڪ سنسٿائن جي پن پن ڪاريہ ڪرمن لاءِ تيار ڪرڻ جو سلسلو هلندو رهيو. ادبي سڀائن، مشاعرن، ساهتيڪ، تعليمي سيمينارس، ورڪشاپس ۾ بهرو وٺڻ، اهي ڳالهيون جاري رهيون. اٽڪل ۴۰ سال تعليمي کيتر ۾ گذاريا. محنت، اُتساهہ ۽ جفاڪشيءَ سان هڪ نرسري ٽيچر مان جونيئر ڪاليج ۾ پاڙهڻ ۽ هاءِ اسڪول ۾ سپروائيزر جي عهدي تي پهتس. خوشي اٿم تہ منهنجي خيال موجب مون پنهنجا فرض بخوبي نباهيا. ننڍڙن شاگردن کان وٺي، ڪاليجي شاگردن، مائٽن، ٽيچرس، آفيس اسٽاف، چپراسين، سيني سان سهڪار سان ڪم ڪندي گهڻن ئي ڳالهين جو آزمود مليو. تنهنڪان سواءِ بالڪن جي باريءَ جو يونٽ کوليو جنهن ۾ اٽڪل ۱۰۰ بار هئا. انهن سان لهہ وچڙهہ ۾ اچڻ ڪري زندگيءَ جا جدا جدا پهلو ڏسڻ ۾ آيا. اسڪول جي شاگردن کي ڪيترائي دفعا اتهاسڪ ۽ جاگرافيڪل اسٿانن تي پڪنڪ تي وٺي وڃڻ، نماءَ وغيره ڏيکارڻ جا موقعا مليا. شاگردن ۾ سٺن سنسڪارن جو نرماڻ، ساهتيہ ۽ ڪلا لاءِ پيار، انتظام ۾ رهڻ، ڀائيپي، ايڪتا سان رلي ملي هلڻ، ڌرم، اوچ-نيچ، ذات - پات جو ڀيد نہ رکڻ، اهي سندر سکيائون وقت بہ وقت ڏيڻ ۾ ايندي رهيون هيون. اهڙي واتاورڻ ۾ رهندي ۽ جدا جدا حالتن ۾ جيون بسر ڪرڻ وارن


چمن، سنڌو مشعال، ڪونج، سپون وغيره مخزنن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. قلم جاري آهي.

منهنجي هن ٽئين ڪتاب 'زندگيءَ جا روپ نرالا-' رچنا سنگرهه ۾ ٢١ مضمون شايع ٿيل آهن جيڪي شڪشا، سيپتا ۽ سماج سان تعلق رکندڙ وشين تي آهن. هن ڪتاب ۾ زندگيءَ جي جدا جدا پهلن تي روشني وڌي ويئي آهي. ساهتيه سماج جو درپڻ آهي ليکڪ جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو، پڙهي ٿو، محسوسي ٿو، اهو پنهنجي تخيل سان جوڙي قلمبند ڪري ٿو. ڪنهن به سماج، ملڪ جي آسودگي سندس ساهتيه تي پڻ منحصر هوندي آهي. اڄ انگلنڊ جو شان- مان شيڪسپيئر جي ڪري به آهي جيئن اسان جو سنڌي ساهتيه شاهه، سچل، سامي، ساڌن- سنتن، درويشن، فقيرن، فلاسافرن، شاعرن، ليکڪن وغيرهه جي ڪري مالا مال آهي. تحقيق،

'' اَنڌڪار هئہ وهان، جهان آدتيہ نهين هئہ،
مردا هئہ وهہ ديش، جهان ساهتيہ نهين هئہ. ''

ننڍي هوندي کان ئي اِسڪولي وديا سان گڏ ڪافي ٻالهين ۾ چاهه هئو. ننڍيون ڪهاڻيون پڙهڻ، ڳائڻ، ڊانس، ڊراما ۾ ڀاڱ وٺڻ، گروءَ جي ساکين ۽ شبدن جي چٽاڀيٽيءَ، ٽُڪليءَ تي سُٺ ڪتي انعام حاصل ڪرڻ، اهي شونق ۽ هابيز اڳيان هلي ورهاڱي کان پوءِ پوني ۾ رهي قائم رهيا ۽ رفتہ رفتہ ٻوٽو اُسرڻ لڳو. اسڪول جي تعليم، پوءِ ماستري، پڙهڻ- پاڙهڻ، ايڪانڪي

مهاڳ



اندرا ٻلديو ٻڌراڻيءَ جي لکيل مضمون جو دستخط ڪوريئر ذريعي مليو. اندرا ۽ ٻلديو جي حجت هئي تہ انهيءَ کي نظر مان ڪڍان ۽ ٻہ اکر لکي ڏيان. اڳہ وارو زمانو منهنجي دل جي پردي تي چٽو ٿي بيٺو. پراڻيون يادگيريون ٻيهر تازيون ٿي ويون ١٩٥٠ کان ١٩٦٠ واري دؤر ۾ مان پوني جي نوين هند هاءِ اسڪول، پونا ۾ سنسڪرت ۽ هندي پاڙهيندو هوس. ياد اٿم تہ تن ڏينهن ۾ ٻلديو هر روز پمپريءَ مان سينٽ ميران هاءِ اِسڪول، سنڌي ماڊيم، پونا ۾ پڙهڻ ايندو هئو. مون وٽ سنسڪرت پڻ سکڻ ايندو هو. ذهين شاگردن ۾ سندس درجو هو. سنڌي وشيہ ۾ سڄي بورڊ ۾ پهريون نمبر آيو ۽ کيس. ١٠٠ رپيہ انعام مليو هئو. ٻلديو يارهون درجو پاس ڪري نوين هند هاءِ اسڪول، پونا جي آفيس ۾ ڪلارڪ بڻيو. ان سان گڏو گڏ هن پنهنجي وڌيڪ پڙهائي پڻ جاري رکي. ايم.اي.، بي. ايڊ جون ڊگريون حاصل ڪيائين. هيڊماسٽر شري

انسانن جي سات ۾ مون کي ’زندگيِ هڪ آئينو‘ جي روپ ۾ نظر آئي. هونءَ بہ ساهتيہ سماج جو درپڻ آهي. انهن سيني ڳالهين جي ڪري مون کي پريرڻا ملي ءَ قلم هٿ ۾ کنيو ءَ هلندو رهيو ءَ اڄ هيءُ ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. عطر اهو جو پنهنجي سونهن ءَ سوپيا سان سينيِ کي موهي ءَ نہ پنهنجيِ سونهن عطار ڪري.

مون کي اُميد آهي تہ ’زندگيءَ جا روپ نرالا‘ رچنا. سنگرهہ جي الڳہ - الڳہ وشين تي لکيل ۲۱ مضمون ذريعي جيڪي ويچار ونديا آهن، سي پاٺڪن کي سوچڻ لاءِ ضرور مجبور ڪندا. منهنجو قلم وقت، وَسَ ءَ وِت انوسار جاري رهندو. شاهہ صاحب چيو آهي. ’تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ناهي ويل وهڻ جيِ.‘ آخر ۾ هڪ سٽ هيءَ بہ، ’مڙيئي مدايون مون ۾، ناهي هڪ هوتن‘ هند، سنڌ ۾ هاڪاري غزل گوُ شاعر نارايڻ شيام جو شعر لکڻ ضروري تي سمجهان ءَ بس،

” هجي جا ڪاڻ خوبين جي ءَ عيبن کان بنهہ آجيِ،
نہ پنهنجي شاعري اَهڙيِ، نہ پنهنجي زندگي اَهڙيِ.“

اندرا ٻلديو ٻڌراڻي ’شبنم‘



سونهن پري آهي. هن جي عبارت بہ نرالي آهي جنهن ۾ گهڻن ئي هنڌن تي طنز ۽ مذاق سمايل آهن. انهن مضمونن ۾ هڪ ڳالهہ جنهن مون کي سيني کان وڌيڪ متاثر ڪيو آهي، اُها هيءَ آهي تہ انهن ۾ جيون جي سچائي سمايل آهي. اندرا پنهنجي عملي جيون ۾ جيڪي محسوس ڪيو آهي، جيڪي ڀوڳيو آهي، جيڪي لاها- چاڙها ڏنا آهن ۽ جيڪي ڪتا - منا، وٺندڙ ۽ اٺوٽندڙ انيءُ حاصل ڪيا آهن، تن جو سليس ٻوليءَ ۽ سهڻي عبارت ۾ اظهار ڪيو آهي. اهي انيءُ اسڪول جيون جا آهن تہ شاديءَ کان پوءِ سندس گهرو جيوت جا بہ آهن. اهي وڏن شهرن جي مارڪيٽن ۽ بازارن جا آهن تہ سماج ۾ وچولي درجي جي عام ڪٽنبن جا بہ آهن. اندرا جي مضمونن ۾ شخصي زندگيءَ مان حاصل ڪيل عملي فلاسافي بہ سمايل آهي.هنن مضمونن ۾ گوناگونيت آهي. لکڻ جو ڍنگ سياويڪ آهي. ٻوليءَ ۾ روانيءَ سان گڏ رنگيني بہ آهي. پهاڪا، چوٽيون، محاورا ۽ سي حرفيءَ جو استعمال ڪيل آهي جيئن تہ ڪوسو واءُ نہ لڳڻ، ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾، ڪک جو لک ۾ تہ لک جو ڪکہ ۾، اڄ هما، سڀان تما، مينهن چوي ڳانءِ کي هل ڙي پُڇ ڪاري، ڪڏون ڪوتڻ، پهہ پچائڻ، زيردست ۽ بالادست وغيره ٻوليءَ جا زيور استعمال ڪيل آهن. اندرا ٻڌراڻيءَ گهڻن مضمون ۾ هندي شعر اهڙا تہ نهڪائي لکيا آهن جو اهي سليس سنڌيءَ جي سونهن ٿا وڌائين. چمچاگيريءَ جي چقمقي چاهت بہ سي حرفيءَ جو مثال آهي، اندرا جا مضمون هنديءَ ۽ سنڌيءَ جي مشهور ليکڪن ۽ شاعرن جي حوالن سان بہ ڀرپور آهن جنهنڪري

ڀڳونداس شهاڻيءَ سندس لياقتن جو قدر ڪندي ڪيس ماستر جي عهدي تي مقرر ڪيو. اندرا آڏواڻيءَ به ان اسڪول ۾ پڙهندي هئي ۽ پوءِ ٽيچر بڻي. ماستري ڪندي ڪندي هن به ايم.اي.، بي. ايڊ جا امتحان پاس ڪيا ۽ پوءِ سپروائيزر جي عهدي تي مقرر ٿي. وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو. اندرا، ٻلديو سان لائون لڌيون ۽ اندرا آڏواڻيءَ مان بدلجي مسز اندرا ٻلديو ٻڌراڻي بڻي. ٻلديو به پنهنجي قابليت سان ترقي ڪري نوين هند هاءِ اسڪول، پونا جي پرنسيپال جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو ۽ سينٽ ميران ڪاليج فار گرلس، پونا ۾ اٽڪل ١٠ سال سنڌي وشيه جو پروفيسر پڻ بڻيو. سندس جيون ساٿڻ اندرا به بي. ٽي. شهاڻي نوين هند هاءِ اسڪول ۽ جونئير ڪاليج، پٽي جي سپروائيزر جي پد تان رٽائرڊ ٿي آهي. سندس ٻئي ٻار، ڌيءَ ۽ پٽ انجنيئر آهن ۽ دبئيءَ ۾ نوڪري ڪندا آهن. ان طرح ڪال- چڪر پنهنجيءَ مستاني چال سان هلندو پيو رهي.

اندرا جو موڪليل مضمونن جو مجموعو ''زندگيءَ جا روپ نرالا'' منهنجي هٿن ۾ آهي. هن کان اڳ اندرا مضمونن جا ٻه ڪتاب لکيا آهن، پشپ چمن جا ۽ آئينو زندگيءَ جو. هن مجموعي ۾ ڪل ٢١ مضمون آهن جي شڪشا، سماج ۽ سيتا سان تعلق رکندڙ آهن. اندرا جا مضمون هندواسي، رهاڻ، ادبي چمن، هلچل، سنڌو مشعال، ڪونج، سپون وغيره مئگزنس ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. انهن کان سواءِ ڪجهه مضمون اهڙا به آهن جيڪي پهريون دفعو هن ڪتاب ۾ شايع ٿي رهيا آهن. مضمون پڙهڻ سان هڪدم ظاهر ٿئي ٿو ته اندرا جي ٻولي پڪي - پختي ۽

بن گهڙين جي بهار ۾ کليءَ جو مثال ڏيئي ڏيکاريو ويو آهي. ته انسان کي ڪنهن به ڳالهه تي غرور نه ڪرڻ گهرجي اسين سنسار جي مهمانسراءِ ۾ چند ڏينهن جا مهمان آهيون.

هن مجموعي جي رچنائن جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته ليکڪا انهن ذريعي پاٺڪن سان سڌو مخاطب تي سؤليءَ، سليس مثالن پريل ٻوليءَ ۾ پنهنجا ويچار وندي تي. سندس اها ڪوشش عام پاٺڪن ۾ ضرور پسند پوندي. اندرا کي پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ ۾، لکڻ ۽ اظهار ڪرڻ جو عمدو ڏانءُ آهي جنهنجي ساک هن مجموعي ۾ شامل ڪيل مضمونن مان ملي تي. ان لاءِ کيس ڪيل محنت لاءِ داد تو ڏيان.

مون کي پوري خاطري آهي ته سنڌي ادب ۾ ۽ خاص ڪري سنڌي مضمون نويسيءَ جي کيتر ۾ اندرا ٻلديو ٻڌراڻيءَ جو هيءُ ڪتاب ''زندگيءَ جا روپ نرالا'' اعليٰ درجي جي ادبي رچنائن جي قطار ۾ ڳڻيو ويندو. مان اُميد تو ڪريان ته اندرا پنهنجي قلم سان وڌيک ۽ وڌيک لکي، سنڌي ساهتيه جا گهڙا ڀريندي رهندي.

ڊي- 127،
وويک وهار،
دهلي - 110095

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي
اڳوٽو وائيس چيئرمن،
سنڌي اڪيڊمي،
دهلي،

پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ آسان آهن. انهن سيني خوبين ڪري هنن مضمونن ۾ سٽائيل يا عبارت جي لچڪتا آهي. ٻوليءَ جي شيريني، لفظن جي چونڊ ۽ اصطلاحن جو استعمال مضمونن ۾ سمايل خيال کي سمجهڻ ۾ آسان ٿا ڪن. هنن مضمونن ۾ نفيس، جذباتي ۽ فيلسوفاڻا چاهي منو وگيانڪ ويچار، نزاڪت، مڌرتا سان پيش ڪيل آهن جن مان اندرا جي فن، فڪر، ڄاڻ ۽ اڀياس جي ڄاڻ پوي ٿي. اندرا ٻڌراڻي هڪ سڦل ۽ آدرشي ماسترياڻي آهي. هن پنهنجي سڀاءُ موجب ئي مضمونن جي وشين جي چونڊ ڪئي آهي.

مونکي معاف ڪجو، ڪيئن ٿا ٻڌاڪ هڻون، خوشامد، مضمونن ۾ طنز ۽ مزاق ڏيکاري ويئي آهي. سماجڪ گراوٽ، شل، نہ ڪنهن ۾ ڪم پوي! سماج ۾ ڦهليل اوڻاين جو سهڻي نموني ذڪر ڪيل آهي. سدا ياد، اُها ملاقات ۾ ليکڪا پنهنجا آزمودا سڌا سنواٽا بيان ڪيا آهن. جن مان ڪي اکين کي آلو ڪن ٿا. ڇانوُ نئين وشيہ آهي،، مان - مرتبي، ڌن- دولت، پاڙي، ابي، امڙ جي ڇانوُ بي بقا آهي پر سنتن، ستپرکن جي ڇانوُ جٽادار آهي جيڪا فرش کان عرش تائين پهچائي ٿي. ’’آنسون‘‘ شبنم جي قطرن جيان آهن. پيار، خوشي، اَشانتي، بيوسيءَ جا آنسون اکين مان نڪرڻ کان پوءِ من شانت ٿا ڪن. ڪي ساتوڪ آنسون بہ ٿيندا آهن. کميا ۽ شڪرگذاري مضمونن ۾ زندگيءَ ۾ انهنجي اهميت ٻڌائي ويئي آهي. آلوچنا ۽ آئينو ڏسُ ۾ اندر ۾ جهاتي پائي پاڻ کي پرکڻ جي نصيحت ڏني ويئي آهي. هر دلعزيز شاعر پرسرام ضيا جي فن ۽ شخصيت جو بخوبي چٽر چٽيو ويو آهي.

معاف ڪجو جو مان پنهنجي جيون جو خانگي پروگرام توهانکي نٿو ٻڌائي سگهان!

سو اَدا، مان آهيان اوهان سڀني جو شڪرگذار، آڀاري، ٿورائتو، احسانمند. اڃا به جيڪر ڪجهه چوان پر معاف ڪجو هن وقت لفظ خيال ۾ نٿا اچن ۽ سياءُ طور وري آهيان به ٿورو ڳالهائو! اڪر آهن موتي، ماڻڪ، هيرا، جواهر سوچي سنڀالي، ڇڃي ڇٽي، ڳٽي ڳوتي، توري تڪي، ساري ويچاري، سمجهي ٻجهي ڳالهائيندو آهيان. معاف ڪجو جو هن وقت مون وٽ اهو لکيل پنو مؤجود نه آهي جنهن ۾ وڏن وڏن، مهان، اعليٰ، اُتم، سريشٽ، مشهور، ناميارن، معروف ڀاشڻ ڏيندڙن جا اکر لکيل آهن ۽ جن سان مان پنهنجين تقريرن کي سينگاريندو آهيان، ماڻهن جون دليون کينچيندو آهيان، مقناطيسي ڪشش پئدا ڪندو آهيان، لڀائيندو آهيان، وس ڪندو آهيان، آڪرشت ڪندو آهيان.

معاف ڪجو مونکان اهو وسري ويو آهي، ڀلجي ويو آهي ته مان هت ڇو آيو آهيان! جي حاضرينن مان ڪنهنکي تڪليف نه ٿئي، ڪشٽ نه ٿئي، اهنج نه ٿئي، ٿربل نه ٿئي ته مونکي ٻڌائي ته محفل ڇاجي آهي؟ معاف ڪجو جي هت ٿڌو پاڻي، ٿڌو جل، ٿڌو نير، ٿڌو واٽر هجي ته هڪ گلاس، هڪ پيالو، هڪ ڪٽورو پياريو ته مان پنهنجي پياس، اُڃ ٻجهائي اڳتي وڌان. پاڻي پيِ مان توهان جو گهڻو وقت، سميه، ٽائيم، ٽيم نه وٺندس ۽ جنهن ڳالهه، جنهن وشيه، جنهن سبجيڪٽ تي مان



مونکي معاف ڪجو

او اَدا، او پائوُ، او پيارا، نينهن ۾ نيارا، سدا سونهارا مونکي
معاف ڪجو جو اڄ مان بہ، تي ڪلاڪ مقرر وقت کان ديرسان
پهتو آهيان هونئن تہ مان وقت جو ڏاڍو پابند آهيان، ڪنهن
پروگرام تي پهچڻ لاءِ وقت جي لڪشمڻ ريکا جو پالن ڪندو
آهيان پر لاچاريءَ جو ڪو آچار ڪونهي! ڇا ڪريان، ڪم ڪي
ڇڏين تہ ڇا؟ صبوح جو ستين بجي کان وٺي پيرين پنڌ پيو
گهمان. اڄ اوهانجي گهر ماني کاڌي، پاڻڻ ڏنم تہ رات ريل ۾
رليس. شام جو شهر ۾ شئل ڪيم تہ منجهند مائٽن وٽ گذاريم

رکندو آهيان ڇو جو مونکي نالو، ناماچار، مشهوري، ڪيرتي، يش، واهه واهه، پرسڌي يا فيم نه وڻندو آهي پر ماڻهن کي سيکارڻ لاءِ، مثال پيش ڪرڻ جي خيال کان، لحاظ کان ڪٽي پنهنجو هڪ فوٽو، ننڍي تصوير يا عڪسي چتر اخبار کي موڪليندو آهيان ته جيئن ماڻهو به پنهنجي حياتي، جيون، زندگي، جيوت سنا ڪرم ڪري شاد ۽ آباد بڻائين!

اڙي منهنجي عجب، حيرت، تعجب، آشچريه جي حد، سيما، لڪشمڻ ريکا نه رهي جڏهن،

''اخبار ۾ ڳولهيو تي مون خبرن جي خبر ڪي، منهنجو فوٽو نڪو نالو نظر آيو.''

دوستو، مترو، سڄڻو، رفيقو، ساٿيو معاف ڪجو اجا مون پنهنجي مول، مکيه ياشڻ جو شري گڻيش، شروعات، آرنڀ، آغاز يا بگننگ نه ڪيو آهي جو هتي ٻڌندڙ ماڻهو تمام ٿورا آهن. مان وڏن وڏن ميڙن ۾ تقريرون ڪرڻ تي هريل آهيان سو هت جيستائين ڍهوڻا ماڻهو نه گڏ ٿيندا، جمع ٿيندا، ڪنا ٿيندا، مڙندا تيستائين مان ليڪچر نه ڪري سگهندس. ماڻهو جڏهن گڏ ٿين ته مونکي ٻڌائيندا، سوچنا ڏيندا، اطلاع ڏيندا، انفارم ڪندا ته مان هڪدم، جلدي، اميديٽلي، يڪدم، بروقت ياشڻ ڏيڻ لاءِ هليو ايندس ۽ پوءِ توهين منهنجو چڱيءَ طرح، سنيءَ طرح، من موهڪ نموني، طريقي آدرستڪار، مان شان، عزت آبرو، سواگت ڪندا.

ڳالهائيندس، تقرير ڪندس، ڀاشڻ ڏيندس، وياکيان ڪندس،
ليڪچر ڏيندس سو توهان کان ڳجهو، لڪل، مبهم، پوشيده نه
هوندو ڇو ته ننڍي هوندي وديارٿي- جيون ۾، شاگردي زندگيءَ
۾، اسٽوڊنٽ لائيف ۾ مان هوشيار، بيدار مغز، ذهين،
انٽيليجنٽ، سمجهو، عقل ۾ اڪابر، ڪليور هوندو هوس
تنهنڪري منهنجا اُستاد، ٽيچر، اڌياپڪ، ماستر، شکشڪ،
گروجي چوندا هئا ته مان وڏي هوندي هڪ معتبر ماڻهو، مهان
انسان، مهان هستي، مهان ويڪتي، اعليٰ شخصيت، اوچ يا
گريٽ مئن، گريٽ پرسنئلٽي، ٽرو جينٽلمئن ٿيندس. مان
پنهنجي وڏائي، مهانتا، تعريف، ساراهه، واکاڻ، پريز
پنهنجي، معاف ڪجو ڪنهنڪي ٻيو ڪو اکر، لفظ، شبد يا ٻيو
ڪو ورڊ ايندو هجي ته مونکي ٻڌائي جنهنجو مطلب، اَرٿ،
معنيٰ يا مينِنگ هجي ساراهه، معاف ڪجو مان اوهان مان اهڙ
اُميد، آشا اَجائي ٿو رکان ته توهين مونکان وڌيڪ ڄاڻو، گياني
آهيو تنهنڪري معاف ڪجو جو توهان کان انهي اکر جي باري
۾، بابت، سنبنڌ ۾ پڇا ڪيم.

اڄڪلهه، معاف ڪجو، ڀاشڻ ڏيڻ هڪ ڪريز، مرض، روڳ
بيماري ٿي ويو آهي جتي وڃو اُتي ماڻهو پيا ليڪچر، ڀاشڻ
وعظ، تقريرون، وياکيان ڪن. ڪم جو ٿيو پلو! مان تمام نهنو
نماڻو، حليم، همبل، نئڙت وارو، لڄارو، ناچيز، شرميلو انسان
آهيان. مان وڏائي، گهمنڊ، اهنڪار، آپو، خودي، گيرب، ايمان
کان ڏهه ڪوهه پري ڀڄندو آهيان. مان ڪم ڪرڻ ۾ وشواس

سمجهه، ڏي جو توهين سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق، تفاوت، ڀيد سمجهي سگهو. توهانکي تہ منهنجي عادت، سڀاءُ، فطرت جي ڀلي ڀانت، بخوبي، چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي تہ مان نہ ڪڏهن ڪوڙ ڳالهائيندو آهيان ۽ نہ وري سچ جي ويجهو ويندو آهيان. مان جتي بہ وڃان، اُتي اهائي سکيا، نصيحت ڏيندو آهيان تہ جيڪڏهن توهين پنهنجي زندگيءَ جو چمن، باغ، گلستان، بوستان، گلشن، باغيچو، ڦولستان سدائين هريو ڀريو، گلزار، سرسبز، شاد، آباد، سدا بهار، تڙيل رکڻ چاهيو ٿا تہ پنهنجي اندر مان، ساڙ وير، ٻيائي، حسد، دشمني، بغض، ڪينو، ساڙ پڇ ڪڍي ڇڏيو، ڇو جو-

”نہ تون رهندين، نہ مان رهندس، نہ هوُ رهندو،
وڙهون ڇا لاءِ؟
نہ تون ڪٽندين، نہ مان ڪٽندس، نہ هوُ ڪٽندو،
وڙهون ڇا لاءِ؟
اڄ تون ويندين، سُڀان مان ويندس،
پرهينءَ هو ويندو، وڙهون ڇا لاءِ؟
نہ تون ورندين، نہ مان ورندس، نہ هوُ ورندو،
وڙهون ڇا لاءِ؟

مان توهان سڀني جو تهدل شڪرگذار، آڀاري، ٿورائتو، اَحسانمند آهيان جو توهان مونکي لذيذ نيرن، سوادي لنچ، چشڪيدار ڊنر ڪارائي، مان توهانجي ڏنل عزت آبرو، مان- شان،

منهنجا مهربان، قدردان ساٿيو، معاف ڪجو جو مان توهان
صاحبن کان هڪ سوال، هڪ پرشن، هڪ ڪُشچن ٿو پڇان جو
شايد توهان کي اُگرو لڳي، خراب لڳي، برو لڳي، اَٽوٽندڙ لڳي،
نيڪ نہ لڳي يا اٽسهائيندڙ لڳي پر تڏهن بہ پڇان ٿو. معاف
ڪجو ٿڪجي پيو آهيان جنهنڪري ڪرسيءَ تي ويهي تمام
جلد يعني پنج - ڇهہ ڪلاڪ آرام ڪندس، تيستائين توهين
ويهي انتظار ڪندا تہ اهو سوال ڪهڙو آهي؟ شل، پرماتما
توهانکي ٥-٦ ڪلاڪ انتظار ڪرڻ لاءِ شڪتي، سگهہ، طاقت،
همت ڏي! اڙي، هي ڇا، توهين هلندا ٿا وڃو ڇا؟ معاف ڪجو
توهين ٿڪا هوندا يا شايد منهنجي سوال جو جواب نہ ڏيئي
سگهندا تنهنڪري توهين هليا ٿا وڃو! معاف ڪجو مان بہ وري
اهو سوال هاڻ نٿو پڇان ڇو جو تمام لنبو سوال آهي ۽ پيچيد
پڻ آهي جنهن لاءِ وقت بہ لنبو گهرجي. معاف ڪجو مان وري
توهان جي ٻِي ڪنهن ميٽنگ ۾، سڀا ۾ شريڪ ٿيندس
پريزيڊنٽ يا سڀاپتي يا صدر ٿيڻ قبول ڪندس. معاف ڪج
مان توهان کان اجازت ٿو گهران. موڪلايان ٿو. مونکي توهين
ڪڏهن بہ نہ، بلڪل نہ، هرگز نہ، ڪداچت نہ وسارجو. سدائين
سديو هميشهہ هردم، سدا، نت ياد رکجو ڇو جو مان توهانج
ڄاڻل سڃاڻل، ڏٺل وائٺل، پرکيل، آزمايل همسفر آهيان. مو
جهڙو انسان ايڪن ۾ آهي ڪونہ، ڏهاڪن ۾ ڏسجي ڪونہ، سؤ
۾ سُجهي ڪونہ، هزارن ۾ هجي ڪونہ، لکن ۾ ليڄي ڪونہ
ڪروڙن ۾ ڪو ڪو. شل، ايشور توهانکي عقل، دماغ، ٻڌي

مڌر وهنوار، رکيتو سدا خوشگوار

''مٺا ٻول تن جا ماکيءَ منڙا،
ٻُڌيِ پاڻ کي آهہ هرڪنهن ڀُلايو.''

اسان کي اهو ڀلي ڀانت سمجھڻ گھرجي تہ مڌر ۽ هِتَ ڀري واڻي ٻين کي آنند، شانتي ۽ پريم ڏيندي آهي تہ خود کي بہ خوشي، سُکون ۽ پيار بخشيندي آهي، سدگڻ پئدا ٿيندا آهن، من کي پوتر شکتي پراپت ٿيندي آهي ۽ ٻُڌي نرمل ٿيندي آهي. اسانجي ساڌن- سنتن، رشين- منين پنهنجن اُپديشن ۾ مڌر وچنن تي خاص زور ڏنو آهي. سنت ڪبيرداس فرمايو آهي-

''ائسي باڻي بوليئي، من کا آپا کوءِ،
اورن کو شيتل ڪري، خود ڀي شيتل هوءِ.''

مڌر وچن ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻنهي کي سک پهچائيندا آهن ۽ ٻئي طرف ڪنور لفظ صرف ڪنن کي ئي نہ بلڪ پوري شرير کي پيڙا پهچائيندا آهن تنهنڪري لفظن جو پريوگ سوچي سمجھي ڪرڻ گھرجي، مان اگر ڪنهنکي چوان، 'تنهنجو ڏئڏي توکي ڪوٺيتو' ۽ انهن لفظن جي بدران جيڪڏهن مان کيس چوان تہ 'توکي ماڻهين جو مڙس ٿو سڏي' تہ هرڪو اتي پاءُ ڪائيندڙ سمجھي سگھي ٿو تہ اهڙن اکرن جو کهڙو نتيجو

خاطرداريءَ لاءِ ڏاڍو خوش پرسن آهيان ۽ ائين ئي توهين مونکي
نينڊ، نوتو ڏيئي گهرائيندا تہ مان هڪدم، بروقت هليو ايندس
منهنجو بہ اهو سياءُ آهي تہ مان ڪٿي بہ، ڪنهن وٽ بہ خالي
هٿئين نہ ويندو آهيان. توهان سيني لاءِ پڻ دعائن جو جهول
پري آيو آهيان.

”تمام عمر آپکو زندگي کا پيار ملي،
خدا کري ڪِ خوشي آپکو بار بار ملي،
ميري دعا هئہ، رهين قول آپکي راهون مين،
قدم قدم پي آپکو، مؤسم-ي-بهار ملي.“

شل، توهين سدا شاد ۽ آباد رهو، نہ ڪڏهن وسرو، سدا يا
رهو. ڇڱو مترو، خدا حافظ !

لب پي آتي هئہ دعا بنکي تمنا ميري،
زندگي شمع کِي صورت هو تيري.“

●●●

ائين ڪرڻ سان اسان جي لفظن ۾ ازخود مٺرتا اچي ويندي. اَڪر هيو ڪير ڪڙو ڳالهائي، گاريون ڏئي ته اُن جو اسان تي اُگرو اثر ٿئي ٿو ۽ ساڳي ڳالهه ٻئي سان به لاڳو آهي. سيني ۾ ساڳيوئي سائين سمايل آهي. جڏهن مان اَپ - شبدن جو استعمال ڪري ٻئي جي دل ڏکويان ٿو ته مونکي اهو سمجهڻ گهرجي ته مون ۾ جيڪو سائين سمايل آهي، مون اُن کي ڏکويو آهي. زبان مان نڪتل هڪ دل چيڙيندڙ لفظ زندگي ڀرجي رشتن کي ناسور بڻائي ڇڏيندو آهي. شاعر سچ چيو آهي-

”عمر ڀر ڪِي بات بگڙي اِڪ ذرا سي بات مين،
ايڪ لمحا زندگي ڀر ڪِي ڪمائيِ کا گيا.“

ڍنگ سان چيل ڳالهه ڀريه ۽ مٺر لڳندي آهي. ماءُ جي ڀاءُ کي 'ماما' چئي ڪوٺيون ته سٺو لڳندو آهي پر جيڪڏهن ڪيس 'پيءُ جو سالو' ڪري سڏيون ته سياويڪ طور برو لڳندو. ڳالهائڻ ۾ ٻئي کي عزت ڏيڻ سڦلتا جي ڪنجي آهي. ڳالهه منهن مان ڪڍڻ کان اڳ ئي سوچڻ گهرجي ۽ اُن جي اَثر ۽ نتيجي جي ڪلپنا ڪرڻ گهرجي، متان پوءِ پڇتائڻو پوي! ڪو شخص ڪنهن ڏينهن آفيس ۾ ديرسان ٿو اچي ته ديرسان اچڻ جو سبب پڇڻ بدران، اُن کي جيڪڏهن ائين چئجي، 'پيارا، روز ته توهين دفتر ۾ پوري وقت تي ايندا آهيو، اڄ ڇا ٿي ويو جو آفيس ۾ پوري وقت تي نه پهچي سگهيا؟“ اهڙي قسم جي واپرايل لفظن سان ڪيس برو نه لڳندو ۽ هوُ نسنڪوچ ٻڌائيندو. ڪٽنب- پريوار ۾ به واڻيءَ جو استعمال ڪرڻ وقت اهو ڌيان رکڻ گهرجي ته

نکرندو؟ چوٽي آهي تہ اهائي زبان اُس ۾ وهاري، اهائي زبا
چانوَ ۾ وهاري. ڪرشڻ ڀڳتي ڪاويہ ۾ پرسڌ ڪوي رحيم جو چو
آهي،

”رحمن جِهوا باوري، ڪهہ گئي سرگ پتال،
آپ تو ڪهہ ڀيتر ڀئي، جوُتي ڪات ڪپال.“

شاعر رحيم چوي ٿو تہ زبان بانوري آهي، ڪنهنکي چڱو
ڪنهنکي خراب چئي اندر هلي وڃي ٿي پر اُن جو اثر اهو
ٿئي جو ٻُلن کي موچڙا ڪاٽڻا پون ٿا. سنسڪرت ۾ هڪ سلو
آهي، ڪانوَ ڪارو آهي، ڪوئل بہ ڪاري آهي، ٻنهي ۾ ڪهڙ
فرق آهي؟ ڪيئن سڃاڻي سگهجي تہ ڪانوَ ڪهڙو آهي ۽ ڪوئ
ڪهڙي آهي؟ شاعر چوي ٿو-

काक: कृष्ण, पिक:कृष्ण, को भेद पिक काकयो:
वसंत समये प्राप्ते, काक: काक:, पिक: पिक: ।

بهار جي مند ۾ جڏهن ڪانوَ ۽ ڪوئل ٻئي آواز ڪڍن ٿا
ٻنهي جي آوازن، سُرن مان پتو پوي ٿو تہ جيڪو پکي ڪار
ڪان ڪري ٿو تہ اهو ڪانوَ آهي ۽ جيڪو پکي پنهنجي م
آواز سان من موهي ٿو، اها ڪوئل آهي. زبان مان ٻئي ک
رنجائيندڙ لفظ جو استعمال نہ ڪرڻ گهرجي. اسين جيڪ
ڪجهہ ڳالهايون سو چپي چٽي، صاف، مڌر هجي. زبان تي ٻُ
۽ ڪنور واٽي جلد اچي ويندي آهي. ڳالهائڻ وقت اسان ک
کپي تہ اسين ضابطو رکون، سوچي سمجهي، تکي توري چئو

هوندي آهي اُن جو من پڻ گندو هوندو آهي. مهان پنڊت مدن موهن مالويه کي ڪنهن اعليٰ ودوان چيو ته ”توهان مون کي سؤ گاريون ڏيئي ڏسو، مون کي غصو نه لڳندو.“ پنڊت اُن کي جيڪو جواب ڏنو اهو انهنجي مهانتا ظاهر ڪري ٿو. هنن چيو، ”اوهانجي غصي جو امتحان ته پوءِ ٿيندو ليڪن منهنجو منهن ته پهرين خراب ٿي ويندو.“ چوندا آهن ته زبان شيري، ملڪ گيري، شاعر چوي ٿو،

”غير اپني هو جائين، شيرين هو گر اَپني زبان،
دوست هو جاتي هئن دشمن، تلخ هو جسڪي زبان.“

سوامي وويڪانند چوندا هئا، ”توهان ڪنهنجو مڪان ڪسي وٺو. اهو پاپ ته آهي پر ايترو نه، گهور پاپ نه آهي. ڪنهنجو ڌن- دولت، مڪان- دڪان کسڻ گهٽو پاپ ته آهي پر ڪنهنجي شرڌا جي ڏور ٽوڙڻ، ڪنهنجي دل ٽوڙڻ وڏو پاپ آهي. وڏو گناهه آهي ڇو جو ان شرڌا روپي مهڪندڙ ڦولن دواران ته هوُ پنهنجي زندگيءَ ۾ مهڪ ماڻي رهيو هئو، ان شرڌا جي سهاري ته هوُ پنهنجي دلبر جي ديدار جي هڪ تمنا پنهنجي دل ۾ پوشي رهيو هئو.“ شاهه حافظ چيو آهي، ”اي انسان! تون ڪنهنجي زندهه دل ڪڏهن نه ٽوڙجه ڇو جو هن جي دل ۾ دلبر خود رهندو آهي.“

چوڻ جي ڍنگ ۾ ٿوري تبديل آڻڻ سان ڪم ڪرڻ جي شڪتيءَ ۾ وڏو اثر ٿئي ٿو. هڪ مرد پنهنجي زال کي چيو، ”اڄ ماني سٺي نه نهي آهي.“ ان تي زال ڏمرجي چيو، ”ڪنهن ٻِ

مان جنهن سان ڳالهائي رهيو آهيان اهو ڪا مشين نه آهي،
روبٽ ڪونهي، لوهه جو پتلو ڪونهي پر منش آهي. اُنکي به دل
آهي جيڪا مون کي آهي. هر دل کي سنيهه، سهانيوتي ۽ آد
جي ضرورت ٿيندي آهي تنهنڪري پاڻ کان وڏن سان ونيه پري
وهنوار، هم عمر وارن سان پريم ۽ ننڍن سان ديا ۽ همدردي پري
ورتاءُ ڪرڻ سان چمتڪاري اثر ٿيندو آهي. ڪنهنجي به اُگر
لفظ چئي دل نه ڏکوئڻ گهرجي ڇو جو اُن ۾ خود دلبر رهند
آهي. مقبول شاعر ليکراج عزيز چيو آهي،

”ڪنهن جي به دل ونڻ ۾ سهڻو ثواب آهي،
هيءُ تيرٿن ۾ تيرٿ ٿي لاجواب آهي.“

پڙادو آواز جي پيروي ڪندو آهي ۽ صحيح صاف آواز ٿي
لڳندو آهي. نيڪ انهيءَ طرح ٿي اسان کي ٻين وٽان اهوئي
اهڙوئي ملندو جيڪو ۽ جهڙي نموني اسين انهنکي ڏينداسين
ڦل ٻج کان وڏو ٿي ٿيندو آهي. سک چاهيو ٿا، ٻين کي سک ڏي
عزت، شان چاهيو ٿا ته ٻين کي پڻ عزت ڏيو. ڀلائي چاهيو ٿا
ڀلائي ڪريو. جهڙو ٻج پوکيندا، اهڙو ئي ڦل لٽندو. اهو وهنو
جو سڌانت آهي. جيون صرف ميٽنگن ڪرڻ لاءِ ڪونهي. ج
مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪونهي. سماج سڌارڪ جو ڀوت دماغ ۾ ڪڻ
گهمڻ لاءِ ڪونهي بلڪ جيون نتيه شڌ، ٻڌ ۽ مڪت وهنو
پرگهٽ ڪرڻ لاءِ آهي. مڌر ۽ مني واٽي ٻين کي آنند، شانتي
پريم جو دان ڏئي ٿي. مک مان اهڙو وچن نه ڪڍو جو ڪنهنج
دل کي دک رسائي يا نقصان پهچائي. جنهنجي زباني گند

جو خوشيءَ سان ڪندو. شاعر چوي ٿو:

''ڇُري ڪا، تلوار ڪا، تير ڪا تو گهاؤ ڀرا،
لگا جو زخم زبان ڪا، رِها هميشا هرا.''

ڳالهه ٻولهه جي سلسلي ۾ سامهون واري کي وزن ڏجي ۽ نه پاڻ کي. سٺي ڍنگ سان چيل ڳالهه اَثر ڪري ٿي. بنا مطلب جي چيل ڳالهه جو اُلٽو اثر نڪري ٿو. پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ وارن سان دوستي ۽ پنهنجائپ جو ورتاءُ ڪرڻ سان ڪم جو بوجهه هلڪو محسوس ٿئي ٿو ۽ ڪم ڪرڻ جي شڪتي وڌائي ٿو. جتي پنهنجائپ جي ڀاونا نه هوندي، اُتي ڪم ڪرڻ واري يا ڪرائڻ واري جي وچ ۾ ويڇو پيدا ٿيندو ۽ ڪم نيڪ ڍنگ سان نه ٿيندو. حقيقت ۾ ڇل - ڪپٽ يا دڙڪي داٻ سان ڪم بگڙجندو آهي. پريم، همدردي، عزت، مان، مٺا ٻول، تياڳ وغيره سان توهين هميشه لاءِ ڪنهن کي به پنهنجو بڻائي سگهو ٿا. توهان جي اهڙي ورتاءُ ڪري ماڻهو اوهان لاءِ سد ڀاونا ۽ تياڳ جي پرورتي ڌارڻ ڪندا. ماڻهن جي دلين ۾ اوهان لاءِ بيحد قدر ۽ پيار پريو استان قائم رهندو. ڪوبه شخص اسان جي چوڻ يا اشاري جو ڪهڙي روپ ۾ عمل ڪري ٿو اهو اسان جي ورتاءُ تي مدار رکي ٿو ۽ صحيح طريقو اهوئي آهي جو ڪو ڪم ڪرڻ واري وٽان اُن جو تز نتيجو نڪري. سيني سان همدردي، پريم ۽ نمرتا پريو دوستيءَ جو ورتاءُ ڪريو. سنسار ۾ گهڻا شخص اهڙا ئي ملندا جن جون تڪليفون ۽ مصيبتون ڪلپنا ڪان گهٽيون ئي وڌيڪ هونديون. ان ڳالهه ڪان چڱيءَ طرح سمجهي ڪنهن سان به ساڙ - پڇ جو

جڳهه، هوٽل ۾ وڃي ڪاءُ يا ٻي ٻائڙيءَ کي وني اچ.'' مرد کي اه
ڳالهه ڏاڍي خراب لڳي. ان مانيءَ جي ٿالهي پري هٽائي ڇڏي
جيڪڏهن زال پنهنجائپ ۽ پريم سان مرد کي چوي ها، ''سياڻ
ڪان خاص ڌيان رکي ناهيندس. اوهانکي شڪايت ڪرڻ جو موق
نه ڏيندس.'' ائين چوڻ سان اهڙي حالت نه بڻجي ها ۽ ان ج
نرادر به نه ٿئي ها. اهڙي نموني جيڪڏهن پيءُ پنهنجي پ
کي چوي ٿو، ''امتحان ۾ تنهنجيون ايتريون مارڪون نه آيو
آهن. تون نالائق آهين.'' ته، ٻار جي من تي ان جو برو اثر پو
ٿو پر جيڪڏهن پيءُ پٽ کي ائين چوي، ''پٽ محنت ڪن
ڪر. ڌيان سان پڙهه ۽ ان طرح سان تون سٺيون مارڪون ڪڻ
سگهين ٿو.'' اهڙي نموني چوڻ سان ٻار جو چاهه وڌندو ۽ پي
جي عزت به رهندي ۽ اڳتي هلي هو سٺيون مارڪون کڻڻ ج
ڪوشش به ڪندو. دڪاندار وٽ ڪوئي گراهڪ اچي چوي،'' هي
شيءِ تو وٽان وني ويو هوس، سٺي نه آهي، سو تون واپس وٺ
اهڙي وقت دڪاندار کي گراهڪ تي ڏمرجڻ نه کپي. هنک
سمجهائڻ گهرجي. ''جيڪڏهن توکي هيءَ شيءِ پسند نه آه
ته ڪا ڳالهه ڪونهي. مون وٽ ان قسم جون گهٽيئي شيون آه
ڏس، شايد ڪا پسند اچي وڃيئي. اهڙي نموني گراهڪ ج
خوشيءَ جو خيال رکي ڪري هن سان پريم ۽ همدرديءَ جو وهنو
ڪرڻ کپي. ان ريت هوُ دڪاندار جو پڪو گراهڪ ٿي ويند
''توکي هيءُ ڪم ڪرڻو ئي پوندو.'' نوڪر کي ائين چوڻ ج
بجاءِ جيڪڏهن ڪيس ائين چئون، ''مونکي وشواس آهي ته ه
ڪم تون ئي ڪري سگهندين'' ته هو اُتساهه سان اهو ڪم توه

آهي. چهري تي مسڪراهٽ هجي، زبان تي مِٺا شبد هجن، دل اندر مٺي جذبات هجي ۽ سيني سان ڪشش وارو مٺو وهنوار هجي، پوءِ مجال آهي جو ڪير وس ۾ نه هجي! لڙائي جهڳڙو بحث- مباحث، اجائي واد وواد ئي نفاق جو ڪارڻ آهي. مٺو ڳالهائڻ آب - حيات جو چشمو آهي. ٻن ٽٽل دلين کي ڳنڍڻ لاءِ مِٺا شبد سيمينٽ جو ڪم ڪن ٿا. ٻُلي شاهہ فرمايو آهي ته ڪنهنجي به دل نه ڏکوئجي. ڇاڪاڻ ته هرڪنهن جي دل ۾ پرماتما جو واسو آهي. تحقيق،

''سؤ گهر جي عبادت سان آباد ڪرين،
تنهن کان ته بهتر، هڪ دل شاد ڪرين.''

اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ڪنهن کي به ڌمڪائڻ، ڌيڄارڻ، ڪوڙ- ڪپٽ جا طريقا اپنائڻ سان ڪم نٿو ڪرائي سگهجي پر اُن جي بدران پنهنجائپ، پريم، همدردي، آتم سنمان، تياڳ ڀاونا وغيره جهڙي مٺڙ وهنوار جو پريوگ ڪرڻ سان دوُريون نزديڪين ۾ بدلجي وينديون آهن. تحقيق مٺڙ وهنوار، رکي ٿو سدا خوشگوار.

●●●

وهنوار نہ ڪري خاص پريم پريو وهنوار ڪريو. توهان سان ڪوئ
خراب هلت هلي تڏهن بہ اوهين ان سان سٺو ورتاءُ ڪريو ۽ ائي
ڪندي گهمنڊ نہ ڪريو. سٺو ورتاءُ ۽ نسوارٿ پريم پريو وهنو
ڪري سيني ۾ پريم ۽ پلائي ڦهلايو. سچي مدد ۽ همدردي پر
وهنوار ڪريو. اهوئي سچو ۽ اوچو ڪاريہ آهي.

جنهن شخص جي وهنوار ۾ پريم پريل همدردي نہ آهي
اهو انسان سنسار ۾ هڪ بوجهہ آهي. جنهنجي دل ۾ سوار
پريل آهي اهو جڻ تہ جڳت لاءِ پاراتو آهي. تکي ۽ تيز ياشا
واهپو ايترو تہ خطرناڪ آهي جو اُهو انسان جي دل کي چير
چڏي ٿو. جتي ساوڌاني ۽ هوشياريءَ سان ياشا جو واهپو ڪج
ٿو تہ اُتي ياشا ۾ چيتننا ٿئي ٿي. جيڪي ٻول جنجال پئدا ڪ
يا ٻئي جي دل کي چوٽ پهچائين، انهن جون واهپو نہ ڪ
گهرجي. گهڻو ڪري ڪيترن ئي ڪان ائين چوندي ٻڌبو آه
تہ، ”اسان جي گهر گرهستي زندگي ڏاڍي دکي گذري ره
آهي. ڏينهن رات رودن پٽڪو ۽ رڙ واڪو لڳوئي پيو آه
زندگي هڪ بوجهہ بڻجي پيئي آهي.“ شاعر اهڙي گهر ج
حالت بخوبي ظاهر ڪئي آهي.

”نهين بچتي وي گهر، بِکر جاتي هئن ٹوُٹ کر
جِس گهر مين هر اِک زبان بيلغام هو جاءِ.“

ان مان صاف ظاهر آهي تہ هوُ بين کي پنهنجي وس ۾ ر
جو منتر ڪونہ ٿا ڄاڻن يا اُن موجب هلڻ نٿا چاهين. منو ڳالهائ
مڌر وهنوار ڪرڻ ٻين کي پنهنجي وس ۾ ڪرڻ جو بنيادي اُص

لڙڪن ذريعي گھڻو ڪجھ ظاهر ڪري سگھندو آهي. مرڪي
ٻين کي خوش ٻڻائي سگھندو آهي ۽ آنسن جي ذارا وهائي ٻين
کي ٻہ ڏک درد ۾ شامل ڪري ڇڏيندو آهي. لڙڪ آهن اندر ۾
اشانتي، اسنتوش، مونجهہ، غصي، پريشاني ۽ بيوسيءَ جو اظهار!
دل اندر ڪا ڪشمڪش يا نسن جي سيٽ ۽ ڇڪتاڻ هجي ۽ دماغ
منجهيل هجي تہ شانتي ملڻ لاءِ ۽ رڳن ۾ ڍلائي آڻن لاءِ آنسون
يڪ تڪ ساڌن آهن. لڙڪن لڙڻ بعد دل اهڙي تہ هلڪي ۽ هردو
اهڙو تہ صاف ٿي ويندو آهي گويا ڪنهن نوٽ، گندي زمين جي
ٽڪري کي برسات جي پاڻيءَ ڌوئي صاف ڪيو هجي! دماغ سيتل
۽ شرير نوبنو، فرحت اچي ويندي آهي، انڪري چوندا آهن تہ
وڏوا کي ڪن وقتن تي گھوٽ بابت ياد ڏيارڻ سان هوءَ روئندي
تہ سندس دل جو بار هلڪو ٿي پوندو. شاعر سڱن آهوجا جي دل
ٻين جا لڙڪ ڏسي روئي ڏئيتي،

”لڙڪ، موتي مونکي تڏهن پاسيا،
دل جڏهن ٻئي جي غم کان روئاريو.“

اوچتو آنسن جو وهي اچڻ دل جي اونهن اُمنگن ۽ جذبات جو
اظهار آهي. منهنجي هڪ ساهيڙي آلبم ڏسي اوچنگارون ڏيئي
روئڻ لڳي. عجب ۾ پئجي مون جڏهن اُن کان ڪارڻ پڇيو تہ
چيائين تہ ڪجھ سال اڳ جي سقيم زندگي ۽ هاڻوڪي خوشحال
جيون جو تصور ڪري روئي رهي آهيان. اهي غير واجبي آنسون
نہ هئا. انهن آنسن پنيان اندر جي انهن اڌمن جي دشا سمايل
هئي تہ ڪيئن حياتيءَ ۾ ڪجھ بہ ٿِر ناهي! ڏکن وارا ڏينهڙا،

آنسون

”يي آنسون ميري دل کي زبان هئن،
مئن هنس دون تو، هنس دي آنسون،
مئن روئون تو رو دي آنسون،
يي آنسون ميري دل کي زبان هئن.“

اِهو مٿيون گانو ٻڌڻ ڪانپوءِ دل ۾ لڙڪ ۽ مرڪ بابت ويچ
اُٿڻ لڳا. آنسون تہ لڙڪ، ڳوڙها، نيڻن جو نير آهن. پيار
همدرديءَ جي ثابتي آهن. ٻين کي سبق سيکارڻ جو ساڌن آه
ڪنهنجي دل ۾ پيار آهي؟ دل ۾ همدردي آهي؟ انسانيت آهي
اهڙي سڀ خبرون ڳوڙها ڳاڙڻ سان ئي پون ٿيون نہ تہ رڳو سنگ
جو سنگدل سان ئي وهنوار پيو هلندو! شاعر جي ڪلپنا ۾ آنس
شبنمي قطرا آهن جن جي قيمت ڪٿڻ مشڪل آهي. شاعر
لڙڪ گيتن جي روپ ۾ اظهار ڪن ٿا. شاعر غم جو سواگت ڪند
چويٿو:

”منهنجي گهر ڏس، غم آيو آ،
پل آيو، ڳونائي آهي.“

پرماتما انسان کي ٻين ڪيترن ادائن سان گڏ کلڻ ۽ رو
جون ادائون عطا ڪيون آهن. ماڻهو ايڪانت ۾ فقط مرڪ

جي زرهه اوڍي لاپرواهي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪريتو پر اهي دک، غم، مايوسيءَ جا تهه ڏيري ڏيري دل جي مٿان ڄمندا وڃن ٿا ۽ اچانڪ دل جي ٻرندڙ جوالا مکيءَ جو جبل ڦاٽي پوي ٿو ۽ آنسن جو لاوا اڪڙين وسيلي نيڪال ٿئي ٿو. مهني، ڏيڏ مهني زور زور سان روئڻ ڪري دل جو بوجهه هلڪو ٿي ويندو آهي ۽ دل کي راحت ملندي آهي. پيڙا ۾ تڙڦندڙ انسان پنهنجو دک ۽ درد دور ڪرائڻ لاءِ ٻين جو در کڙڪائڻ وڃيتو پر مقبول شاعر نارايڻ شيام جي لفظن ۾،

''ڳوڙها اُگهيا نہ ڪنهن منهنجا،
پِنل هو پاند جنهن تنهن جو.''

جڏهن اسانجو من جو ميت دور هليو ويندو آهي تڏهن سندس مٺڙ ياد ۾ جيڪي املهہ موتي اکين مان ٽپڪندا آهن تن جي قيمت ڪٿڻ مشڪل آهي. وڇوڙي جي دل چيڙيندڙ احساس کي اهي آنسون ڪي قدر گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جڏهن ڪافي وقت ڪانپوءِ ولائت مان پٽ واپس اچي پنهنجي ماءُ سان گڏجندو آهي تڏهن ماءُ جي اکين مان خوشيءَ جا آنسون وهڻ لڳندا آهن. گم ٿيل ٻار جڏهن واپس اچي پنهنجي ماءُ سان گڏجندو آهي تہ ماءُ ڳڙاٽڙيون پائي ٻار کي ڀيئي چمندي آهي ۽ سندس اکين مان خوشيءَ جا آنسون وهڻ لڳندا آهن. جڏهن ڪو اوچتو ڏڏڪو دل کي پهچندو آهي تہ رڳو آنسون نہ وهندا آهن پر انهيءَ مهل تبديليون ايندیون آهن. تڏهن من ڳهر جندو آهي ۽ اکين مان آنسون وهڻ لڳندا آهن. ڪنهنجي دک ۾ آنسون

ڪشتن وارا ڏينهڙا بہ نيٺ گذريو وڃن. يھ يي گذر جائي
پارت جو اڳيون لاڏلو پرڌان منتري پوڄيہ لال بهادري شاس
سدائين هڪ پراڻو ڪوٽ نئين ٻريس هينان پائيندو هئو، پاڻ
اها ڳالھہ سمجهائڻ لاءِ تہ مان ساڳيو ئي پارت جو غريب شخ
آهيان جو ڪجهہ سال پهرين هوس.

وڏا عاليشان محل ڏسبا آهن. انهن خوبصورت عمارتن
ڪيترن پسينو وهايو هوندو! اڄ هيءُ محل اُن جو ئي نتي
آهي پر اهي ماڻهو مؤجود نہ آهن. سال ٿيا آهن، صديون گذري
آهن. هي ازغئبي دنيا ۾ گم آهن. دکي، غريب، ڪمي ڪاسب
ڪاريگر، قلعا محل اڏي هليا ويا پر قلعا بيٺا آهن. قلعن ۾ رهن
اڏيندڙ ڪٿي آهن؟ اهڙا دلپذير نظارا ڏسبا آهن تہ اکين
اڄهل آنسون وهي ايندا آهن. انهن غريبن ڪاسبين جي حال
ڪٽنب پريوارجي دل دهلائيندڙ دشا، تھ سياري ۾ نيم ن
ٻارن جي اسٿتي ۽ تنگيءَ ۾ ٻوڙها ڳاڙيندي ڏسي اهو محس
ٿيندو آهي تہ غريب جون اکيون آنسون وهائڻ ۾ ڪيترو نہ ا
آهن! اسين اڪثر مندر ۾ ويندا آهيون. چوڏاري شانتي هون
آهي. شرڌالو مٿو ٽيڪي هليا ويندا آهن. نرمل، نرموهي، نرل
براجمان مورتي مشڪندي رهندي آهي، نہ ڪنهنجي سک
خوش ۽ نہ وري دک ۾ دکي! اوڏي مهل من پرجي ايندو آهي
سپ مايا آهي. مايا جو کيل آهي! ۽ اکين مان سپاويڪ ۽ سان
آنسون وهڻ لڳندا آهن. روز مرهہ جي جيون ۾ اسين ڪي
ئي شخص سان لهہ وچڙهہ ۾ اچون ٿا. ڪي شخص خو
پهچائين ٿا تہ ڪي دلي جذبات کي ڌوڏين ٿا. انسان مضبو

۾ مخالفت ڪرڻ جي توفيق نه هوندي آهي تڏهن ويچاري وٽ پنهنجي بيوسيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ صرف آنسن جي ئي دولت بچيل هوندي آهي ۽ هن جي انهن آنسن ۾ بد دعائون پريل هونديون آهن. ڪي ڪهڙا شخص پنهنجي ڳالهه کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ ٻئي کان همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ نقلي آنسون وهائيندا آهن. اهڙي نقلي آنسن کان شل پڳوان بچائي! انهن آنسن کي مگر مڇي آنسون چوندا آهن. عام طرح چيو ويندو آهي ته زالن وٽ پنهنجي ڳالهه مڃائڻ جو سؤلو طريقو آنسون وهائڻ جو آهي. آنسون صرف استرين جي ئي دولت ڪين آهي. پُرش ڪيترا به پٿر دل چو ڪين هجن پر بهادريءَ جو ٻنڌ ٽوڙي هنن جي اکين مان آنسون ڇلڪي ايندا آهن. انسان جي احساس جو قدر ڪرڻ وارا اهي آنسون ئي آهن. پيار ڪندڙ دل پنهنجي پياري جي اکڙين جي آنسن کي پيئڻ جي تمنا رکندي آهي. شاعر ادل سومرو ساڌارڻ ۽ وچولي درجي وارن شخصن جي قياس جوڳي حالت جي جائزي جو اظهار ڪندي چويٿو:

"اُپ جا تارا مُرڪن مُرڪن،
اک جا تارا روز پينل."

جڏهن ڪو اسانجو عزيز هن فاني دنيا مان الوداع ڪري ويندو آهي تڏهن پنهنجي ڪميءَ جو احساس پنهنجي عزيزن، مٽن - مائٽن کي ڏيئي ويندو آهي. پيار ڪندڙ دليون پنهنجي اکڙين مان آنسون وهائي شرڌانجلي ڏينديون آهن. عهدي جي ڪرسيءَ تي ويٺل وڏي پڳ يا بزرگ کي جڏهن ڪا اٿوٽندڙ

وهائڻ لازمي ۽ سياويڪ ڳالهه آهي جنهن مان آخر من کي شانت
اچيتي. روئڻ هڪ قدرتي آرام آهي. ايشور ڀڳت پنهنجي پرين
کي پائڻ لاءِ آلاپ ڪن ته اکين مان لڙڪ لڙي اچن ۽ اهو آلا
ورلاپ ٻڻجي پوي. ورهه جي ماري پنهنجي پرينءَ کي پتر لکند
ته به لڙڪ لڙي لفطن کي پڪيڙي ڇڏين. عام طور زالون مرد
کان وڌيڪ ڪلن به تڪڙو ته روئن به جهٽ. ڪو ڇوڪرو اکين
آنسون آڻي ته هرڪو اچي ڪِٺ ڪري چويس، ”اڙي، زالن وان
روئين ٿو!“ بعضي نه چاهيندي به ڪو آڻسهائيندو ڪم ڪر
وجهبو آهي ته ڪجهه وقت کان پوءِ پڇتاءُ ظاهر ڪرڻ لاءِ اک
مان ازخود آنسون وهي ايندا آهن. بيوسيءَ جا لڙڪ اجايا
ويندا آهن. لڙڪ لڙي، عاجزيءَ سان هوُ ساڻ ۽ سهارو گهرن
آهي. سندس ٻوڙهن کي خير، ڪو سمجهي چاهي نه سمجهي
سندس دل ضرور هلڪي ٿي ويندي آهي. روئڻ مهل ماڻهوءَ
منهن وٽندڙ ڪونه لڳندو آهي. روئڻ سان خون به سڪندو وين
آهي ۽ گهڻو روئڻ سان ته بيمار به ٿي پئبو آهي. ڪنهن ڪن
مهل گهڻي خوشيءَ وچان به لڙڪ تري ايندا آهن ڇو جو اهڙ
وقت دل اوچتي خوشيءَ وچان منجهي پوندي آهي ۽ پريشان
وچان لڙڪن ۽ مرڪ جو انوکو سنگم ٿيندو آهي. هڪ شاعر
چيو آهي:

” آنسون ڪو ڪيي اوسَ ڪا قطرا نه سمجهنا،
اَئِسا تُمهين چاهت ڪا سمندر نه مليگا. “

جڏهن ڪو غريب اَمير جي پئسي جي طاقت اڳيان جهڪ
آهي، ڏنوان ڪمزور جو اجوڳ فائدو وٺندو آهي ۽ غريب، ڪم

انسان جي دک ۾ شريڪ ٿي نظر ايندا آهن. مان ۽ منهنجي ساهيڙي وملا صبوح جو باغ ۾ مارننگ واڪ لاءِ وياسين ته اوچتو وملا مون کان سوال پڇيو، ”اندرا، سامهون گلن جي پنکڙين تي توکي ڪجهه نظر اچي رهيو آهي؟“ مون کيس جواب ڏنو، ”ها، اهي ماڪ جا ڦڙا آهن. منهنجي نظر ۾ ته اهي ڪائنات جا آنسون آهن. هن پرٿويءَ تي ايترو ته پاپ وڌي ويو آهي جو پرڪرتيءَ سڄي رات رنو آهي ۽ آنسون ماڪ جي ڦڙن ۾ بدليا آهن. جهڙي درشٽي، تهڙي سرشٽي.“ اهڙو اظهار مقبول شاعر نارائڻ شيام پڻ ڪيو آهي،

> ”آهن دکي دلين جا ڪي ڳوڙها ڳڙيا هتي،
> هيءَ خاڪ ايترو نه ته چمڪي سگهي نه ها!“

تحقيق آنسون انسان جو املهه خزانو آهن.

●●●

ڳالهه محسوس ٿئي ٿي تڏهن دٻائڻ ۽ هيسائڻ جو موروثي حـ
سمجهي لعنت ۽ ڦٽڪار جا لفظ ٻاڻ ڪان ننڍن تي ڇنڊيندو وي
آهي ۽ اهي ويچارا دٻ ۽ ڦٽڪار کي به گل سمجهي خاموش
سان قبول ڪندا ويندا آهن ۽ پنهنجي مجبوريءَ جو اظهار آن
ذريعي ڪري سگهندا آهن. ڪير ڪنهنجي بيچينيءَ جو انت
ڪندو هجي، اهو انتظار ماءُ پنهنجي لاڏلي جو ڪري يا پت
پنهنجي پتيءَ جو يا هڪ ساهيڙي ٻيءَ ساهيڙيءَ جو ڪن
هجي. انتظار ۾ سدائين تڙڦ هوندي آهي. دک ۾ وقت بيهج
ويندو آهي ۽ انتظار جي دک ۾ نيٽن جي ڪٽورين مان آنس
بي اختيار وهندا رهندا آهن. انتظار ۾ طرحين طرحين جا خ
پيا ايندا رهندا آهن ۽ من کي پريشان ڪندا رهندا آهن.
جي پريشانيءَ کي توازن ڪرڻ جو هڪ سنو وسيلو آنسون
آهن ڪنهن دکي انسان جا آنسون اُگهڻ جو ثواب ڪن وڏيا ڳ
کي ٿو ملي! شاعر ڀڳوان نردوش اهڙن خوشنصيب انسانن
چويٿو،

”ڪنهن جا ڳوڙها پيئڻ سکي پياسي،
اهڙا پل ڀاڳ وارن کي ٿا ملن.“

دک درد جو اظهار ته آنسون مجيا ويندا آهن پر خوشي
ميلاپ جا به آنسون ٿيندا آهن. خوشي جڏهن دل اندر سمائ
نه سگهندي آهي ته اکڙين جي آنسن وسيلي پنهنجو اِظهار ڪ
ڇڏيندي آهي. سرشتيءَ ۾ جڏهن ڪٿي ڪو ظلم، زوري ٿين
آهي ۽ قدرت به اهو سهي ڪين سگهندي آهي تڏهن اندر دي
جي پاڪ اکڙين مان آنسون برسات جي روپ ۾ ڪرندا آه

”منهنجي ممي ته اسانکي کيرٽي، پڊنگ، جيلي، ربڙي، ملائي، ڪسٽرڊ، چائنا گراس ۽ آئسڪريم ڪانسواءِ ماني ڏئي ئي ڪونه. اسانجو زور آهي سئلڊ، سوپ ۽ ميون تي. ماني چانور ته رواجي طرح گهٽ ڪائيندا آهيون. در اصل حقيقت ته بِي نظر آئي! انڪري ئي مقبول شاعر هري دلگير چوي ٿو:

”سنسار ۾ اصلي نه ڪو چهرو نظر آيو،
هر اصل مٿان نقل جو پردو نظر آيو.“

هاڻي دوستو، ڪائي هرڪو اهوئي پيو اناج، ميوا، ڀاڄيون کير ۽ ماس مڇي. کير سون يا چاندي نٿو ڪائي. ڪڏهن گهٽ ته ڪڏهن وڌ. سيڪو پنهنجي هنيءَ سارو هوڪو ڏيندو، هوند سارو پيٽ پريندو. اها پنهنجي چلهه جي ڳالهه ٻئي اڳيان ڪولجي ئي چو؟ اجائي بناڪ هٽڻ جو اهو به هڪ بهانو آهي. اڄ وديا نئين ساڙهي پاتي بس، بنديا ۽ سنڌيا چو ٿيون ماٺ ڪن؟ چي، ”ساڙهي ته سني آهي پر ترُ مزي جو ڪونهي.“

ڳالهه اتيئي بس ڪونه ٿي. ”بس، صرف پنج سؤ رپئين؟“ اسانکي ته اهڙيون ساڙهيون وڻن ئي ڪونه. اسين چوندا آهيون، مهنگا روئي ايڪ بار، سستا روئي بار بار. اسانجي ته سادي ڪپڙي سان پوئي ڪونه. هيءَ ساڙهي ڇا ڏڪ جهليندي؟ ممي اسانجي اهڙا ڪپڙا وٺي ئي ڪونه ڏيندي.“ دوستو، اهي ٿيندا اٿوَ، ڀهروپي ۽ بناڪي! هاڻيءَ جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا ته ڏيکارڻ جا ٻيا؟ اٿس ڪيسا خالي، سمجهيٿو ملڪ جو والي! ليي لٺ به نه،

ڪيئن ٿا ٻناڪ هٽون!
ڇو ٿا ڪلڻ هاب ٻٽون؟

وديا، بنديا ۽ سنڌيا وغيره پاڻ ۾ گڏجنديون هيون تہ سن
ڳالھہ ٻولھہ جو گھڻو حصو تہ ٻناڪ هٽڻ ۾ ويندو هئو. هاڻ
ڪنهن ڪاميابيءَ تي فخر هئڻ جي ٻي ڳالھہ آهي پر روا
نندين ننڍين ڳالهين ۾ جهڙوڪ کائڻ پيئڻ، پائڻ ڇوڙڻ،
ويهڻ بابت ديکا ديکي ڪرڻ ۽ بلند آواز ۾ پنهنجي ڍولڪ وڄ
بلڪل اڻوندڙ ۽ اُگري ڳالھہ آهي. بدفضيلتي ۽ ٽرڙائيءَ
نشاني آهي. وديا چوندي، ''مونکي تہ ڀائي نيرن تي ڦلڪ
پوُري ۽ ڪچوڙي وٺيئي ڪونہ! بيدو ۽ بريڊ، مکڻ ۽ جئم نہ ه
تہ مان نيرن ئي نہ ڪريان. منجهند جو بہ ڇهرچٽٽي، گو
ڪباب کانسواءِ ٻيو ڪجھہ اُڪليم ئي ڪونہ! دال ڀاڇيون ڪ
کائي ڇا پيٽ ۾ ٻنيون ۽ باغ پوکائڻا اٿم ڇا؟'' تہ نڪ ٻ
چوندي،'' اسان وٽ تہ بابا ٽيھہ ئي ڏينهن گوشت ضرور
ٿئي. بيدا، مغز يا جيرا، قيمو يا مرغي. ٻيو تہ پڪوڙا، مال
سيرو ۽ حلوو نہ هجي تہ اَٽيو ۽ سڪو ڪاڌو پاڻ ماڻهن ڪان ڳيس
ڇو ٿو؟ سنڌيا وري ڇو پنيان پوي؟ اها وري سُر وناڻين

ٻين کي ڳالهائڻ جو ڪشت ونڻ ئي ڪونہ ڏين. ها، ڪجھہ وقت اندر ئي ٻڌندڙ کي اوٻاسيون اچڻ شروع ٿينديون آهن. توبھہ، توبھہ! مان، مان، مان؟ جهڙي ڪانءُ جي ڪان، ڪان، ڪان؟ جهامنداس جهڙن ٻين ماڻهن جو ذڪر ڪريان تہ جيڪر ڪتاب لکجي وڃي! تحقيق-

'' ڀروپيءَ جا ٻول بہ پڌرا،
پل تہ لِڪائن ڇهرا ماڻهو. ''

ٻيا ماڻهو وري ڪاڏي، ڪپڙي يا خرچڻ بابت ڪجھہ نہ چئي پنهنجي تعليم يافت يا هوشيار رشتيدارن تي پيا ڪڏندا. ''منهنجو مامو، منهنجو چاچو، منهنجو هيءُ، منهنجو هوُ! اڙي، ٻڌو ڪون اٿوَ.. 'ادي چاڙهي، ابي چاڙهي، مون نہ چاڙهي ڪنهن نہ چاڙهي'' چڙهيل پٽ، ياءُ مان بہ اڄڪلھہ ڪونہ ٿو هنياءُ نري، سو ٻين مٿن مائٽن مان ڪهڙا نپ نرندا؟ اجائي ٻناڪ هٽڻ مان ڇا فائدو؟ نيڪدل ۽ قربدار سڄڻن ۽ سنٻنڌين جون خوبيون پلي ورنن ڪجن، پلي انهن جي ڪيل ٿورن جو ذڪر ڪجي، پلي انهنکي ساراهجي پر انهن سان پنهنجو ناتو ظاهر ڪري، ٻناڪ هٽڻ نيڪ نٿو لڳي. ''مان، منهنجو، مونکي، مون وٽ، اسين، اسانجو، اسان وٽ، اسانکي ٻڌي ٻڌي دل ئي خراب ٿي پوندي آهي. سائين رحم ڪري!

هڪڙو ٻيو بہ قسم ٿيندو آهي ٻناڪين جو. بہ چار جڻا ڪا ڳالھہ پيا ڪندا ۽ اُنهن مان ڪنهن ٻبوسيءَ يا مجبوريءَ جو اظهار

بابو بندوق ٿو ڇوڙي! گهر ۾ آٽا پيي نهين، مان کو بولتا هئ
پوُري پڪا ڪر دو! مقبول شاعر واسديو موهي زماني جو واءُ
ڏسي چوي ٿو،

”حال کھڙو بہ، ڏيک رکندو ڪر،
در تي تالا، وڏا هٽجان.“

ائين نہ سمجهجو تہ اها گهٽتائي صرف زالن ۾ آهي.
وري پنتي آهن ڇا؟ وات سان تہ، اهي سنگت ۾ ٻٽاڪ، ه
جون شرطون ٿا پچائين. شرطون! پنهنجي خرچ، اميري، لياقـ
عهدي، ڪم ڪرڻ جي ڍنگ، ويندي گهر ۾ زالن تي ضاب
بابت بہ ذڪر ڪرڻو هوندن تہ ٻٽاڪ جي نوع ۾ ڪندا. جهامندا
جون ٻٽاڪون ٻڌو تہ ڪن ڪٽي پڪڙيو! جڏهن بہ گڏجي، اها
ٻٽاڪ! پڇوس ڪٽي، ”ڪيئن ڀائي جهامنداس، خوش آهين
گهر ۾ ٻيا سڀ خوش اٿيئي نہ؟ ”بس، شروع ٿي ويندو، ”
ويو هوس ڪارخاني جي مهورت لاءِ ڪمشنر وٽ. ڏهن ڪروڙن
ڪارخانو ٿو کوليان. ڪمشنر، ڪليڪٽر، جوڙس، ميئر وغ
سيني کي گهرايو اٿم. اميءَ کي موڪلڻو اٿم تيرٿن تي، نئ
موٽر ۾ گهمي ايندي جيسين مُنهنجو نئون بنگلو تيار ٿئي.
ڪجي ڀائي، پاڙڪي تہ هتي مزو ئي نٿو اچي. مان پيو چوان
انڊيا ڇڏي وڃجي. هتي ڇا رکيو آهي؟ مونکي تہ ولائت
چڪر هڻڻ ۾ مزو ايندو آهي. مون بہ خيال ڪيو آهي تہ جل
وڃان. ”هڪ ئي ساهيءَ ۾ ڪيترو ٻڌائي ويو! اهڙا ٻٽاڪي م

لڳندو آهي. اسانکي ڪم ڪانسواءِ مزوئي نہ اچي. اسين چوندا آهيون، جيترو ڪم ڪجي، اوترو ٿورو. ٿي ويو نہ شروع اهو ''اسين، اسان، اسانکي، اسانجو'' جو راڳ! ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ هردلعزيز شاعر هري دلگير صاحب فرمائيٿو،

''ڇرين جو نگر آ، ڇرين سان ڪريون ڇا؟
اسان پي ڇرين سان ڇريا ٿي پئون ڇا؟''

ٻناڪي ماڻهو اڪثر ڪري گهڻ ڳالهائو يا پوئڊاوا يا ترڙا ٿيندا آهن. انهن جي ڳالهہ تي ڪهڙو وشواس؟ آڪڙ ۾ ٻناڪ هٺ خام طبيعت جو جزو آهي ۽ اهڙن جي صحبت مان جلدي ڪڪ ٿي پئبو آهي. ''سُڃي ڪي سيت گهٽي'' ٻناڪي بہ ائين ٿيندا اٿؤ. هوُ اڪثر ڪري گشا هٺندا آهن. شان تہ انهيءَ ۾ آهي تہ پاڻ ۾ پاڻ بابت ڳالهائڻ جي عادت پوڻ ئي نہ ڏجي. ڇا ٿو ڪجي، ڇا نٿو ڪجي، ڇا ڪري سگهجيٿو، ڇا نٿو ڪر سگهجي، اهو فيصلو پلي تہ ٻيا ڪن. پنهنجي ٻناڪ ڇو ويئي هٺجي؟ هتي ''اهنڪار مان نقصان ''بابت اُپديش ڪونہ ڏيٺو آهي جيتوٽيڪ جي اهو سوچي ڏسجي تہ ڪهڙيءَ هستيءَ تي ٿي وڏائي ڪجي؟ اميري، علم، ذات، لياقت يا ٻين ڪن گڻن جي نظر ڪان دنيا ۾ ''پلي ڪان پلا'' پيا آهن، سو وڏائي ڏيکارڻ تہ ڇريائي آهي. شاعر پڳوان ڪلناڻي 'ساقي' ٻناڪي، هام هٺندڙ ماڻهوءَ لاءِ چوي ٿو:

ڪيو تہ ٻڌائي هڪدم اهڙو تہ پر اُپڪاريءَ جو نجہ روپ ٻڻجي چوندو جو ڳالهہ ئي نہ پڇو! ''اجهو، بس، مون تي ڇڏيو اهو ڪم. ماڻ ڪنهنجو درد سهي ڪونہ سگهان. منهنجو قول آهي ٻين جي شيوا ڪرڻ. مونکي اهو ڪم ڪرڻ ۾ ويرم نہ لڳندي.''
چپٽي وڄائي حال تہ ڪم ڪي اهڙو سؤلو ٻڌائي ڇڏيندو جو بس! پر خبر پوءِ پوندي آهي تہ ڪيئن تا ڦڙباتي ماڻهو ٻيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪڍن؟ شاعر اهڙن ماڻهن جو چٽر چٽيندي چوي ٿو،

'' ڪڪُ نہ بچيو جڏهن گهر ۾ باقي،
ماڻهو ٻاهہ وسائڻ آيا. ''

ڦڙباتون هٽڻ سؤلو آهي، ڪم راس ڪرڻ ڏکيو آهي. ڪنهنکي ڪوڙا دلاسا ڏجن تنهن کان بهتر آهي تہ چئجي گهٽ، ڪجي وڌيڪ. دلاسي ۽ دلداريءَ ۾ فرق آهي. ڪنهن لاءِ چئجي تہ، ''هيءُ فقط ڦڙباتون هٽي ڄاڻي، ڪندو ڪجهہ بہ نہ.'' انهيءَ کان وڌيڪ سندس گهٽتائي ڪهڙي ڪبي؟ پر ڪنهن لاءِ چئجي تہ، ''فلاڻو سخن جو سچو آهي زبان ڏنائين تہ ڪڏهن نہ ڦرندو.'' تہ اُن کان وڌيڪ سندس ڪابہ لائقي ورنن ڪري نہ سگهبي. ڪي وري آهن جي ڪڏهن ڪنهنکي ڍلو ڪم ڪندا ڏسندا يا ڪجهہ آرام يا وندر ۾ وقت گذاريندا ڏسندا تہ بس ڪين، پنهنجي وڏائي ظاهر ڪرڻ ۽ ٻڌاڪ هٽڻ جو چڻ تہ سگنل ملي ميچي ويو. چي، ''ڪمال آهي ماڻهن جو! اسين تہ ١٨-١٨ ڪلاڪ ڪم هينئن ڪريون، هو نئن ڪريون. بيڪار ويهڻ هڪ گهڙي بہ اسانکي پاپ



سماجڪ گراوٽ

”ڏئڏي، توهان پنهنجي مزن، مؤجن لاءِ اسانکي جنم ڏنو. هاڻي اسين وڏا ٿي ويا آهيون. اسانکي پنهنجي واٽ وٺڻ ڏيو. اسانکي خبر آهي تہ اسانجو ڀلو - برو ڇا ۾ آهي.“ اهي لفظ پنڪج پنهنجي پيءُ موهنداس کي چيا. پنڪج هڪ آفيس ۾ گڏ نوڪري ڪندڙ ڪرشچن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ ضد ڪري ويٺو هئو جا ڳالهہ سندس ماءُ - پيءُ کي پسند نہ هئي. چوندا آهن تہ ڪتو بہ پنهنجي ڪڙم ۾ سونهين. پٽ جا اهي لفظ ٻڌي موهنداس ائين محسوس ڪيو گويا هن جي مٿان مصيبت جو پهاڙ اچي ڪِريو هئو! ٿورو تصور ڪري ڏسجي تہ ڪيئن نہ ماءُ -

”پاڻ کي پاڻ پڏائي وينو،
پنهنجو مُلهہ گهٽائي وينو.“

جڏهن اهو سمجهجي ٿو تہ آتمڪ اُنتيءَ لاءِ اهنڪار وڏي اَٽڪ آهي پوءِ ٻڌاڪ، هٽڻ مهل اهو چو ٿو وسري وڃي تہ ڳالهہ ڪرڻ بہ تہ هڪ قسم جو سوکيم اهنڪار آهي، پوءِ اها ڳالهہ پنهنجي ڌرمي وشواسن يا نيمن بابت بہ ڇو ڪونہ هجي! هتي منهنجو مطلب سنگت ۽ پنگت ۾ ماڻهن جي هلت ڏانهن آهي. گفتگوءَ کي وٽندڙ ٻڌائڻ جو اهو پڪو نيم آهي تہ پاڻ بابت فقط سوال جو پورو جواب ڏجي ۽ اڳلي کان احوال وٺجي، پاڻ بابت وڌيڪ نہ ڳالهائجي ڇو جو اڳلي کي جلدي خفي ڪرڻ جو پڪو طريقو آهي ٻڌاڪ هٽڻ. اڄڪلهہ جي زماني ۾ ٻڌاڪي انسان جي اصليت کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو آهي تنهنڪري ئي تہ شاعر ڊاڪٽر لکميچند ’پريم‘ ٿو چوي،

”هرڪو هوڪو ٿو پنهنجو ڏئي،
ڪير آ رهنما، خبر ڪانهي.“

چڏيندا آهن. پتي - پتني وچن ڪم تي ۽ ٻيءُ ذات جو ويهاريل مسوازي سندن ڏيءُ سان پيار ۾ ڦاسي، پڇي وچي شادي ڪندا آهن. اسانجا سنڌي ڪتنبن جا ڪتنب پنهنجو ڌرم ڇڏي عيسائي ڌرم اختيار ڪيو اٿن! ڪيڏانهن ويا مندرن، ساڌو - سنتن، رشين - منين جا اُپديش؟ ماءُ - پيءُ، اسڪولن جون سکيائون؟ اها سماجڪ ڳراوت جيئن تڏ، تيئن وڌ لڳي پيئي اهي! هڪ ٻئي کي ڏسي وچن پيا اُبتا - سبتا رستا اختيار ڪندا!

اَڄڪلهه جي زماني ۾ پتي - پتنيءَ جي وچ ۾ نفاق وچن تا وڌندا. نه پتني تي پتيءَ کي ديوتا ڪري سمجهي ۽ نه وري پتي پنهنجي پتنيءَ کي اڄوڪي ماحول ۾ پورو سمجهي! گرهست جي گاڏي سنئين سڌي هلائڻ ۾ ٻئي قصور وار آهن. ڪورٽن ۾ طلاقن جا معاملا ڏينهون پوءِ ڏينهون وچن پيا وڌندا. ان ۾ سنڌي ٻه پنتي پيل نه آهن. اهو ست سنوارڻ ڏکيو بڻجي پيو آهي. ڪيترين حالتن ۾ جڏهن زال پنهنجي مڙس ڪان وڌيڪ پگهاڙ ڪٽندي آهي يا وڌيڪ پڙهيل هوندي آهي ته انهن حالتن ۾ قصو وڌيڪ پيچيدو بڻجي پوندو آهي ۽ ان جو اثر ٻارن تي اُگرو پوندو آهي. پُڙُ ڪڻ ته پُڙُ ڳرو، جنڊ ڪڻ ته جنڊ ڳرو. اهي جوڙا جن اگني ديويءَ اڳيان هڪ ٻئي سان وفادار رهڻ جو ست ڦيرا ڏيئي قسم کاڌو هئو، ڏهن ئي آخرين تي ڏهه ڏيئا ٻاري هڪ ٻئي ۾ محبت ونديندا هئا، جن تن جي تراوت، بدن جي بهاري، اندر جو آنند ۽ شرير جو سک ماٽيو سي ٻه ڪنهن نندي وڏي ڳالهه تان رُسن نه هڪ ٻئي کي ڏسي بدن مان باهه ۽ اکين مان اُلا تا ڪڍن. اڳي جيان سنو سنساري سنبنڌ ۽ آتمڪ آنند پَرَ پکيڙي

پيءُ اولاد کي پالي - نپائي، پاڙهي وڏو ڪرڻ ۾ ڪيتري نہ سنگهرشمیہ جيون گذارين ٿا؟ سندن پڙهائيءَ لاءِ ڪن حالتن ۾ جاءِ گروي رکي قرض ڪڍن ٿا. منگل - سوتر ڳهڻا وغيرهہ گروي رکي وڏي وياج تي پئسا ڪڍي، پيٽ کي پٽي ٻڌي ٻارن جو پورائو ڪن ٿا ۽ وڏي هوندي هن نموني مائٽن کي دکي ڪن ٿا! اهڙين حالتن ۾ تہ ڪيترن ويچارن مائٽن کي لاعلاج بيماريون تي پون ٿيون! شاعر سچ چيو آهي،

”کیا خبر باپ کو، جي جان سي پالا جِسکو،
اُسکي چاتيِ پي، وهي موُنگ هئہ دلني والا؟“

ڪن حالتن ۾ تہ اسانکي ائين بہ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ پٽ شادي ڪرڻ کانپوءِ ٿورن ئي مهنن ۾ بزرگ ماءُ پيءُ کي ورڌ آشرمن ۾ ڇڏي آميريڪا روانا ٿي ويا. ماءُ - پيءُ رت ست ڏيئي هڪ فلئٽ خريد ڪيو هئو تہ وڏي هوندي پاڻ جگرجي ٽڪر اولاد سان گڏ رهي باقي زندگي آرام سان گذاريندا پر سندن سپنا چڪناچور ٿي ويا! پٽ ماءُ پيءُ کي اهي دلاسا ڏنا تہ فلئٽ کي رنوويٽ ڪرائي رهيو آهي. ٿورو وقت آشرم ۾ گذارڻو پوندو. ٿورن ئي مهنن کانپوءِ کين خبر پيئي تہ اها فلئٽ وڪڻي هوُ تہ پرديس هليا ويا ۽ ماءُ - پيءُ کي ورڌ آشرم ۾ باقي زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ لاءِ مجبور ڪري ويا! ڪيتري نہ سماجڪ گراوٽ اچي ويئي آهي!

مون پڙهيو آهي، ڏٺو آهي ۽ ٻڌو آهي تہ ڪيترن شهر يا ڪالونين ۾ پيٽ گذران ڪرڻ لاءِ ماڻهو هڪ روم مسواڙ تي ڏيئي

وقت وقت جي ٻلهاري آهي. اڄي سنڌي هندو ڪو مشڪل فوجداري گناهه ڪندو هئو پر هاڻ ته سدا سانوڻي آهي. ڪي زالون به اهڙو ته ڇڙواڳ ٿيون هلن جو اهڙين بي لغام گهوڙين کي ڪير به ٻڌي نه سگهندو. تنهن ڏينهن هڪ وڪيل روئندو آيو. عدالت سندس زال کي ڪاڏي خوراڪ لاءِ پنج هزار رپيه مهنو ڏياريا هئا. چي، ”جج صاحب، منهنجي زال ڪاڻي ته منهنجيون اکيون نرن پر فلاڻي پنهنجي يار کي ويٺي ڪارائي.“ سندس ڳالهه سچي ثابت ٿي. وري هڪ مرد پنهنجي ڊبل گرئجيوئيٽ زال کي ڪڍي ڇڏيو هئو جو سندس ڇوڻ موجب هوءَ جادو وجهندي هئس. ڪنهن ننڍي نيٽيءَ کي مڙس نتي وٺيو جو هوُ ماڊرن نه هئو ۽ هوُ سگريٽ پي نه جاڻندو هئو. اهڙن جوڙن ۾ جوش اهڙو هئو جو ناهه مشڪل ٿيو پوي! جوش ۽ هوش گڏ رهن ٿي ڪونه! اهڙن ڪيترن ئي قصن ۾ ور ورنيءَ کي ناهڻ جي ڪوشش ناڪامياب ويئي آهي. ڪير ۾ ڪنڊ وجهندڙ جي واتان مقبول شاعر ڊاڪٽر پريم پرڪاش جا هي لفظ ٻڌو،

> ”پڇان ٿو مان ته هِي ٿئي ڇا ٿو؟
> ڇون ٿا، تنهنجو پر وڃي ڇا ٿو؟“


مان ته ائين محسوس ڪري رهي آهيان ته اسين به ناياب وستوُ وڃائي رهيا آهيون هڪ سنڌي ٻولي جا جڻ ته مري رهي آهي ۽ ٻيو سماجڪ ۽ گهروُ سک. حقيقت اها آهي ته سماجڪ گراوٽ گتر تائين پهچي چڪي آهي ۽ مان نراشا وادي نه هوندي به مونکي پوشيه بلڪل اونداهو نظر اچيتو جيڪڏهن وقت سِر سجاڳ نه ٿياسين ته!

اُڏامي وڃي. گهرُ گروءَ جو در بدران گڙ ٻڙ گهوٽالا بڻجي پويٿو!
اڄ ڪيترن گهرن ۾ ڪروڪيتر جي لڙائي جاري آهي پر ڪرشن
جو گيان ڏيندڙ ڪٿي ڪونهي! اڄڪلهه جي حقيقي فضا جو چٽر
چٽيندي اعليٰ اديب شري هيرو ٺڪر چويٿو:

” ڪير ويهي ڦولهي هي ڦوڙها،
هئه هئه جيوت ڳنڍيون ڳوڙها. “

اڄڪلهه جي ڀروپي سنسار ۾ سماجڪ گراوٽ تيز رفتار سان
وڌي رهي آهي. لڪشمي ۽ لڇڻ هٿ هٿ ۾ ڪونه ڏيندا آهن.
ور ورنيءَ جو معاملو ٿيو ته ڪو ڇٽو مڙس مشڪل ملندو جو ڪير ۾
ڪنڌ وجهي، جوڙي ڪي ملائي جس ڪٽي. اڳي هوندو هئو پئنچن
جو ڏر، سو به هاڻ هليو ويو ۽ هرهڪ ڪٽنب، ڪالوني يا شهر
اڄي وڻ وڻ جي ڪاٺي گڏي آهي، جن جو سماجڪ ميل جهول
ذرا مشڪل ٿي پيو آهي. هاڻي ته زالن کي به پورن آزادي آهي
۽ گهڻيون ته علم يافت بڻجي، نوڪري ڪري پيٽ پالي ٿيون
سگهن، انڪري چون ٿيون ته مردن جو محتاج ڇو بڻجون؟ مرد
وري پاڻکي مٿيون پُڙ ٿو سمجهي ۽ چويٿو ته گرهست جي گاڏي
تڏهن اڳتي پير کڻندي جڏهن زال لازمي طور هيٺيون پُڙ ٿي
هلندي پر اڄوڪي وايومنڊل ۾ هوءَ اهو مڃڻ لاءِ هرگز تيار نه
آهي. ٻنهي جي وچ ۾ ايگو جي ديوار اڀي ويئي آهي. انهن جو
ناهه ڪير ڪري؟ غزل گوُ شاعر ايم. ڪمل فرمائيٿو،

” ناهه جي راهه پي ويا بند ڪري،
جي هئا ڳالهه کي ناهڻ وارا. “



هردلعزيز شاعر پرسرام 'ضيا'

''شاعر پيارو سڀ جو، جنهن کي خدا ڪري،
شاعري آ ڏات رب جي، جنهن کي عطا ڪري.''

'ضيا' عام ۽ خاص ۾ پيارو هو. هو لچاري سڀاءَ وارو، محبوب طبيعت، تورو ڳالهائو ۽ گهڻي ٻُوجهه وارو اِنسان هئو. جيڪا ڳالهه مُک مان چئي نہ سگهندو هئو سا قلمبند ڪندو هئو. هو سرشتيءَ جي سرور جو لاثاني شاعر هئو.'' اهي تُز ۽ صحيح لفظ سنڌيت جي ايلچِي سدا حيات پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ

سماجڪ گراوٽ کي دور ڪرڻ لاءِ اسانجا ڪي فرض آهن اهي فرض پورا ڪرڻ ۾ اسانکي ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي. ڪو سڄڻ سنڌي سماج جو خيرخواهہ، ان جو ڪو عملي علاج ٻڌائي تہ اهو سماج جو وڏو شيواڌاري ليکبو نہ تہ تہ هِٽ جيڪي ڪجهہ هٽ ڪيو اٿئون، تنهن کان وڌيڪ ڪوئي رهيا آهيون. پيٽيءَ جي پراپتيءَ کانپوءِ، ڪوکي جي حالات کي زندگي نہ چئبو آهي. اسانکي اهو سمجهڻ گهرجي تہ جڏهن پاڻي حد ٽپي ويندو آهي تہ ٻوڏ جو روپ ڌارڻ ڪندو آهي ۽ حد کان وڌيڪ کنڊپڻ ڪڙي لڳندي آهي ۽ آهستي آهستي ڊائبٽيز جو شڪار بڻائيندي آهي تنهنڪري منهنجا ساٿيو، اچو تہ گڏجي ان سماجڪ گراوٽ کي دور ڪرڻ جي سچائيءَ سان ڪوشش ڪري زندگي شاد ۽ آباد بڻائي لوڪ سکي ۽ پرلوڪ سهيلو بڻايون. جتي جوانن جو جوش، ڏنوانن جو ڪوش ۽ بزرگن جو هوش آهي، اُتي چا نٿو ڪر سگهجي؟ هر دلعزيز شاعر ليکراج عزيز تنهنڪري اسانکي آگاهہ ڪندي چويٿو.

”ڪرڻ آئين چا، چا ڪيئہ، ڪر حساب،
حياتيءَ جي واچي وَهيِ ڪجهہ نہ ڪجهہ.“

●●●

مجموعو ’تصوير - ي - اَحساس‘ شايع ڪيو جنهن تي ڪيس سنڌ اَدبي بورڊ جو اِنعام عطا ڪيو ويو. ان مان ۽ سنمان ملڻ سان پرسرام ضيا ادبي دنيا ۾ نالو ڪمايو. هينئر ضيا جا گيت، بيت ۽ شعر ايترا تہ مشهور ٿيا جو ڪلڪتي جي ’هِز ماسٽرس وائس‘ رڪارڊنگ ڪمپنيءَ هن جا گيت، غزل ۽ ڪلام چونڊيا. هن جا لکيل گيت سنڌ جي ڪيترن ئي ڳائڪن جنءِ تہ ماسٽر پرمانند، ماسٽر مکڻ، ڀڳت موٽڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي پنهنجن سُرن ۾ پيش ڪيا پر سينيِ کان وڌيڪ جيڪي ڳانا مقبول ٿيا سي هئا پرسرام ضيا جا لکيل ۽ ماسٽر چندر جا ڳايل ٻول. ضيا جي ڪلامن، گيتن کي ماسٽر چندر جو مَڌر سُر ۽ آواز مليو، ساڳئي وقت آچاريہ چندر کي دل گُهريا گيت ۽ غزل ملندا رهيا. ائين سنڌي جڳت ۾ سنگيت جي لهر گهر گهر ۾ پهتي ۽ اَهڙي نموني ٻہ مهان ڪلاڪار پرسرام ضيا ۽ ماسٽر چندر هردلعزيز بڻجي ويا. ’ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر، خبر هيءَ ڪٺي وڃ عقل جا اَڪابر،‘ ’دل هن جي منهنجي هڪ آ، ڏاڍي اسان ٻنهي ۾ سڪ آ،‘ ’تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سهڻا ڪين رهايو تو،‘ ’سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون، اهي تير نہ هڻ پل پل تون.‘ وغيره نغما سنڌ جي گهر گهر ۾ گونجڻ لڳا. ضيا جي گيتن جا، ماسٽر چندر جا ڳايل رڪارڊ هٿون هٿ وڪامجِي ويندا هئا. اَهڙيءَ طرح ضيا ۽ چندر جي جوڙي پهرين سنڌ ۾ ۽ پوءِ هند ۾ بہ بيحد لوڪپريہ بڻجي پيئي.

ضيا ورهاڱي بعد خانہ - بدوشيءَ جي حالت هيٺ ٻين شهرن

جنتا جي مقبول شاعر پرسرام ’ضيا‘ بابت ڇپيا آهن. ديش جي
ورهاڱي بعد جن سنڌي شاعرن شعر و شاعريءَ جي گُلستان کي
گلزار بڻايو، اُنهن شاعرن ۾ لوڪپريہ شاعر پرسرام ضيا صاحب
اَهم جڳهہ والاري ٿو. هرهڪ گُل ۾ پنهنجي خوشبوءِ ٿئي ٿي.
ضيا صاحب لاءِ ائين ڪٿي چئجي تہ هوُ صاحب عوام جو شاعر
هئو تہ ان ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.

پرسرام جو جنم هيرانند ٽانورداس سچانندا ڻي جي گهر ١١
جولاءِ ١٩١١ع ۾ ٽنڊو آدم سنڌ ۾ ٿيو هو. پرماتما کيس ننڍپڻ ۾
ئي شاعريءَ جي ڏات بخشي هئي. ڏهن ورهين جي ننڍي عمر
۾ پنهنجا ننڍا ننڍا گيت ناهي ونندو هئو. اَهڙا تہ شعر لکندو هو
جو اسڪول جا ماستر صاحب گهڻو پيار ڏيئي همٿائيندا هئس ۽
اهو شاعريءَ جو شونق اڳتي هلي سندس عادت بڻجي پيو. سنڌ
۾ هوُ هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر جو ڪم ڪندو هئو. پريس ۾
ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا ڪتاب ڇپجڻ لاءِ ايندا هئا، جيڪي
پڙهندي بہ هن جي شاعريءَ جو شونق وڌندو ويو. اسڪول ۾ ’پرسو
جي تخلص سان لکندو هئو. ڪجهہ عرصي بعد پنهنجو تخلص
’پرسو‘ مان ڦيرائي ’رنجور‘ ڪيائين. سندس اُستاد ’قاظم‘ کي
بہ ’رنجور‘ تخلص چڱو رنجايو هئو. رنجور جو مطلب اهي رنجہ
ڏُکي، غمناڪ. اُستاد کيس پنهنجي پسنديءَ جو تخلص ’ضيا
ڏيئي نوازيو، جنهنجو مطلب آهي روشني. هوُ تجلي سان ساهتي
جي کيتر ۾ پڌاريو ۽ مفلسيءَ ۽ بيڪسيءَ جي اونده سان مقابل
ڪندي اڳتي وک وڌائيندو رهيو. ضيا پنهنجي نون شعرن ج

هوندو هئو. سنتن کان پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ گهُرِي مسڪينن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪامنا تہ ڪري. گهٽيئي سال اڳ اَسانجو روحاني رهبر پرم پوجنيہ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي صاحب ڪلياڻ ڪئمپ ۾ شرڻارٿين کي آٿت ۽ آشيرواد ڏيڻ لاءِ آيو هئو. تڏهن ضيا اُن جو سواگت ڪندي ڪيس عرض ڪيو هئو،

”هڪ دفعو سنڌونگر جا گهر گهُمِي دلدار ڏس،
فاقہ هستين، بدنصيبن کي هلي هڪوار ڏس،
اُت، اُتي ساڌو سچا سرڪار کي سمجهاءِ تون،
شاهوڪارن جون تجوڙيون هِت اچي کولاءِ تون.“

رشين، منين، درويشن، فقيرن جي ڀومِي سنڌ جي جدائيءَ جي درد ۽ هتي سنڌين جي دردشا ۽ ذلت جو اظهار جنهن نموني دل جي درد سان جنتا جي شاعر ضيا صاحب ڪيو آهي، اهڙو ڪنهن ٻئي ورلي شاعر ڪيو هوندو. ان وقت ماڻهن جي دردناڪ دشائن، سياسِي حالتن ۽ شرنارٿين جي دک دردن جو دل چيريندڙ ذڪر ضيا صاحب ’پئغام ضيا‘ ڪتاب ۾ ’پٽي تي پوهوءَ ماءُ‘ يادگار گيت ۾ ڪيو آهي.

ضيا صاحب ڪيترين ئي سنڌي فلمن جا گيت بہ لکيا، جن ۾ ’اَباڻا‘، ’انصاف ڪٿي آ؟‘ ۽ ’راءِ ڏياچ‘ مشهور آهن. سنڌي فلم اَباڻا ۾ لکيل ضيا صاحب جا گيت اُن وقت بيحد لوڪپريہ ٿيا هئا جئن ڪلياڻ ڪئمپ جي رستن جي دُردشا جو بيان ڪندڙ هيءُ گيت:

۾ ٽانئينڪو ٽيڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي پر نيٺ ڪلياڻ ڪئمپ
- ٣ جي او. ٽي. سيڪشن ۾ دائما طور مُقام حاصل ڪيو ۽ اهو
گهر اڃا بہ اُتي جو اُتي قائم آهي. ضيا صاحب سنڌ جا وڻ ڇڏڻ
وارن جو ذڪر ڏک ڀرئي لفظن ۾ ڪيو آهي. لڏ پڏاڻ جو درشي
دردناڪ نموني ۾ 'اباڻا' فلم ۾ ڏيکاريو ويو هئو. اهو گيت ب
ضيا صاحب رچيو هئو ۽ ماستر چندر ڳايو هو:

”وطن ڪان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا،
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا،
هئہ هئہ پکا پراڻا، هئہ هئہ وطن جا ٽاٽا
هئہ هئہ مٺا اَباڻا. “

هن عوام جي شاعر منگهڻن ۽ مهڙن کي غريبن جو ساٿ
ڪري ليکيو آهي ۽ مسٽر بي. جي. ڪير، جيڪو ڪجهہ وقت ل
ڪلياڻ ڪئمپ جو ڪمانڊنٽ هئو، ان لاءِ هڪ شرارتي شعر پ
لکيو آهي:

”جي هڪ رات هت ڪير صاحب گذاري،
سدا لاءِ رهي پوندو هت ٻئرڪ وسائي. “

لال سائين ۽ ٻارهين واري پير کي اسين سنڌي مڃين
آهيون. سنڌياڻين کي نل تي ڪپڙا سٽڻا پوندا هئا تہ انهن ج
واتان اَيامڪاريءَ وارن لاءِ چواڻيائين، ”ٻارهينءَ وارو پير ڪ
پُڇندن، لال سائين ڪا اُبتي هڻندن. “

ضيا صاحب جي موم دل ۾ غريبن ۽ بيوسن لاءِ هردم او

اُلهاسنگر شاخ جو پريزيڊنٽ هئو ۽ اها جوابداري هُن بخوبي نباهي. سيا جي ترقيءَ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪندو هئو. سنڌونگر ليڪ سنگهه جو بہ پريزيڊنٽ هئو. اَدبي ڪلاس پڻ سٺي نموني هلائيندو هو. ڪيترن شاعرن جو رهنما اُستاد هئو. نہ صرف شاعر هئو پر عام ماڻهن مان قرب ۽ قبوليت حاصل ڪندڙ گياني، ڌياني، سنت فقير، درويش دل نيڪ انسان هئو. هن ۾ تعليمي لياقت گهٽ هئڻ جي باوجود شاعراڻي قوت ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندڙ هئي. اسڪولن ۾ وڏن درجن ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ شاگردن جي ڪافي رهنمائي ڪيائين.

سائين ضيا صاحب جيون جو گهڻو حصو غم، بيڪسي، مفلسيءَ ۾ گذاريو. اهو سوز ۽ درد سندس ڪاويہ ۾ سمايل آهي جو اسانجي دلين کي ڇُهي ٿو. شاعر ضيا درد جي دوُر جو ذڪر ڪندي چوي ٿو.

”غم سهندي سهندي غم جا هيراڪ ٿي پياسين،
ڪهڙي خوشي پُڇو ٿا، غمناڪ ٿي پياسين.“

مفلسيءَ ۾ رهندي بہ سدائين مشڪندو رهيو، جيون مان نراس نہ ٿي مانجهي مڙس بڻجي مصيبتن جو مقابلو ڪندو رهيو. سندس شعر مان آشاوادي نظريو ظاهر آهي،

”نراشا نربلن جي آ، ’ضيا‘ بلوان جي آشا،
جو ناممڪن اڪر آ، اهو ممڪن بڻائيندس.“

ضيا صاحب خوددار شخص هئو. پنهنجي شهر ۾ غريبن، بيروزگارن، وچولي طبقي وارن جي نراسائن، عفوبتن،

”هڪ ٻہ ٽي چار، پنجون نمبر ڪئمپ،
ڪڏون ڪوبا واٽ تي، ٻتي نڪا لئمپ.“

يا ڇولا ڏٻل وڪڻڻ واري جو هيءُ گيت:

”دال ڇولا ڏٻل، تون کائِي وٺ دل،
بيهہ پٽاٽا ڇهرا، چٽڻي چشڪي واري،
ٻن پئسن ۾ ڏءُ ڪرايان، نيرڻ تو موچارِي.“

اُن وقت انهن گانن ايترو تہ رنگ ڄمايو، ايترا تہ لوڪپري ٿيا جو ڇولا وڪڻڻ ڪان وٺي ويندي ڪاليج جي نوجوانن جا تران ٻڌجي پيا. سؤلي، مٺڙ ٻولي، ڪوتا ۾ اَهڙي مستي ۽ رواني ج عام جي دلين ۾ پيهي وڃن.

محبوب شاعر ضيا تي صوفي درويش سائين روچلداس جي سنگ ۾ روحاني رنگ لڳو ان ڪري سنڌس من جو لاڙو اڌياتمڪ طرف ٿيو. هن صاحب شري سڪمني صاحب، شري جپ صاحب نائين محلي جا سلوڪ، شريمد ڀڳوت گيتا ۽ ڪجهہ ويد منتر جو سرل، سُپڪ، سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪري سنڌي ڀڳتي ڪاو ۾ اضافو آندو. ڀيڻ ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجي مٺڙ آواز ۾ شر سُکمني صاحب ڳائي پاٺ ڪي ۽ ضيا صاحب کي امر ڪري ڇڏي ضيا صاحب ٻارن کي بہ نہ وساريو. سنڌس ٻال گيتن جو ه مجموعو شايع ٿيو. جنهن تي ڀارت سرڪار جي تعليمي کات قومي سطح تي انعام عطا ڪيو.

ضيا صاحب اُن وقت اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا پار

ڏياريءَ جي شُڀ ڏڻ تي اسين خوش ٿي ملهايون ڪاٺون ٿا، نوان ڪپڙا پهريون ٿا، ڦٽاڪا ٻاريون ٿا، مؤجون ماڻيون ٿا، پر جنتا جي شاعر ضيا صاحب جي نظر غريبن جي قياس جوڳي حالت ڏانهن ڌوڙي وڃي ٿي. ان ڏينهن جو جيڪو چٽر هن شاعر چٽيو آهي، سو بيشڪ تحسين جوڳو آهي.

”روشني آهي اَميرن لئہ، غريبن لئہ اُماس،
ديپ مالا سان سندس دل کي جلايو ٿو وڃي.“

شاعر ضيا صاحب جو نظريو آشاوادي آهي. ”تون ٻي رهہ، مان ٻي رهان“ سڌانت ۾ وشواس رکندڙ آهي. اڳتي هلي هيءُ آشاوادي شاعر چوي ٿو:

”هھڙي شُڀ ڏينهن تي، ملائي ڪائبي ڪارائبي،
ديپ مالا جي خوشيءَ کان ڪوئي ڇو محروم ٿئي،
بنگلو ٻي روشن ڪبو ۽ جهوپڙي چمڪائبي.“

حقيقت ۾ اسين سڀ هن سنسار روپي مسافرخاني ۾ سيلاني، وڻجارا آهيون. اسانجو اصلوڪو وطن هيءُ نہ آهي، اسين مايا جي چڪرويوهہ ۾ ڦاسجي الڪ ڌام کي وساري ويٺا آهيون. مال، ملڪيت ڏسي پيا خوش ٿيون، پيا نڙون. شاعر اهڙي انسان کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

”سون ۽ چاندي، هيرا جواهر، ڪرين تجوڙين ۾ بند،
ڏسي انهن کي گهڻو نرين ٿو، آهن توکي خوب پسند،
در تي پهريدا بهارين، ڌڃين پيو هتيارا، او وڻجارا!!“

ناڪاميابين جو اهڙو تہ دل پذير بيان ٿو ڪري ڳويا اهي سد
گهٽنائون سندس ئي ڀوڳيل ۽ سَنل آهن. دل ۾ ايترو تہ گهرو در
سمايل اَٿس جو پرماتما کي بہ شڪايت ٿو ڪري تہ،

” خوشي ڏيندين تہ خوش رهبو،
جي غم ڏيندين تہ پيو سهبو. “

هتي ”سهبو“ لفظ پرماتما ڏانهن شڪايت جو پرتيڪ آه
تہ سهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي ڪونهي، سهڻو ئي پوندو ۽ ضر
سهبو. آشاوادي شاعر سائين ضيا صاحب چوي ٿو،

” رنجہ ۾ راحت اچي، فِرقت ۾ فرحت اَچي
مان اُهو ئي آهيان، جنهن کي درد ۾ لذت اَچي.

ڏيتي ليتي اسانجي سماج ۾ هڪ ڪهنو مرض آهي، ٻرن
مسئلو آهي جنهن ڪري ڪيترين ئي وڏور نياڻين ڪنواري
رهجي ٿيون وڃن. ان سبب ئي هڪ نياڻي آتم هتيا ڪري ٿ
ان ابلا جي دل جا اَحساس ضيا صاحب پنهنجي ڪوتا ”ڏيءُ
پيءُ ڏانهن خط“ ۾ دلسوز نموني چٽيا آهن:

” اي منهنجا پيارا پتا، اَڄ موڪلائي ٿِي وڃان
موٗت کان اڳہ ۾ مري، مُنهنڙو متائي ٿي وڃان
سؤ سوا تنهنجي ڪمائي، پر گهرن ماڻهو هزا
سوارٿِي سنسار کان دامن بچائي ٿي وجا
دانهن داور کي ’ضيا‘ ڏيندس اوس اَنباءَ جي
اَڄ سيپيئي فرياد، سيني ۾ سمائي ٿي وڃان.

محبت جو مجسم هئو.

سنگيت آچاريه ماستر چندر قربدار ضيا جي باري ۾ چيو، ”ضيا صاحب وڏي شخصيت جو مالڪ هو پر سدا سٻاجهو، نماڻو ۽ لڄاري سڀاوَ وارو شخص هئو. سندس ڪاويه ڪيتر ۾ ڪيل شيوائون بي نظير آهن.“

”وسارڻ سان نه وسرن ٿيون،
پنهنجي محبوب جون ڳالهيون،
سدائين ياد سي رهنديون،
محبت پيار جون ڳالهيون.“

مقبول، عوام جي دلاري شاعر سائين پرسرام ضيا صاحب جي ورسي ٢٨ آڪٽوبر تي ملهائي ويندي آهي. سندس پوتر ياد ۾ اُلهاسنگر ۽ ٻين شهرن ۾ ڪيترن هنڌن تي سندس نالو رکيو ويو آهي. اهڙي اعليٰ آتما کي منهنجو وارون وار پرڻام آهي. نمسڪار آهي!

●●●

اسين ڀڳوان کي راضي ڪرڻ لاءِ انيڪ عجيب و غريب طريق
ڳولهيون ٿا. روزا، نمازون، تيرٿ، ورت، پوڄا، پاٺ وغيره. ”جل
پيو، پاپ ويو. جل ۾ لوٽي، پاپ ويو موٽي. جٺ گنگي، پاپ وي
لنگهي. ”پر هر دلعزيز شاعر ضيا صاحب جو اهو عقيدو آهي ت
خلق ۾ خالق ٿو وسي. پرڪرتيءَ جي پرزي پرزي، قدرت جي
ڪڻ -ڪڻ ۾، هر جيو ۾ جانب جي جوت جڳمڳائيتي. شاعر ”خلق
جي خدمت“ ڪوتا ۾ سماج - شيوا جو ڪهڙو نه اعليٰ آدرش
اسان اڳيان پيش ڪيو آهي!

”چيو مون خدايا، گنهگار آهيان،
جو توکي وساريم، خطاوار آهيان،
مان بيشڪ خطا لئہ سزاوار آهيان،
جي دوزخہ ڏيو، حقدار آهيان،
مگر تنهنجي بندن سان رکيم محبت،
عبادت جي بدران، رکيم ٿي صداقت.“

ضيا صاحب جو شعر سرل ۽ سُبڪ آهي. پڙهڻ سان من ک
مؤج ۽ تن کي تراوت اچي ٿي. عام جنتا جا روز مرهہ جا مسئ
اُمنگ ۽ انيڪ شاعراڻي نمونا پيش ڪري سائين ضيا عوام
هردلعزيز شاعر بڻيو.

اسانجو لوڪپريہ شاعر سائين ضيا صاحب ٤٧ سالن ج
ننڍڙي عمر ۾ ٢٨ آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ اسانکي جُدائيءَ جو گ
ڏيئي غيب ۾ غائب ٿي ويو. ضيا صاحب سادگي، نياز، نئڙ

انوشاسن جنهنجي ذريعي اسين تہ ورتين کي ڇڏي، من کي شڌ ڪري، اوچو اُسرندا آهيون. سڀ کان وڏيڪ، ڪميا دوران پنهنجي اندر لڪل سندرتا کي جاڳائي ٻاهر ورتاءَ ۾ آڻي سگهون ٿا. ڪميا ڪرڻ هميشه آسان نہ هوندو آهي. ڪوئي ماتا - پتا پنهنجي ٻارن کي هتيارن کي ڪيئن معاف ڪري سگهندو؟ ماتائون پنهنجين ڌيئرن سان زبردستي ڪندڙن کي ڪيئن معاف ڪنديون؟ جن هتيارن ٻي ڏوهي شخص جي هتيا ڪئي اهي، تن کي ڪيئن تو معاف ڪري سگهجي؟ ڪميا ڪرڻ برابر آسان ڪونهي پر اسانکي بہ انهن هتيارن وانگر وحشي نہ بڻجڻ گهرجي. ڪميا اسانکي نفرت جي زنجيرن مان آزاد ڪريتي ۽ اسانکي ماضيءَ جي پيڙا، نفرت ۽ مجبوريءَ کان مڪت ڪندي آهي.

انسان خطائن جو گهر آهي. مينهن چوي گانءِ کي هل ڙي پڇ ڪاڙي. ٻئي مان ويڪون ڪڍڻ کان اڳ اسانکي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ گهرجي تہ مان ڪيتري قدر گنهگار آهيان! جڏهن اسين ٻئي ڏانهن آڱر کڻي ڪيس نالائق چئون ٿا تہ چار آڱريون اسان ڏانهن اشارو ڪري چون ٿيون تہ مان ڇئوڻو نالائق آهيان. شاهہ صاحب جو قوُل آهي،

'' ڪشي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجوئي توکي لڳي. ''

ڇوڻي اهي تہ جن جا گهر شيشي جا هوندا آهن تن کي ٻين ڏانهن پٿر نہ اُڇلائڻ گهرجن. ڪميا لاءِ مانسڪ ڪشمڪش جي ضرورت ناهي. اسانکي اهو مڃڻ گهرجي تہ ڪميا تہ اسانکي هڪ



كميا، ڏئيتي جيون ۾ مٽيا

كميا نربلن جو ٻل آهي ۽ ٻلوانن جو ڳهڻو. كميا اها پُل آه
جيڪا اسانكي پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن نہ ڪڏهن پار ڪرڻ
پوندي اهي. كميا هڪ اهڙو ڪاريہ آهي جيڪو اسانكي پنهنج
اڇا سان ۽ ڄاڻي - ٻُجهي ڪرڻو آهي. كميا سان اسانجي اند
سهنشيلتا ۽ انگيڪار ڪرڻ جي ڀاونا جو وڪاس ٿيندو آهي. ڪم
گهٽنائن جو سلسلو ناهي پر اها هڪ جيون جو ڍنگ آهي جنهنڪ
اسين خود چونڊيندا آهيون. كميا جو مطلب آهي ظابطو ۽ آتم

ٻئي کي معاف ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اهڙو بہ وقت ايندو جڏهن
ڪميا ڪرڻ جو سونهري موقعو هٿن مان نڪري ويندو. ڪن انسانن
جي گويا اها فطرت هوندي آهي تہ هوُ سدائين ٻين مان غلطيون،
ويڪون ڪڍڻ جا عادي هوندا آهن. اهي ائين سمجهندا آهن تہ
انهن ڪا بازي کٽي آهي؟ اهڙن شخص کي شاعر ڪنعيالال
'ماندو' چويٿو ۽ پڇيٿو،

” ويِڪوُن سڀ مان ڪڍين ٿو يارَ،
ڇا تون خود کي وڏين ٿو يارَ؟ “

اسانکي اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سامهون واري شخص
جي خطا معاف ڪرڻ سان اسان ۾ سمايل نڪاراتمڪ ڀاونا کان
مڪت ٿينداسين. جيڪڏهن اسان ڪيس معاف نہ ڪيو تہ اندر ۾
نفي سوچ وارا ويچار قائم رهندا. توهين اهڙو موقعو ڳولهيندا
رهندا تہ سامهون واري شخص کي سندس غلطيءَ جو احساس
ڪرائجي يا ڪيس مزو چکائجي ۽ سمورو وقت توهانجو ان سوچ
۾ ئي لڳو رهندو. توهين جڏهن بہ اهڙي ماڻهوءَ سان گڏجندا تہ
توهانجو ڌيان حال ۾ نہ پر ماضيءَ جي ڳالهين ۾ ئي رهندو.
صرف ڪميا نہ ڪرڻ سبب توهين حال کان پري ٿي وڃو ٿا. اهي
ڳالهيون ياد ڪري توهين هر گهٽنا ۾ پاڻ کي ڏسو ۽ پنهنجي
سمجهہ وڌائي سامهون واري انسان کي معاف ڪري پاڻکي مڪت
ڪريو. جيڪڏهن ائين نہ ڪندا تہ صاف، شڌ من تي گلا، شڪوو،
نفرت، ايرکا، لوڀ - لالچ جون بيشمار ريکائون اڇي واسو
ڪنديون. ان جار ۾ ڦاسي انسان جي اندر جي شڪتي تنگ ٿي

مليل سوغات ۽ آشيرواد آهي. اهو تہ اسانجو خود جو فيصلو آهي
تہ اسين پيار ڪريون يا نفرت، ڪنهنکي سزا ڏيون يا معافي
ڪنهنکي راحت پهچايون يا چوٽ. هڪ ٻئي ۾ نفرت پئدا ڪريون
يا ميل ميلاپ جو رستو اَپنايون! ڪروڌ سان ڪروڌ شانت نہ ٿيندو
آهي بلڪ ڪميا دواران ٿيندو آهي. ڪروڌ جي سڀ کان اثرائتي
دوا ڪميا آهي. مان ڪنهنکي معاف ڪري سگهانٿو پر ڪنهنکي
زور زبردستي نٿو ڪري سگهان تہ هوُ بہ مونکي ڪميا ڪري. شاه
صاحب نيڪ صلاح ڏيندي چوي ٿو،

” هوُ چونئي، تون مَ چئہ، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پانڌ ۾ پائي، ويو ڪين وارو ڪين ٿِيِ. “

ڪميا جي وصف آهي، ”ڪنهن ڏانهن ناراضگي جي ڀاو
کي ختم ڪرڻ جي پرڪريا يا اُن جي غلطيءَ کي معاف ڪر
ڇڏڻ.“ پنهنجين ناراضگين کي سيني ۾ سانڍي رکڻ جو مطلب
آهي پنهنجو نقصان پاڻ ڪرڻ. جيڪو شخص ڪميا ڪندو آهي
اهو شانتيمیہ نوجيون ڏانهن قدم وڌائيندو آهي. ڪميا ڪ
هڪ قسم جو پنهنجو پاڻ ۾ انعام آهي. جنهنکي معاف ڪ
ويندو آهي، اُن جي ڀيٽ ۾ ڪميا ڪندڙ وڌيڪ فائدي ۾ وين
آهي. ڪميا جو گڻ جادوءَ جو ڪم ڪندو آهي. اهو اسانج
ڪيترين ئي اُلجهنن جو نوارڻ ڪندو آهي. اسين ڪميا
ڀاونا بنا جيون جي ڪلپنا بہ نٿا ڪري سگهون. ڪنهن سچ چ
آهي تہ جنهن ڪڏهن پنهنجي شتروءَ کي معاف نہ ڪيو،
آنندمیہ جيون ۾ سک جو سواد نہ ورتو. وقت هوندي اسانکي

آهي تہ مان معافي ڪيئن ونان تہ اها توهانجي تنگ سوچ ۽ اهنڪار ڏيکاريتي. جيڪي شخص سچ پچ مهان هوندا آهن. اهيئي ڪميا گهرندا آهن ۽ ڪميا ڪندا آهن. ڪميا خود کان نفرت کان مڪتي ڏياري ٿي، ٽٽل رشتن کي جوڙي ٿي، اهنڪار ناس ڪريتي ۽ اسانجي جيون ۾ شفي سوچ جو وڪاس ڪريتي. انسان جي سياؤ جي حقيقت پيش ڪندي شاعر چوي ٿو:

''خود اپني چهري ڪي چيپي ڏبون پي نظر جاتي هي نهين، آئينا اؤرون ڪو دکانا، هر انسان ڪي فطرت هئہ.''

هن سنسار ۾ ڪوبہ دوش مڪت ناهي. هر شخص ۾ ڪانہ ڪا ڪمي هوندي آهي. جيڪڏهن اسانجي ننڍين - وڏين غلطين سببان اسانجا ماتا - پتا، اڏياپڪ معاف نہ ڪن ها تہ؟ تنهنڪري اسانکي انسان جي غلطين ۽ خامين کي ڏسڻ بجاءِ سندس چڱاين کي ڏسڻ گهرجي جيئن پونئر صرف اُن گل جو واس وٺندو آهي جنهن ۾ رس هوندو آهي تهڙيءَ طرح اسانکي بہ انسان جي چڱاين ڏانهن نظر رکڻ گهرجي. جيڪڏهن اسين پنهنجي من ۾ وير ڀاؤ رکي وهنداسين تہ نقصان تہ اسانجو ئي ٿيڻو آهي. ڪنهنکي ڪميا ڪري سڀ کان وڏو اُپڪار اسين پاڻ تي ڪري رهيا آهيون ڇاڪاڻ تہ اسانجي اندر ۾ اُسرندڙ نفرت، ساڙ - وير ڀاوناٺن سان ٻين کي ڪوبہ نقصان نٿو پهچي پر خود لاءِ زهر جو ڪم ضرور ٿئي ٿو. جيستائين اسين ڪميا نہ ڪنداسين تيستائين اسين نڪاراتمڪ ويچارن جو بوجھہ پنهنجي دل ۽ دماغ تي کڻي پيا هلنداسين. ڪميا ڪرڻ سان ڪميا حاصل ڪرڻ جي پيٽ ۾ وڏيڪ

پوندي آهي هر منش جي اندر ڪيترائي ايشوري گڻ سماي
هوندا آهن. ڪميا ساڌنا ڪرڻ سان توهانجي اندر ۾ پريم، آنن
شانتي جهڙا انمول گڻ اُجاگر ٿين ٿا جن سان توهان جي هرديہ
سڪاراتمڪ شڪتيءَ جو وڪاس ٿئيتو. اسانکي ٻين تي آڱر ڪ
ڪان اڳ پنهنجي هرديہ ۾ ليئو پائي ڏسڻ گهرجي تہ مان ڪيتر
پاڻيءَ ۾ آهيان! هڪ شاعر سچ چيو آهي،

”حيف وو انسان پٿر فينڪتا هئہ اُس طرف
جسڪا خود اَپنا ڀي گهر هئہ، آئينون ڪي شهر مين

ڪميا ڪرڻ ۽ ڪميا گُهرڻ، ٻنهي حالتن ۾ هڪ ساهسي، همٿ
۽ وشال هرديہ جي ضرورت آهي. ڪميا گهرڻ ڪائرتا جي نشا
ناهي بلڪ اهو تہ اهنڪار جو ناس ٿيڻ آهي. ٻئي طرف ڪ
ڪرڻ پڻ سڪاراتمڪتا ۽ مهانتا آهي. ڏنو وڃي تہ ٻئي سامهو
ٻجهي روپ ۾ فائدو پهچائيندڙ آهن. ڪنهن سان بہ نفرت، اير
ساڙ وير نہ رکي اسين خوش رهي سگهون ٿا. پنهنجيون غلطي
قبول ڪرڻ ۽ ڪنهنجيون معاف ڪرڻ لاءِ ڪنهن خاص ڏينهن
ضرورت نہ پوندي آهي اگر ڪنهن خاص ڳالهہ جي ضرورت آ
تہ اها آهي پاڻ پرکڻ، انترمکي بڻجڻ جي پنهنجين گهٽتا
کي سمجهڻ جي، اهي قبول ڪرڻ جي، تہ اهي آئيندهہ پو
۾ نہ ڪيون ونديون. جيڪڏهن اسان کا غلطي ڪئي آهي
اها قبول ڪرڻ ۽ ان لاءِ ڪميا گهرڻ ۾ گهبرائجي نہ، ڪميا لاءِ
عمر جي پابندي نہ هوندي آهي. جيڪڏهن توهين من ۾
سوچيو ٿا تہ مان هيڏو وڏو ماڻهو آهيان، هيڏو عهدو، مان

سوامي ديانند سرسوتيءَ جو مثال کڻون. هو درويش سچ چوڻ ۽ نڊرتا سبب ڏاڍو مشهور هئو. هو بنا ڪنهن ڊپ ۽ پيڊ ڀاؤ جي سچي ڳالهه سامهون چئي ڏيندو هو، انڪري گهڻيئي پريا وشالي ڌارمڪ پنڊت اُن مان ناراض ٿي سندس دشمن بڻجي پيا. انهن رشي ديانند جي راڌائو جگنناٿ کي رشوت ڏيئي کيس هر روز کاڌي ۾ ٿورو ٿورو زهر ملائڻ لاءِ چيو. نہ رهيگا بانس، نہ بجيگي بانسري. رشي ديانند گنڀير حالت ۾ بيمار ٿي پيو. ڊاڪٽرن کي پتو پئجي ويو تہ رشي کي کاڌي ۾ زهر ملائي ڏنو ويو آهي ۽ سندس بچڻ جو ڪوبہ آسرو ڪونهي. جڏهن مهرشي ديانند کي ان ڳالهه جو پتو پيو تڏهن هن جگنناٿ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کيس ڪجهہ پئسا ڏيئي چيو، ”وقت بچائي تون هڪدم نيپال هليو وڃ ۽ پنهنجي جان بچاءِ. جيڪڏهن منهنجن ششن کي هن ڳالهه جو پتو پئجي ويو تہ تون مونکي کاڌي ۾ زهر ڏيندو رهيو آهين تہ توکي هڪدم ماري ڇڏيندا.“ اهڙيءَ طرح هن مهاپرش پنهنجي جيون ۾ ڪميا جي ساکي ڏني.

ايشور ٿي اسانکي رستو ٿو ڏيکاري، ٻين کي ڪميا ڪرڻ سيکاريٿو جيئن پرماتما اسانکي ڪميا ڪريٿو. تحقيق ڪميا، جيون ۾ ڏئيٿي مٺيا.

”وير ورڌ کي ڪڍي جي آٽيون ڪميا من ۾،
اَديت بدلاءُ ڏسون، پنهنجي جيون ۾.“

●●●

خوشي محسوس ڪبي آهي. ڪميا سان اسانجي روحاني پرگتي
جو پڻ وڪاس ٿيندو آهي. ڪميا ڀاونا اسان جي اندر جيون شڪتي
۽ اُتساهه برقرار رکندي آهي. اسانجي جيون ۾ سک - شانتي
ميل - ميلاپ استر رهندو آهي. ڪميا سان اسين پرپور جيون ج
لطف مائڻ جو اوسر حاصل ڪندا آهيون. آتما ايڪاگر رهندي
آهي، هردي هلڪو رهندو آهي ۽ من شڪوو، شڪايتن کان مڪت
رهندو اهي. ڪميا ڪيترا دفعا سالن جي دشمني ۽ ساڙ وير کي
سماپت ڪري دوستي ۽ ميل ميلاپ جو اوسر ڏيندي آهي. ڪمي
اسانجي زندگيءَ ۾ سک، شانتي آڻيندي آهي، خوشي آڻيتي
اسانجي حياتيءَ ۾ سنگهرش جو خاتمو آڻيتي ۽ اسانکي سهن
شڪتي، سد بڌي ۽ ڌيرج سان جيون جي ڪيتر ۾ مشڪلاتن ج
مقابلو ڪرڻ سيکاريتي. اسانکي اپراڌ، ڪروڌ ۽ آتم - هي
خيالات جي ڀاونا کان مڪت ڪري ٿي. ڪنهن کان بدلو وٺڻ ج
خيال کان ڪڏهن به خوشي حاصل نه ٿيندي آهي. ڇا ڪڏه
ڪروڌ ڪرڻ سان سنتوش ملندو آهي؟ ڪميا سان اٿوٽندڙ ڳالهي
جو انت ٿيندو آهي ۽ شانتيمي زندگي گذرندي آهي. ڇا ڪم
ڪرڻ جي ڪالڪشمڻ ريکا آهي؟ ڇا ڪميا ڪرڻ جو مطلب ائي
ٿيندو ته اسين غلط وهنوار کي به معاف ڪري اُنکي نظراند
ڪري رهيا آهيون؟ ڇا اهو نيتي مريادا جي خلاف غلط نه ٿيند

هر مهاپرش پنهنجي جيون ۾ ڪميا جي ساکي ڏني آهي
سنتن جو، خدا جي نيڪ بندن جو اهو گڻ آهي اهڙا انسان
جاتي ۽ ديش ۾ جنميا آهن. اڇو ته آريه سماج جي برپا ڪن

جا ٻہ پاسا آھن. زندگي روپي گلشن کي سرسبز رکڻ لاءِ خوشمزاجي جي ضرورت آھي. کلڻ ۽ مرکڻ جي ٻہ ھڪ ادا ٿيندي آھي. ٻھروپي شخص جي تور طريقي کي مقبول شاعر ارجن حاسد قلمبند کيو آھي،

’’ ائين ڪِلون، جڻ تہ ٿا لڪايون ڪجھہ،
مُرڪون اِئين، جڻ تہ ٿا ڪنھنکي ڏنگ ھڻون! ‘‘

ايشور جي عطا ٿيل سوغاتن مان خوشمزاجي ھڪ املھہ خزانو آھي. اھا نعمت غريب انسان وٽ بہ مؤجود ھوندي آھي ۽ ھوُ اھا سوکڙي ٻين ۾ پڻ ونڊي ورھائي سگھي ٿو. اسين ڪيترن موقعن تي پنھنجن مٽن مائٽن، يارن - دوستن کي قيمتي سوکڙيون پيٽ طور ڏيندا آھيون پر قدرت طرفان اسانکي مليل خوشمزاجي، مسڪراھٽ، مشڪ جي ڏات ڏيڻ ۾ ڪيٻائيندا آھيون. سياويڪ مسڪان معصوم، اصلي ۽ پيار سان ٿمتار ٿئي ٿي. خوشمزاجيءَ جو گڻ ھڪ اھڙي بلب يا ٽيوب لائيٽ وانگر ٿئي ٿو جو خود بہ روشن رھي ۽ ٻين کي بہ روشن ڪري. جي ڪنھن مشڪندڙ مکڙي کي ڏسبو آھي، جنھنجو چھرو گل وانگر پيو ٽڙي تہ ازخود پاڻ بہ مشڪي ڏبو آھي ۽ دل ٿيندي آھي تہ ان سان دوستي رکون يا ’ھلو‘ چئون. مقبول شاعر واسديو نرمل جو چوڻ آھي،

’’ روءُ نہ رئنديں ھيڪلو،
کِل، جڳ کلندءِ ساڻ. ‘‘

خوشمزاجي

” زندگي سب کي ليئي تي ايک جئسي هي،
مگر اَپني - اَپني ڍنگ سي انسان بسر کرتا رها.“

شاعر جا اهي لفظ ٻڌائين ٿا تہ زندگي تہ هرڪو جيئي ليڪن اهو ضروري آهي تہ اسين ڪهڙي نموني جي رهيا آهيون کائڻ، پيئڻ، سمهڻ کي ئي زندگي نہ چئبو آهي باقي نہ تہ ا حالت ۾ انسان ۽ پسن، پکين ۾ ڪهڙو فرق ٿيو؟ خوشمزاجي سان جيئڻ جو ٻيو نالو زندگي آهي. مني شري ترڻ ساگر ه سندر ويچار ۾ چيو آهي، ”سکي جيون جو راز ڇا آهي؟ سک جيون جو اهو راز آهي تہ هر ڏينهن اهڙي نموني گذاريو تہ را جو ننڊ سٺي اچي، هر رات اهڙيءَ طرح گذاريو جو صبوح ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ ۾ شرمندو نہ ٿيڻو پوي. جواني اهڙ ريت گذاريو جو اوهانکي ٻڍاپي ۾ پڇتائڻو نہ پوي ۽ ٻڍاپو اهڙ نموني گذاريو جو ڪنهنجي اڳيان هٿ نہ ڦهلائڻو پوي.“ مها اوشو جا هي نصيحت آميز لفظ ياد رکڻ گهرجن، ”جنم وٺڻ س ئي جيون نٿي ملي. ان سان گڏ صحيح ڍنگ سان جيئڻو بہ پو آهي.“ غم ۽ خوشيءَ جو پاڻ ۾ اٽوٽ سنٻنڌ آهي. هڪ ئي سک

ويندي آهي. هوُ پنهنجي ڪلمڪ چهري ۽ وڻندڙ سياو سان فضا ۾ موج ۽ مستي پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. پنهنجي منڙي مرڪ، ڪِل - ڇرچي ۽ پيارن ٻولن سان سيني جي من ڪي موهي ڇڏيندا آهن. انهن جي اچڻ سان گويا محفل ۾ نئين زندگي، نئين تازگي، نئين جان اچي وڃي ٿي. ڪيترا آسائتين اڪين سان سندن آمد جو انتظار ڪندا آهن. هوُ هڪ گلاب جي گل جيان پنهنجي خوشمزاجيءَ جي خوشبوءِ چوطرف ڦهلائين ٿا. سيني جي هرديہ ۾ سنيهہ ۽ سک جو ساگر پيري ڇڏين ٿا. اهڙا انسان عام انسانن کان علحدا هوندا آهن. سندن سڀ کان وڏي خوبي اها هوندي آهي تہ هوُ زندگيءَ جي عام مسئلن جي چنتائن کان پاڻ کي آجو رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ٿوري ۾ چئجي تہ هوُ پنهنجي بربادين تي ماتم منائڻ جي بدران خوشمزاجيءَ کي گلي لڳائي، هيءُ بہ گذري ويندو جو منتر عمل ۾ آڻيندا آهن. تحقيق جهڙي درشٽي، تهڙي سرشٽي، سائيءَ جي مريضن کي هرڪا شيءِ سائي نظر ايندي آهي اهوڪو انسان بک، بيروزگاري، مهانگائي وغيرهہ روز مرهہ جي مسئلن جي ڪشمڪش جي گهاڻي ۾ پيسجي رهيو آهي جنهنڪري ڪيترن جي جيون ۾ خوشمزاجي عدم پيدا هوندي آهي. مقبول شاعر ڍولڻ راهي حقيقي چتر پيش ڪندي چويٿو،

” حالات جي چتا ۾ جلندو رهي ٿو پل پل،
ماڻهو ٻڌي چڪو آهي بيجان ڪشمڪش ۾. “

شاعر لڪشمڻ دبي انسان جي اهڙي حالات کان بخوبي واقف

خوشمزاجي انسان محفل جا مور هوندا آهن. اتفاق سان اهي جي محفل ۾ مؤجود نہ هوندا آهن تہ سندن غير مؤجودگي ڪٽڪندي آهي ۽ انهن بابت پڇا ڪبي آهي تہ فلاڻو ڇو ڪونہ آيو آهي؟ ڪنهن سڄڻ کان پڇيم، ''اڙي ڀائي، روتي ڪيون هو؟'' جواب ڏنائين، ''ڪيا ڪرون بهن، صورت هي ائسي هئہ.'' اسين صورت کي سهڻو بڻائڻ لاءِ پڦ پائوڊر، لپسٽڪ وغيره استعمال ڪندا آهيون پر چهري ۾ چقمقي سونهن آڻڻ لاءِ خوشمزاجيءَ روپي رام ٻاڻ جو ساڌن ڪم نٿا آڻيون. هڪ مشهور چوڻي آهي، ''جيڪڏهن توهان وٽ خوشمزاجيءَ جو ڳڻ آهي تہ پوءِ توهان وٽ دنيا جي ٻي ڪا دؤلت هجي يا نہ هجي تہ ب پرواهہ نہ آهي پر جيڪڏهن توهانجي زندگيءَ ۾ خوشمزاجي جي سرهاڻ نہ آهي تہ پوءِ توهان وٽ ڀلي جيون جون هزارين نعمتون هجن تہ بہ ڪوئي فرق نہ پوندو.'' مطلب تہ خوشمزاجي حياتيءَ ۾ جڻ بهار جي مؤسم وانگر اچي ٿي ۽ پنهنجي سرها ۽ هٻڪار سان پنهنجي آس پاس کي خوشگوار بڻائي ٿي. تحقيق غم ۾ پنهنجو پاڇو بہ ساٿ نہ ڏيندو آهي. هڪ شاعر نصيحت آميز شعر چيو آهي،

'' هزارون غم ميري سيني مين ڇپي هئن
ليڪن مئني هر حال مين هنسني ڪي قسم کائي هئہ.

اوهان سنسار ۾ ڪي اهڙا انسان بہ ڏٺا هوندا جن جي آسپاس هئڻ سان ڇئني پاسي ڪل خوشي، ڇوڇہ ۽ آنند جي لهر ڇانئج

خوش مزاج انسان جي زندادلي جو هڪ ئي راز آهي تہ هوُ زندگيءَ جي مسئلن کي گنڀيرتا سان نٿو کڻي ۽ زندگيءَ جي گاڏيءَ کي هڪ آٽوميٽڪ گيئر ۾ وجهي ڇڏي. عيسائي ڌرم جو هڪ مکيہ متو آهي، ”سڀاڻي جي چنتا نہ ڪريو، اڄ جي باري ۾ سوچيو.“ اهڙو خوش مزاج شخص صرف زمان حال ۾ رهي ٿو، پنهنجي ماضي ۽ مستقبل کي وساري ٿو ڇڏي. هن جي نظر، هن جو ڌيان صرف ’هينئر‘ تي آهي، اُن کي ئي ڏسي ٿو، اُن جي باري ۾ ئي سوچيٿو. ڌيان ۾ رکڻ يوگيہ ڳالھہ اها آهي تہ ’سوچي ٿو‘ چنتا نٿو ڪري. جيڪا شڪتي هوند بيڪار جي ڊپ ۽ گهبراهٽ ۾ زيان ٿي وڃي، سا شڪتي هوُ ان مسئلي جي حل ڳولهڻ ۾ لڳائيٿو. اهڙيءَ طرح هوُ زندگيءَ جو ساٿ مرڪ ۽ مستيءَ سان نباهيندو رهي ٿو. زندگيءَ جي شاهہ راهہ تي ڏسجيٿو تہ هڪ ابهم ٻالڪ جي معصوم مسڪراهٽ ماءُ جا ڏک، درد دور ڪري ٿي. ڪنوار جي مشڪ گهوٽ کي هڪ ڪن لاءِ دنيا جي پريشانين کان پري رکي ٿي. اڌياپڪ جي مسڪراهٽ ڪلاس ۾ وڻندڙ واتاورڻ نرماڻ ڪريٿي. شاعر ڪشن ’رنجايل‘ انسان جي مجبورين جو ورنن ڪندي چويٿو:

”مرڪ ڪسي ويو وقت هچارو
ماڻهو ٿي پيو آ ويچارو.“

پٽي کان ممبئيءَ ٽرين ۾ سفر ڪندي اڪثر هڪ ’چنا چور گرم‘ وڪڻڻ واري سان ملاقات ٿيندي اٿم. سريلي آواز ۾ هوڪو ڏيندو آهي ۽ ڏهہ پنڌرهن سٽون چئي بارن، ٻڍن، جوانن کي

آهي انڪري پنهنجي دوست جي گهر وڃڻ کان اڳ سند
دوست کان سندس دشا ۽ دشا جو احوال ڄاڻڻ کانپوءِ ئي سند
گهر وڃڻ چاهي ٿو. سندس متر کي پنهنجو سمجهي ڪيس چو
ٿو:

”وڄ، پڇي اچ ٿون اسانجي يار کان،
فڪر کان فرصت اگر آهي، اچون.“

خوشمزا جي هرو ڀرو ڪو غريبيءَ يا شاهوڪاريءَ تي مدار
ٿي رکي. اها انساني من تي منحصر آهي.. خوش مزاج انس
پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙو ميزان پيدا ڪري ڇڏيندا آهن
ساڏارڻ ڏک، درد سندس خوش مزاج سڀاءُ تي ڪوبه اثر نه ڪر
سگهندا آهن، هو پنهنجي زندگيءَ جي چوڌاري اُميد، وشواس
همت، ڪل ۽ خوشيءَ جي هڪ اهڙي لڪشمڻ ريکا ڪينچي ڇڏين
آهن جو جنهنکي ڪوبه سنڪٽ، ڪابه چنتا، پريشاني پار نه ڪر
سگهندي آهي. هوُ پنهنجي بيخوديءَ ۽. بيپرواهيءَ جي نش
۾ اهڙو نه چوُر هوندا آهن جو بربادي ۽ ناڪاميابيءَ جا طوف
ڪين بنا ڇهڻ جي پاسي کان ئي لنگهي ويندا آهن. سندن
روپي بورڊ تي گويا هي اکر لکيل هوندا آهن ”بنا اجازت
اندر اچڻ جي سخت منع آهي.“ شاعر نراش، بي همت انس
کي نيڪ صلاح ڏيندي چويٿو:

”تقدير بدل جائيگي اپني آپ هي،
مسڪرانا سيک لي بس، وَجَهه تلاش نه ڪر.“

جلن، ايرکا، بدمزاجي وغيره گهر ڪري ويا آهن. هرهڪ انسان سڄو ڏينهن ۽ رات پنهنجي زندگيءَ جي گورک ڌنڌي ۾ ڦاٿو پيو آهي. صبوح هوتي هئہ، شام هوتي هئہ، زندگي يون هي تمام هوتي هئہ. ذري ذري ڳالهہ جي چنتا ڪرڻ، ٿوري ٿوري ڳالهہ من تي کڻڻ ۽ پوءِ پاڻکي ناراض ڪري هر وقت پريشان رهيٺو. تپ - تپ تي ٻين سان وڙهڻ، ٻين کي پلو-برو چوڻ ۽ اهڙيءَ طرحو هوُ پنهنجي چوڌاري هڪ بدمزاجيءَ جو واتاورڻ تيار ڪري ڇڏيٿو، پيو سيني سان کٽ - ڦٽ ڪري ٻين جي دل دکائي. کيس سڄي دنيائي پنهنجو دشمن نظر ايندي آهي. اهڙي انسان کان سڀ ڏهہ گز ڏور ڀڄندا آهن. اهڙو منحوص انسان جو چهرو ڏسي ماڻهن کي لڳندو آهي تہ اڄوڪو ڏينهن الائي سنو گذرندو يا نہ؟ اڄڪلهہ ڪيترين ئي بيمارين جهڙوڪ هارٽ اٽئڪ، بلڊپريشر، ڊائبٽيز وغيرهہ جا مکيہ ڪارڻ آهن بدمزاجي، غصو، جلن، چنتا وغيرهہ. جيڪڏهن اسين صحتمند رهڻ چاهيون ٿا تہ سدائين کلمک رهون، مشڪندڙ، ٽڙندڙ مکڙين ۽ گلن جيان اڳلي کي پاڻ ڏانهن ڇڪيون. جوش ۾ هوش سلامت رکون. خوشمزاج شخص هرهنڌ گل وانگر خوشبوءِ ڦهلائيٺو پل تہ گل ڪومائجي وڃي پر اُن جي سرهاڻ نٽي وڃي. خوشمزاج انسان مانسڪ طور سدا آباد ۽ شاد رهي ٿو. تحقيق،

”موهي وني ٿي من کي جيئن سرهاڻ گلن ۾،
خوشين جا پنڊار پري ٿي تيئن خوشمزاجي جيون ۾.“

●●●

پاڻ ڏانهن ڇڪيندو آهي، سيني سان پيو مشڪي. پائي صاحب

بهن جي، ماتا جي، جئہ رام جي ڪي، گڊ مارننگ، مرهٽن سان

مراٺي، گجراتين سان گجراتي ۽ سنڌين سان پيو سنڌيءَ ۾

ڳالهائي. هرڪو سمجهي ته هيءُ ڪو ذات - پائي آهي. ڪن ۾

ڪيسو پري مشڪندو، ننڍڙن سان هٿ ملائيندو پيو هلندو هلي

صبوح سان ئي جيڪڏهن ڪنهن خوش مزاج ۽ وڻندڙ چهري سان

ملاقات ٿي وڃي ته من تي ڇڻ سرهائي ڇانئجي وڃي. دل چڙ

ٺري پوي! ائين پيو لڳي ته اڄ سڄو ڏينهن سٺو ويندو. ڏٺو وي

آهي ته ان خوشمزاجيءَ جو مانسڪ اثر ٿئي ٿو جو ماڻهوءَ ڪي

جنهن ڪم ٿيڻ جي اُميد نه به هوندي اهي ته اهو ڪم به ٿي

ويندو آهي. ان خوشمزاجيءَ جو ماڻهوءَ جي پيشي جي ڪاميابي

تي به وڏو اثر آهي. اهو دڪاندار جيڪو کلي خوش ٿي پنهنج

گراهڪن سان پيش اچيٿو، اُن جو ڌنڌو ترقي ڪريٿو. جيڪ

ڊاڪٽر پنهنجي مريض سان خوشمزاجيءَ سان پيش اچيٿو. ا

جو اثر سندس دوائن ڪان به وڌيڪ ٿئي ٿو. اهو آفيسر جيڪ

پنهنجي زيردستن سان مٺ محبت سان هلي ٿو، اهو انهن ک

وڌيڪ ڪم وٺي سگهيٿو. اهو اڌياپڪ جيڪو منهن ۾ مرڪ آڻ

خوشمزاجيءَ سان ٻارن کي پاڙهيٿو، ٻار اُن جي پڙهائيءَ ک

وڌيڪ من لڳائي سکن ٿا. ٽي.وي. سيريل تي ڏسو. ديورڏن

شڪني ماما ڪنهنکي به نٿا وڻن پر ڪرشن جو مشڪندڙ چهرو

ڪنهنکي پيو مقناطيسي ڪشش ڪري.

اڄڪلهه اسانجي زندگيءَ ۾ اجايو جوش ساڙ - پڇ، آ

يوت پنهنجو لقمو بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ ته مان توکي سندن قياس جوڳي سقيم حالت کان واقف ڪريان،

”رات فوٽ پاٿ پر، دن مانگتي گذرا ان ڪا،
هئہ يقين، يي شخص هندوستاني هئہ.“

اهڙين حالتن ۾ ڇا انهنکي گلن جي خوشبوءِ پسند پوندي؟ ڇا کين پکين جون مڌر لاتيون وڻنديون؟ ڇا انهنکي قدرت جي دلڪش سندرتا ڪشش ڪندي؟ انهن مجبور انسانن ته کلڻ ۽ مسڪرائڻ به وساري ڇڏيو آهي. کين اها به خبر نه آهي ته خوشي ۽ اُمنگ ڇا ٿيندو آهي! سندن زندگيءَ ۾ صرف اُداسي ئي اُداسي آهي، غم ئي غم آهي. خوشي الوداع ڪري ويئي آهي، پَر ڪري اُڏامي ويئي آهي. انهن جي زندگي هڪ ڪاٺا ٿيل لغڙ مثل اڻڄاڻ منزل ڏانهن هلندي رهي ٿي. انهن غريبن، بيڪسن جي ذرا دلسوز پڪار ته ٻڌ، انهن سان اَميرن ڪهڙو ورتاءُ ڪيو آهي جيئن بکري کو لاگي سانس ڪي، کسائي کو لاگي مانس ڪي.

”ڪتي پتنگ تو آ رهي ٿي، ميري گهر ڪي طرف،
اُسي يہِ لُوٽ ليئا، اونچي مڪان والون ني.“

تون ئي ٻڌاءِ ته اهڙا انسان تنهنجي موڄ، مستيءَ کي حاصل ڪري ڇا ڪندا؟ ڇا اهڙن شخصن کي پوئرن جو گنگنائڻ ۽ پوپٽن جو نچڻ - ڪڏهن ڀاسندو؟ اي بهار، تون ڀاڻ سان مدهوشي جو ڪٽي آئي آهين؟ تو ڪهڙي ڪارڻ دل لڀائيندڙ ساوڪ ۽ نيري

بهار، تون ڇو آئينءَ؟

بهار، تون ڇو آئي آهين؟ تو پاڻ سان گڏ هيءُ گلن جـ
مُهڪار ڇو آندي آهي؟ تو پاڻ سان نشيلو واتاورڻ ڇو آندو آهي
هيءُ خوشين جو پيغام ڪهڙي ڪارڻ آندو اٿيئي، ڇو ۽ ڪنهنجـ
لاءِ؟ ڇا توکي خبر نہ آهي تہ ڀارت ۾ جتي ڪير جون نديـ
وهنديون هيون، اسانجي ديش کي ’سوني ڪي چڙيا‘ ڇيو وينـ
هئو، اُتي اڄ ڪروڙين انسان بيگهر آهن، يتيم آهن، لاچار آهـ
انهنکي هڪ ويلو بہ کائڻ لاءِ نصيب ۾ نہ آهي. ڪين شرير ڍڪـ
لاءِ سواءِ ڦاٽل ڪپڙن جي ڪجهہ بہ نٿو ملي! ذرا شاعر ’شادا
جو شعر ٻڌ،

’’ اِت ڪفن پي وٽي نٿو پائڻ،
جت لکين ٻار پڻ اُگهاڙا آهن. ‘‘

انهنجو ٻچپن فوٽ پاٿ ۽ گندين گهٽين ۾ گذري
انهنجي پوري جواني نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڌڪا کائڻ
گذري وڃيتي. سندن اکين ۾ اشڪ نظر اچن ٿا، چهري
پريشاني ڏسڻ ۾ اچيتي. وقت کان اڳ ئي سندن جواني
ٻڍاپي جون ريکائون نمايان ٿين ٿيون. انهنکي مهنگائي

شڪرگذاري، آڻيتي جيون ۾ بهاري

”ڏنو پيار جن، تن سڀني جا ئي اَحسان،
ڪئي جن بہ نفرت، تو تورا مڃان مان.“

زندگيءَ جي هر موڙ تي، هر حال ۾ سڀني لاءِ شڪرگذاريءَ جا مٺيان لفظ چوندڙ ڇاتل - سڃاتل مقبول شاعر گووردن شرما ’گهايل‘ جا آهن. روز مرّهہ جي جيون ۾، بس ۾، ٽرين ۾، مارڪيٽ ۾، دڪان تي، ڪئين اهڙا موقعا اوهانکي ملندا، جڏهن ڪير ڪنهنکي ويهڻ جي جاءِ تو ڏئي، پيڙ ۾ مدد تو ڪري، رستو پار تو ڪرائي، هيٺ ڪِري پيل شيءِ ڪڻي تو ڏي، ڪنهن بہ نموني توهانکي مدد تو ڪري يا تڪليف ۾ هوُ اهڙي قسم جو ڪم تو ڪري جنهن لاءِ هوُ بدِل ڪونهي پر سندس شناخت ءَ فضيلت ڪانئس اهو نيڪ ڪم ڪرائين ٿا، موت ۾ اوهين ڀيو نہ ڪجهہ ڪونہ ٿا ڪريو پر گهٽ ۾ گهٽ ”ڌنيواد، ٿئنڪس، شڪرانا“ چئي، اُن جي مهرباني نہ مڃو، پوءِ چاهي هوُ ڪير بہ هجي، غريب يا امير، ننڍو يا وڏو يا پاڻ جيڏو. ائين ڪرڻ سان توهانجو ذرو بہ نقصان ڪونہ تو ٿئي پر ان جو اڳلي تي ڪهڙو اثر تو ٿئي سو توهين شايد نہ بہ سمجهي سگهو. اسين سڀ اندر ۾ سمجهي وينا آهيون نہ ڀيا هروقت اسان سان هرقسم جي ڀلائي

آڪاش ۾ اُڏامندڙ پکين جون قطارون آنديون آهن!

اي بهار، وڃ، تون هڪدم واپس وڃ. تون هن هنڌان وڃ جتي
اجهل آنسون وهائيندڙ، لڳاتار روئندڙ ٻارن جي ماءُ کين کير نٿي
پيئاري سگهي. جتي ٻڪئي کي روٽيءَ ٽڪر نٿو ملي سگهي.
جتي آسائتين اکين سان رانديڪي لاءِ واجهائيندڙ ٻار لاءِ ماءُ
پيءُ رانديڪو نٿو وٺي سگهي.

”گهر آکي بهت روئي مان - باپ اکيلي مين،
مٽي ڪي کلوني ڀي سستي نہ ٿي ميلي مين.“

جتي پياسي ڇپن کي پاڻي نٿو ملي سگهي. جتي ڌرتيءَ ج
بسترو ڇائي ۽ آسمان جي چادر ڍڪي هڪ اُداس زندگي سمه
پوندي آهي، ان صبوح جي انتظار ۾ جيڪو ڪڏهن بہ نہ اين
آهي! اي بهار،

”غريبون ڪي بستي مين جاڪر تو ديک
وهان بچي تو هوتي هئن، مگر بچپن نهين هوتا.

اي بهار، تون واپس وڃ. جڏهن هن مجبور، مايوس انس
جي من ۾ نئين خوشي ۽ آشا جا گل ٽڙن تڏهن ئي تون هتي و
اهي گل، اها ساوڪ، اهي تتليون، اهي پونئر، اهو خورشي
نيرو آڪاش ڪٽي اچج، تڏهن ئي تنهنجو دل وجان سان هار
سواگت ڪيو ويندو.

●

اُن جي قدرشناسي ڪري. روزمرهه جي جيون ۾ اسين پنهنجي سياڻ انوسار، فرض ادائي ڪندي جي ڪنهن تي ذرو به اُپڪار ڪري ٿا وجهون ته موٽ ۾ شڪرگذاريءَ جو اظهار شايد نه به ٿئي. ننڍي هوندي کان ئي ٻين سنين عادتن ۾ لکڻ وجهڻ سان گڏو گڏو احسانمنديءَ جو گڻ پرائڻ جي به ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ٻار جيئن وڏن کي ڪندو يا چوندو ڏسندا يا ٻڌندا، تيئن پاڻ به ڪندا. ٿنهنڪري هاڻي کان ئي، مشڪي، سچي دل سان، ”مهرباني، شڪريه؛ ٿئنڪ يوُ“ چوڻ جو اِستمال ڪرڻ شروع ڪريون. اسان اهو ڪڏهن خيال ڪيو آهي ته ڇو ڪونه اسانجو ڌيان، ٻين جي ڪيل چڱائيءَ ڏانهن ٿو ڇڪجي؟ جڏهن ڪير به اسانجي لاءِ ڪا تڪليف وٺڻ لاءِ هرو ڀرو تيار نه آهي ته اسانکي نا اُميدي يا خفو ڇو ٿو ٿئي؟

اسان مان ڪيترا اهڙا به آهن جنکي جڏهن ڪنهن ڪاريه ۾ ڪاميابي حاصل ٿيندي آهي يا ڪا وڏي پدوي ملندي اٿن ته اهو بنهه وسري ويندو اٿن ته سندن سڦلتا يا پدويءَ لاءِ ڪين ٻين جي سهائتا، ڪنهن نه ڪنهن سڌي يا اڻ سڌي نموني ضروري وٺڻي پيئي هوندي. هوُ گويا ائين محسوس ڪندا آهن ته منهنجي ڪاميابيءَ لاءِ مون ئي ڀوتو ٻاڙيو آهي. ڪنهن به ساٿ نه ڏنو آهي. ڪنهن شاعر جا لفظ چوڻ ۾ ڪين گويا حقيقت ٿي نظر اچي.

” جنهن وٽ پهنس دوا، دعا لئه،
سو خود ئي بيمار مليو آ. “

پنهنجي جيون ۾ تمام رواجي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ

ڪرڻ لاءِ ٻڌل آهن. ڪيترا اهڙا مثال ملندا جو بي ديد شخص
جنکي ماتا - پتا جيترو پيار ڏيئي، سندن چاچي، ياءُ - ياجائي
يا پڦي، ماميءَ جان جگر ڏيئي پالي نپائي وڏو ڪيو هوندو ت
وڏي هوندي انهن خير ڪا سندن شڪرگذاري مڃي هوندي. اُٽلو
ڪن حالتن ۾ ته ما ٻهين ساجهه وڃائي، مرڪي چوندا، ''مونکي
پالڻ ۾ ڪين مزو آيو هوندو يا ڪو مطلب هوندن نه ته ائي
چوڪن ها؟'' يائي واهه، احسان فراموشيءَ جي حد تي چڪي
اهڙين حالتن ۾ بزرگن جي ڪومل دلين ۾ ڇا وهندو واپرند
هوندو يا سندن دنيا مان ڪيئن نه وشواس ٽٽندو هوندو اهو ڪ
ٿورا محسوس ڪري سگهندا! تو ڪنهن سان ڇڱا ڀير پريا، سند
هر ڳالهه ۾ چاهه ورتو، ڏک ۾ ساٿ ڏنوءِ موت ۾ توڪي ڪجهه
مليو. اُٽلو اڳلي تنهنجي ڪيل سڀ ڀلائي وساري ڇڏي ۽ توڪ
برو سڏي يا برو سمجهي ته توڪي ڪيترو نه افسوس ٿئي!

سنو ته ائين آهي ته ڪوبه ڇڱو ڪم ڪري موٽ
احسانمنديءَ جي اجائي اُميد رکجي ئي نه. ڪير تو ڪنهن
قدر ڪري يا ڪير تو ٿورو قبولي! دنيا جي ماڻهن جي حقيق
فطرت جي تصوير پيش ڪندي شاعر ڊاڪٽر موتي پرڪاش چوي ٿ

''صرافن ڪٽي ڪَٽ نه هيرن سچن جي،
ڪٽيائون ته ڪنڪر جي قيمت ڪٽيائون.''

هرو ڀرو ننڍي ننڍي ڳالهه تي اهڙي آشا رکڻ ناداني آه
سؤ مان نوانوي دفعا ڏسبو ته ماڻهو ڪين جهڙو ڪم ڪرڻ ڪان
دل ۾ اهائي آرزو ٿو رکي ته منهنجو ڪيو وئرٿ نه وڃي، ڪ

تيندا آهن. سنتن - مهاتمائن جي ڳالهه ڪٿي ڇڏي ٻه ڏيون. اهڙيءَ طرح گهرو جيون ڪانسواءِ ٻاهر سماج سڌارڪن يا ڪن سماج شيوڪن جي ڪم، هڻ پٽ ۽ ڏڪن ڏوہن جو اسين خير ڪو شڪرانا ادا ٿا ڪريون! ها، ڪين ڳاريون ڏيڻ، ننولي ڪرڻ ۽ نقطچيني ڪرڻ لاءِ هميشه تيار هوندا آهيون!

ڪيترا ماڻهو تورو مڃڻ ۾ شايد پنهنجي گهٽتائي سمجهندا آهن ۽ ڪنهنجو احسان ڪيل هوندن ته ظاهر ڪرڻ ۾ هڇڪندا آهن. شايد اهو ٻپ وينل هوندو اٿن ته اسان کي ٻيا ڪمزور، گهرجائو يا پينو نه سمجهن! سچ پچ ته شڪرگذاري، ڏنيواد، احسانمندي هڪ شاندار گڻ آهي، جي سچي دل سان ٿئي جي ڪيل توري جي احساس کي پڌرو ڪريون ته سمجهون ته پنهنجي فراخدل هئڻ جو ثبوت ڏنو اٿئون. ان ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانهي. ٻيا ڇا ٿا چون، سمجهن، ان جي پرواهه نه ڪجي ڇو جو دنيا اُلٽي چال هلي رهي آهي! شاعر ڪيمن مولاڻيءَ سچ آکيو آهي،

'' اڄڪلهه هرڪو انڌو ٻوڙو،
گونگن کي پيو ٿو سمجهائي. ''

انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته ڪنهن پينوءَ وانگر، هر ڪنهنجي گهر ڪائي آيل پڪوڙا، پاپڙ، چانهه، بسڪوٽ جي بدلي سندن ساراهه جا ڍڪ پريون. برابر، ڪير بہ ڪونه ٿو مري پر تڏهن بہ جيڪڏهن ڪنهنجي مهماني قبوليندي اسانکي مزو آيو آهي ته ڪنهن نه ڪنهن نموني اها ڳالهه پنهنجي مزمان اڳيان ضرور ظاهر ڪندي ٿئنڪس چئجي. مکڻ مان وار ڪڍڻ،

ئي اسان کي ڪيترن جيون جي سهاري هلڻو تو پوي. اُنهن جي
ڪاڻ تي ڪيڏي پوي. پوءِ گهڻا دفعا اسانکي اهو ويچار آيو آهي
تہ ڪنهنجا شڪرانا مڃيون؟ نوڪرن کي تہ سندن ڪم جي عيوض
پگهار تا ڏيون. ذرا تصور ڪريون تہ جڏهن هڪ ڏينهن ئي گهر
باسڻ، ٻهارَيءَ جو ڪم ڪرڻ واري نتي اچي تہ اسانجي حالت
ڪيتري نہ قياس يري تي پوي تي! ان وقت اهو نہ تا سمجهون
تہ هوءَ بہ انسان آهي! سندس پٽ بيمار تي پيو. ٻہ ٽي ڏينهن
اسڪول نہ وڃي سگهيو. هن مائيءَ جو پٽ اڳيان هئڻ سخت
ضروري هئو. ان وقت سوارٿ وس اسان کان هن جي قدرشناسي
وسري وڃيتي! اڄ تہ اهڙو سمو آيو آهي جو پگهاردار نوڪر
پنهنجي مرضي مطابق تي تا ڪم ڪن. توهين سمجهو تا تہ
اهڙي محنت ڪرڻ لاءِ بدل آهن ۽ موٽ ۾ ڪنهن بہ نمونے
شڪرگذاري ڪرڻ يا سندن قدرشناسي ڪرڻ جو توهان تي ڪو
فرض نہ آهي؟ اسانکي مقبول شاعر واسديو موهيءَ جا هي لفظ
ياد رکڻ گهرجن،

”اوهان پنيون، مان دروازو،
مون کان سواءِ گهر ڪيئن بڻندا؟“

احسان فراموشيءَ جي عادت اهڙي تہ پڪي بڻجي وئي
اٿئون جو اهڙو تہ ڪڏهن بہ خيال ڪونہ تا ڪريون تہ قدر شناسي
جي ڪوتاهيءَ جو، اسان لاءِ ڪم ڪندڙن کي ڪڏهن تہ احساس
ٿيندو هوندو! دل ۾ ڪٽي ڪهڙا بہ ويچار هجن پر اڳلي جي همت
افزائي لاءِ ۽ پنهنجي لياقت ظاهر ڪرڻ خاطر ڪڏهن ٻاهران
تہ ظاهر ڪريون. عام رواجي ماڻهو تہ اهڙين ئي ڳالهين ۾ خوش

مان وقت آهيان

”وقت سي دن اؤر رات،
وقت سي ڪل اؤر آج،
وقت ڪي هر شيءِ غلام،
وقت ڪا هر شيءِ پي راج. “

ها ها ها! مونکي ڪِل ان ڪري اچي ويئي جو مان توهان جي اِبتدا، اِنتها هوندي بہ توهين مونکي، منهنجي اَپار شڪتيءَ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش نٿا ڪريو، اڪيون هوندي بہ منهنجي طاقت کي ناداني‌ءَ جي وس تي نٿا ڏسڻ جي ڪوشش ڪريو، ڪنن هوندي بہ ٻوڙا ٻڌجي وينا آهيو، سمجهہ هوندي بہ بي سمجهہ تي پيا آهيو! مون توهانجي هٿن ۾ اصلوڪي وطن ۾ اَچڻ لاءِ پاسپورٽ ڏنو آهي، ويزا پڻ هڪي تڪي حاضر ڪري سؤنپي آهي، ويزا تي ايڪسپائري ڊيٽ پڻ لکي آهي پر عيش عشرت ۾ اي غافل اِنسان! تون اکين تي اگيان، ايمان جو پردو هڻڻ ڪري اها تاريخ ڏسڻ جي ڪوشش نٿو ڪرين! مون توکي سنسار ۾ آڻي، رٽرن ٽڪيٽ پڻ ڏني آهي پر پيٽين ۽ ڪوڪن جي جمع ڪرڻ ۾ زندگي بسر ڪندڙ مورک اِنسان، اها اسٽيشن تون

عادتون خراب ڪڍڻ نقص مان ڳالهہ هر يرو هرو ۽ ڪرڻ ڪنڌ ڪنڌ
ڪيترن ، آهي ئي اَشانتي ۾ ڪتنبن ڪيترن ڪري جي جن آهن
ڪ ننڍي ۾ ننڍي جي اڳلي بدران جي ان .تلخي ۾ دلين جي
سا رهبر روحاني .سکون تيڻ احسانمند ۽ سڄاڻڻ قدر جو
دل اي‘‘ ،چويتو ڏيندي نقطو آميز نصيحت صاحب واسواڻي
اسپتال ڪڏهن ’’شڪر ڪر ،شڪر ڪر ،شڪر ڪر ،فڪر نہ ڪر
ڏسو وڃي ۾ پاڳلخاني ،۾ آشرمن اناٿ ،۾ آشرمن ورڌ ،۾
کهڙ پريوءَ اسانکي ۽ آهي پيئي لڳي حالت ناڪ درد نہ کهڙي
شڪ ،شڪر‘‘ ڇا !آهي ڏني صحت سالم سني ،جيون امولڪ نہ
شڪ ۾ ڳالهين دنيوي ؟مڃيون نہ آپار جا پرماتما ڇئي ’’شڪر
اسي سگهنداسي مڃڻ شڪرانا جا مالڪ ان ڏينهن هڪ ڪندي ڪندي
پري .آهي مليو ڪجهہ سڀ اسانکي سان مهربانيءَ اپار جنهنجي
مڃ تورا جا سائينءَ سڀاجهي وقت هر کي اسان ،مڃي آپار جا
بڻائڻ شاد ۽ آباد جيون پنهنجي ئي ائين وقت هر ۽ گهرجن
،گهرجي چوڻ

’’ پريو آپ کي ديا سي، سب ڪام هو رها هئہ
ڪرتي هو تم پريو جي، ميرا نام هو رها هئہ. ‘

شڪرگذاري اتوءَ ڏاڍي چمتڪاري! پنهنجي ڪنهن نوڪر
اسسٽنٽ کان ڪم ڪرائڻ لاءِ ٿئنڪس چئو پوءِ ڏسندا تہ
ڪم هوُ ڪل - خوشيءَ اُتساهہ ۾ ڪندو ۽ ڏکيو ڪم بہ آسان
پوندو. اهو نسخو آزمائي ڏسو.

چڱو، منهنجو هيءُ ليک پڙهڻ لاءِ شڪرگذاري. تحق
شڪرگذاري، آٽيتي جيون ۾ بهاري.

بعد سانوڻ جون گهٽائون ايندیون آهن. منهنجي ئي اِشاري تي سُنامي ايندي آهي. منهنجي ئي حڪم سان ٻوڏون ايندیون آهن، چؤطرف هاهاڪار مچي ويندو آهي. آباد گهر اُجڙي ويندا آهن. ڌرتيءَ تي ساوڪ جو غاليچو مان ئي وڇائيندو آهيان. ڏسندي ئي ڏسندي سياري جو سامراج ڇانئجي ڇڏيندو آهيان. وڻن جا پن ڪِرڻ لڳندا آهن. چئني طرف مايوسي ۽ خاموشيءَ جو واتاورڻ ڇانئجي ويندو آهي. اڄ تہ مان توکي غزل گوُ شاعر يگوان نردوش جا لفظ ٻڌايان،

”وقت ويري جڏهن ٿئي ٿو، دوستَ،
ڏينگ ڏيري ڪري ڇڏي ٿو، دوست!“

اچانڪ انب جي وڻ جي ٽاريءَ تي ڪوئل جي مڌُر ڪوُ ڪوُ لاٽ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي ۽ بهار جي مند جو چوڏس سواگت ٿيندو آهي. پرڪرتي نئين دلهن جيان سينگار ۾ ٻهڪيل نظر ايندي آهي. رنگبرنگي ٽڙيل گُل فضا ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيندا آهن. سندن چوڌاري رس جا لوڀي ڀونئر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. نشيلي هوا لڳندي آهي. وڻ ڦلن - ڦولن سان ڀُر ٿي ويندا آهن ۽ وري اَچانڪ قدرت جو ساڳيو ڪرشمو، پريورتن شروع ٿيندو آهي. اِنسان ذات کي ان لڪ - ڇپ راند جي ليلا جو سبق سيکاريندي چوندو آهيان تہ پريورتن سنسار جو اٽل نيم آهي.

مان سيني کي ڏسان ٿو پر مان سيني کان لڪل آهيان. مان سوُتر ڌار جيان سنسار جي رنگمنچ تي سيني کي ڪٺپتلين وانگر نچائي رهيو آهيان ليڪن اِنسان ڪيترو نہ ابوجهہ آهي جو هوُ

وساري وينو آهين! بنگلا، محل ماڙيون، دنيوي اَسار پدارٿ گ
ڪرڻ ۽ شرط پڇائيندڙ اي مند ٻُڌي اِنسان، تون اهو وساري وي
آهين تہ هن سنسار جي مهمانسراءِ ۾ تون چند ڏينهن جو مسا
آهين، مسواڙي مڪان خالي ڪرڻو ئي پوندءِ ۽ مان ئي اَچ
توکي ٻُلند آواز ۾ سڏ ڪري چوندس، 'مڪان خالي ڪرو.' مڪ
خالي ڪرڻو ئي پوندءِ. ان وقت ڪو داد فرياد، ڪا دانهن ڪوُ
ٻُڌڻ لاءِ ڪوبہ تيار نہ هوندءِ. لاچاري، مجبورِي، پاسا ورائي ويند
توکي پوءِ هٿ هٿي ڇوڙو پوندو،

" ڏينهن گذري ويو، مون ڪجهہ نہ ڪيو،
سج تہ جهٽ پٽ هتي لهي ٿو وڃي. "

مان راجا آهيان. راجائن جو بہ راجا آهيان، مهاراجا آهيا
شاهہ آهيان، شاهن جو شاهہ آهيان، شهنشاهہ آهيان، بي
بادشاه آهيان. سارو سنسار منهنجي اشاري تي هلي رهيو آه
'صبح هوتي هئہ، شام هوتي هئہ، زندگِي بس يون هي ت
هوتي هئہ.' مان ماضي هوس، حال آهيان ۽ مستقبل رهند
مان هزارين اکين سان دنيا جو تماشو ڏسي رهيو آهيان. س
جڳ جو مالڪ مان آهيان. سيني جو پوتاميل مون وٽ مح
آهي. هِتي، هُتي، هرهنڌ، چئني طرف منهنجو ئي راڄ آه
منهنجي ئي اِشاري تي سج اُڀرندو آهي، وري لهندو آه
مون کان پُڇي رات ٿيندي آهي، چنڊ نڪرندو آهي ۽ آسما
بيشمار تارا چمڪندا آهن. مندون بدلجنديون آهن، سخت

”وقت سي پهلي هئي شام، گلا ڪِس سي ڪرون؟
رهه گئي ڪتني ميري ڪام، گلا ڪس سي ڪرون؟

مون اِنساني زندگيءَ جي ناٽڪ کي ڇهن درشين ۾ ورهايو آهي. ٻچپن، جوانيِ، ٻڍاپو ۽ موت. مون بيتاج بادشاهه جو راڄ وچتر آهي. سهاڳڻ کي هڪ ڪن ۾ ڏهاڳڻ بڻايان ٿو. مان چاهيان ته لکاپتيءَ کي هڪ پل ۾ ڪکاپتيِ بڻائي در در جو ٻکاري بڻائي سگهان ٿو. ٻڍن جي هوندي جوانن کي لقمو بڻائي سگهان ٿو. بِغل، باجن، شهنائين جي محفل ۾ ماتم جو ماحول پئدا ڪري سگهان ٿو. اِنسان جي ڪنڌ مان ڪيني جي ڪلي ڪڍي سگهان ٿو. شاهه کي گدا ۽ گدا کي شاهه بڻايو ڇڏيان. منهنجو چڪرويوهه اننت ڪال کان جاري آهي. منهنجي ئي اِشاري تي جڳت جو هر پريورتن ٿيندو آهي. مان ئي سنسار جو ڀاڳيه وڌاتا آهيان. ساڏارڻ منش کان وٺي وڏا وڏا راجائون ۽ مهاراجائون منهنجي مايا ڄار کان بچي نه سگهيا آهي. منهنجي اِشاري تي ئيِ هار، جيت، غم ۽ خوشيءَ جو تماشو ٿئي ٿو. سنسار جو سُک، دُک، آنسون ۽ مسڪراهٽ منهنجي ئيِ ڪارڻ ٿين ٿا. منهنجي ئي اِشاري تي زلزلا ٿين ٿا. وڏا وڏا پهاڙ ڀڄيِ پُرزي، ٽڪر ٽڪر ٿي وڃن ٿا. وشال ساگر سُڪي وڃن ٿا. سرسبز جهنگل جلي ڀسم ٿيِ وڃن ٿا ۽ سڄ ۾ ساوڪ پئدا ٿئي ٿيِ. مان ئي وِشو ڀر جو رموٽ ڪنٽرول آهيان. بيماريون، طوفان، ٻوڏون، ڀوڪنپ، باهه وغيره جي روپ ۾ ڌرتيءَ تي قهر پئدا ڪريان ٿو. مان ئي انسان کي آڪاهه ڪندي چوان ٿو،

سمجهي ٿو تہ هوُ جيڪي چاهي ٿو سو ڪري سگهي ٿو! هوُ تہ
منهنجي هٿ جو ڪيڏوٺو آهي. سندس اَيمان تي، مورڪتا تي
مونکي ڪِل ايندي آهي. مقبول شاعر گووردڌن شرما 'گهايل
منهنجي شڪتيءَ بابت ڇا ٿو چوي، اهو ٻڌ،

"وقت هٽي ذڪ مات ڪرايس
'گهايل' هونئن گهڻو چنچل هو."

سڀ جنم کان موٗت تائين منهنجي ئي مايا ڄار ۾ ڦاٿل آهن
مون ناڙ جي ڏڦي جيان ڪيس پنهنجي قبضي ۾ رکيو آهي
انسان جنم وٺي ٿو، ٻچپن جا معصوم ڏينهن راند روند وغيره
گذري وڃن ٿا. ڏيري ڏيري هوُ جوانيءَ جي اڱڻ ۾ قدم رکي ٿو
جوانيءَ جي نشي ۾ چوُر ٿي وڃي ٿو. ڏسندي ئي ڏسندي سندس
اها جوانيءَ جي مستي لهڻ لڳي ٿي. بدن ٽڪجڻ لڳي ٿو. اُمنگ
۽ اُتساهہ ٿڌو ٿيڻ لڳي ٿو. زندگيءَ جي شام اچڻ لڳي ٿي
منهنجي ڦهليل موہ مايا ڪيس ڇڏي نٿي ۽ هڪ ڏينهن بنا اطلا
جي هن ڪلاڙيءَ جي جيون جو کيل ختم ڪريان ٿو. مرڻ کان اڳ
سندس من ۾ خيال اُٿڻ ٿين ٿا، "مان اَجا وڌيڪ جيئرو رهان
منهنجو ڪٽنب - پريوار مون کان ڇٽي رهيو آهي، ايندڙ جن
کهڙو ٿيندو؟ الائي سٺي گت ملندي يا نہ، هيءُ ڪم اڌو
رهجي ويو، فلاڻي ماڻهوءَ منهنجو بُرو ڪيو، منهنجو هيڏو نقص
ڪيو، منهنجي هيڏي بيعزتي ڪئي، بدلو وٺي نہ سگهيس
وغيره." اهڙي مورک انسان جا هي لفظ ٻڌ:

سنسار ۾ تيندڙ درگھٽنائن جي روپ ۾ مان پنھنجا نشان ڇڏيان ٿو. دنيا کي مسافرخانو، مھمانسراءِ بڻائي وينو آھيان. مان ڪڏھن بہ آرام نٿو ڪريان. مون لاءِ آرام حرام آھي، سيني تي منھنجو ڊپ ڇانيل ھوندو آھي، مان ھڪ ٽپاليءَ جيان آھيان. مان ڪڏھن خوشيءَ جو پيغام پھچايان ٿو تہ ڪڏھن غم جي درياہ ۾ غوطا کارايان ٿو. مون نرديشڪ جي حُڪم انوسار سارو سنسار ائڪٽنگ ڪري رھيو آھي، منھنجي ليلا نيارِي آھي. منھنجي ڪري ئي ڀڳوان رام کي چوڏھن سال بنواس ڀوڳڻو پيو. راجا ھرشچندر کي چنڊال بڻجڻو پيو. پانڊون کي تيرھن سال بنواس ڀوڳڻو پيو ۽ ڪيترين ئي مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پيو. منھنجي رفتار کي ڪنھنکي بہ روڪڻ جي طاقت ڪونھي. مان ھر بني بشر جي ڪرم، وچن ۽ جيون ۾ سمايل آھيان. دنيا منھنجي اڳيان جھُڪي سجدو ڪري ٿي. مان ئي سيني جو حاڪم بڻجي حڪم ھلايان ٿو. ھرڪو منھنجي حڪم جي بجاورِي ڪرڻ لاءِ ٻڌل آھي. ايماني انسان کي نصيحت ڏيئي آگاہ ڪندي چوان ٿو:

’’ وقت ايڪ سا نھين رھتا ڪڀي، سُن لي اي دوست،
ڪڀي خود ڀِي رو پڙتي ھئن، اؤرون ڪو ستاني والي.‘‘

رانوڻ ۽ ڪنس کان وٺِي، نيپولين ۽ ھٽلر تائين، سڪندر وغيره ڪيترائِي اتياچاري حاڪم ھئا جيڪي پنھنجي ڪوڙي گھمنڊ ۾ چوُر ٿِي ٻين تي ظلم ڪندا رھيا ليڪن ھڪ ڏينھن مون کين اھڙِي تہ نوڪر ھنئي جو ڪنڌ مٿي نہ ڪري سگھيا ۽

”سدا نہ بلبل باغ رهي، سدا نہ باغ بهاران،
سدا نہ حسن جواني رهي، سدا نہ محفل ياران.“

توهانجي زندگي روپي ٽرين جو ڊرائيور مان آهيان، ٻيڙيءَ جو ملاح آهيان. منهنجي ڪري ئي ملڪ جي سڀيتا، ڪلا ڪاريگري وغيره انمول سؤغاتون نيست و نابود ٿي وڃڻ تا ي محفوظ رهن ٿا. منهنجي عدالت عجيب آهي. ڏوهاري دني جي ڪورٽ ڪان ڀلي تہ ڇُٽي وڃي پر منهنجي سرڪار وچ آهي. گنهگار کي گڏيل وياج سميت سزا ڏيندو آهيان، اڄ نہ ت سڀان. مان انسان کي جُدائيءَ جي آگ ۾ جلائيندو آهيان ت ڪڏهن ديالو بڻجي وڇڙيلن کي ملائيندو آهيان. اڄ نونهن ج راڄ آهي ۽ هوءَ جوانيءَ جي نشي ۾ يا پئسي جي خمار سبب سسُ سان ٻُرو وهنوار ڪري ٿي تہ مان کيس سبق سيکارڻ لاءِ تيا هوندو آهيان. سُڀان جڏهن پاڻ سسُ بڻجي ٿي تہ سندس نونه بہ ساڻس اهڙو ئي ورتاءُ ڪري ٿي. اَڄ هما، سُڀان تَما. منهنج ڪري ئي لهڻيدار قرضدار ۽ قرضدار لهڻيدار بڻجي ٿو. ڪنه کي مان ڪماليت جي بُلنديءَ تي پهچايان ٿو تہ ڪنهن ک زواليت جي زمين تي ليٽڙيون پارايان ٿو. مان ئي سرشٽيءَ ج نرماڻ ۽ وناش ڪندڙ آهيان. منهنجي رٿ جا ڦيٿا سدائين ڦرند رهن ٿا ۽ ماڻهن جي قسمت ۽ بدنصيبيءَ جو ليکو چوکو ڪند رهن ٿا. منهنجي ڪري ئي جنم ۽ مرتيو جو چڪر هلندو ره ٿو. مون ڪان ڪوءِ ڇُٽل ڪونهي. مان لکين پيرن سان سدائي رفتار سان هلندو رهان ٿو پر منهنجا پير ڏسڻ ۾ نٿا اچن. هر

خوشامد ڏيئڻي لوڪ آنند

”ساراهہ تنهنجي مان ڪيان ٿو، تون بہ منهنجي ڪر، اڄڪلهہ اهو جهان جو دستور ٿي ويو.“

اهي لفظ شاعر ڀڳوان ٻاٻاڻي چيا آهن. پنهنجي ساراهہ ٻڌڻ هر ڪنهنکي وڻندو آهي. پنهنجي ناموس ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڪيترائي اجوڳ طريقا اپنائڻ کان بہ ڪين ڪيٻائيندا آهن. پنهنجي ساراهہ ٻڌڻ درحقيقت انسان جي بنيادي ڪمزوري آهي پر اها ڪمزوري جڏهن لڪشمڻ ريکا پار ڪري وڃيٿي تڏهن اسين خوشامدڙن، چاپلوسن، چمچاگيرن جو شڪار بڻجي نڳجي وڃون ٿا. پنهنجي تعريف ٻڌي ٻڌجي پر خوشامد ۾ نہ ڦاسجي. خوشامد، چاپلوسي هڪ سناتني، آد جڳاد جي ڪلا آهي، جنهن ان ڪلا ۾ سونو ميڊل حاصل ڪيو يا پاسنگ مارڪون پراپت ڪيون تہ اُن جي زندگي آرام سان گذرندي. هن ڪلا جو هرهنڌ بول بالا آهي. هن جي ساز ۾ جيڪو لطف آهي، اهو ٻئي ڪنهن ۾ ڪونهي. خوشامد هڪ اهڙو مداري آهي جنهنجي تان تي سيئي متوالا بڻجن ٿا. هن جا شائق دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آهن. هن جي هٿيار جو استعمال ڪندڙ اڪثر سوڀارو ٿيندو آهي. ٻلي تہ سياڻا ماڻهو ڪيس ڏسي نڪ موڙين پر هن جا قدردان، ڦهريائين سندس خوش آمديد ڪندا آهن. سندس آجيان لاءِ آسائتيون

پوءِ اي انسان، تون ڪهڙي ڪيت جي موري آهين؟ انهن اڳيان
تنهنجي ڪهڙي مجال آهي؟ پنهنجي شاهوڪاري، مان مرتبي،
عهدي، اقبال تي اجايو هٺ وڏائي نہ ڪر.

”يون تو هر چيز گن گن کر ليتا هئہ،
اڙي پائي، تيري هي گنتي نهين،
دؤلت کو کيا گنتا هئہ؟“

مان جيڪڏهن نانگہ جيان آهيان تہ منهنجو زهريلو ڏند آهي
مؤت. هيءُ سارو برهمانڊ ئي منهنجو رهڻ جو ہڙ آهي. مان ڪمان
مان ڇُٽل تير جيان آهيان. هڪوار ڇُٽس تہ واپس نہ ايند
آهيان. منهنجو مقصد آهي ’چلنا جيون ڪي ڪهاڻي، رُڪن
مؤت ڪي نشاني‘، جنهن مون کي برباد ڪيو، اُن کي مان بربا
ڪري ڇڏيندو آهيان.

”نرڏن هجي چاهي ڏنوان،
اڻ پڙهيل، توڙي ودوان،
ڪمزور هجي، چاهي ٻلوان،
هرڪو آهہ، منهنجو غلام.
... مان وقت آهيان.“

هاڻي سمجهي ويا هوندا تہ مان وقت آهيان.

●●

چمچاگيري ڊگري پاس آهيو تہ توهين ڪٿي بہ ٽڪي سگهندا. خوشامد جي ڪلا کي اڄڪلهہ سماجڪ سويڪرتي مليل آهي. مان هڪ سماجڪ ڪاريہ ڪرتا کي چڱيءَ طرح سڃاڻان. گذريل سال هن مهاشيہ مزورن جو هڪ سميلن سڏايو هئو، ان لاءِ هن خوب چندو ڪٺو ڪيو. هڪ منتريءَ کي ڪوٺائي اُن جي ڀاشڻ جو پڻ بندوبست ڪيائين. سميلن بعد ڪيس بہ فائدا ٿيا. منتري مهوديہ ڪيس هڪ سمتيءَ جو ميمبر بڻايو ۽ ٻيو تہ هن کي پنهنجي گهر مٿان هڪ ٻي ماڙ نهرائڻي هئي جيڪا ڪيتري وقت کان پابندين جي گهيري ۾ هئي. نيتجو اهو نڪتو جو بہ ماڙ نهرائڻ جي ڪيس بنا ڪنهن رڪاوٽ جي اجازت ملي ويئي. هيءُ هرفن مولي سڄڻ خوشامد جا طريقا اپنائي هر ٻئين ٽيئن ڏينهن ڪنهن منتري، ايم. ايل. اي، ڪنهن آبرودار آفيسر جو اپيننڊن ڪندو رهندو آهي ۽ ائين ڪرڻ سان ماڻهن ۾ هن جو ڏاڪو ڄمي ويو آهي. پاورفل ماڻهن سان جيڪڏهن نزديڪي وڌندي آهي تہ سک - سُوڌائن جي گنگا پنهنجو پاڻ وهندي نظر ايندي آهي. ڏسنديئي ڪنگال پڻ مالا مال ٿي ويندا آهن. خوشامد جي چقمقي چاش ۾ اهڙي تہ ڪرامت آهي جو ڪنهنجي بگڙي بڻائي سگهي ٿي. ڀلا، ڪير نہ چاهيندو تہ سندس تعريف ٿئي؟ سنت هجي چاهي مهنت، ادنيٰ هجي يا اعليٰ، مفلس هجي چاهي تونگر، ٻار هجي يا ٻڍو، ٿوري تعريف ڪئي ۽ ڳالهہ بڻجي پيئي! خوشامد جنهن سان همسفر هوندي آهي، ان جون پنج ئي آڱريون گيهہ ۾ هونديون آهن. هونءَ بہ عام چوڻي آهي تہ سڌي آڱر سان گيهہ نہ نڪرندو آهي. منزل مقصد تي پهچڻ لاءِ تہ سؤلي واٽ ونڻ ۾ ئي سمجهداري آهي. خوشامد جتي بہ پير رکندي آهي،

اکيون پائي وينا هوندا آهن. هن ۾ اهڙو نہ مقناطيسي رس
آهي جو هن ڏانهن سندس چاهڪ پوئر جيان ڇڪجي چار ۾
قاسي پوندا آهن.

در اصل جيون جي هر گهڙي خوشامد جي قرضدار آهي
خوشامد ڪامڌينو ڳانءِ آهي جنهنجو پڇ پڪڙي نہ ڄاڻ ڪيتر
گڏهہ گهوڙا ٻڌجي ڊوڙي رهيا آهن. عهدو، پئسو، مان، - مريادا
سک - سمرڌي وغيره پائڻ جي حوص ۾ خوشامد جهڙي ساتوڪ
هٿيار جو سهارو وٺي رهيا آهن. خوشامد هڪ قسم جو اهنسڪ
هٿيار آهي ۽ جيڪڏهن ڪير هن ڪلا جو استعمال ڪري ڪجھ
حاصل ڪري ٿو تہ اُن ۾ ڪهڙي برائي اهي؟ هيءَ تہ زندگي
جي هڪ انوکي ڪلا آهي، ان ڪانسواءِ توهين جنهن جڳهہ تي
آهيو، ان استان تي ئي پيا هوندا. جيڪي ماڻهو بدبوئدار پاڻي
وانگر هڪ ئي هنڌ بهڻ نٿا چاهين، خوشامد جو سهارو وٺي اڳيان
وڌڻ چاهين ٿا سي پاورفل ماڻهن جو آدر ڪن ٿا، اَڪارڻ ساڃي
ڪاٻي قرن ٿا. اَيينندن ڪن ٿا، عيش ڪن ٿا. خوشامد ئي جيو
جو سار آهي. گهر ۾ يا ٻاهر جيڪڏهن عزت کپي تہ خوشامد خور
جي برادريءَ ۾ شامل ٿيو. اجوڪي دؤر ۾ هوا جي رخ کي ڏس
هر دلعزيز شاعر پرسرام ضيا چوي ٿو،

”دل ۾ هجيم هڪ تہ زبان ڳالهہ ٻي ڪري،
بدتر کي چوٽو تو پوي بهتر الائي چو؟“

خوشامد هڪ اهڙي ڪلا آهي جيڪا هرڪنهن جي وس ج
ڳالهہ ناهي. خوشامد جي فن ۾ ماهر شخص کي بي. اي. ايم.ا
وغيره ڊگري پاس ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. توه

قدم وڌايو، اهو جيون پر سڪي رهيتو، ان ڪري ئي تہ ڏيري ڏيري خوشامد لوڪپريہ ڪلا بڻجي رهي آهي. جيڪڏهن ائين بڻجي چڪو آهي تہ ان جو پانيڪرم بہ تيار ٿيڻ گهرجي. ڪنهنجي ساراهہ ۾ گيت لکڻ، ڪوتا پڙهڻ، چاليسا لکڻ، اهو سڀ ڇا آهي؟ مطلب اهو آهي تہ ساهتيہ جي کيتر ۾ پڻ خوشامد جي ڪلاپختتو پير رکيو آهي. خوشامد واچسپتي خوشامد شري سولائيءَ سان ملي سگهن ٿا. ڳوٺ هجي ڇاهي بستي، نگر هجي ڇاهي شهر هرهنڌ خوشامد جي ڪلا ۾ پربيڻ پرتيڀاشالي پُرشن جي ڀرمار آهي. هيءَ يگ خوشامد جي ڪلا جو يگ آهي جنهن هن جو وروڌ ڪيو، اهو پٺتي ئي رهجي ويندو! وقت سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي هلڻ ۾ ئي سياڻپ آهي. خوشامد جي شطرنجي چال کي ڏسي غزل گوُشاعر گوورڌن شرما گهايل فرمائي ٿو،

”وَرسيءَ تي والاريون ڪُرسيوُن،
ڀِهرينءَ صِف ۾ چِبرن، طوطن.“

مان اهڙي شخص کي بخوبي سڃاڻان جيڪو وقت بوقت اييندن ڪندو آهي. جيڪڏهن اييندن پرتيڀاشالي شخصيتن جو هجي تہ نيڪ آهي ليڪن اييندن ڪندو آهي منتريءَ جو، نيتا جو، آفيسر جو يا ڪنهن اهڙي شخص جو جنهن مان سک سمرڌيءَ جو سامان لٽائي سگهي. اييندن ڪرڻ بہ خوشامد جو هڪ طريقو آهي. ڪي ماڻهو جيون پر ان ذريعي کي اپنائي مالا مال بڻجي ويا آهن. اييندن ڪرڻ ۽ ڪرائڻ هڪ اهڙو شونق آهي جنهنجي ڳالهہ ئي نہ پڇو، هيءُ هڪ اهڙو چشڪو آهي جيڪو هن ڇاڙ مان نڪريئي نہ سگهندو. ان ڪانسواءِ هن شخص جي اهڙي حالت ٿيندي جهڙي پاڻيءَ ڪانسواءِ مڇيءَ جي؟

اُتي چڻ تہ خزان ۾ بهار اچي ويندي آهي. ائين لڳندو آهي
گويا قول ڪلي هئن گلشن گلشن. خوشامدڙن جي بول بالا ڪي ڏيان
۾ رکي غزل گوُشاعر ايم. ڪمل فرمائيتو،

” ڪانوَ جي سنگَ رنگُ لاتو نيٺ،
ڊوُنڊَ تي هَنس هِري ويا سڀ. “

دوستو، توهين اها ڳالهہ ضروري مڃيندا تہ اڄڪلهہ جي
زماني ۾ چمچن جي بزار ڏاڍي گرم آهي. جتي وڃو اُتي چمچن
جوئي راڄ آهي. ننڍو - وڏو، نيتا - اڀنيتا، ليڊر - ريڊر سيني
ڪي پنهنجي چمچن جو سيٽ آهي ۽ جيڪو ويچارو نہ چمچ
بڻجي سگهيتو ۽ نہ چمچاگيري ڪري سگهيتو، اُن جي تہ قسمت
ئي ڦٽي، نہ ڪوئي اُن کي پڇندو، نہ وري سندس بگڙيل ڪم
بڻجندو. نہ دنيا ۾ ڪوئي ڪيس سڃاڻندو، ڄاڻندو. مجلس
محفل ۾، ڪانفرنس ۾ ڪاميٽيءَ ۾ چمچاگيريءَ جو رعب آهي
سماجواد، پونجيواد، اڌياتمواد، بزارواد ۽ نہ ڄاڻ ڪيترا وا
آهن! هر ڪنهنجو پنهنجو پنهنجو مهتو آهي پر اڄڪلهہ جي
زماني ۾ خوشامد واد سيني وادن جو واد آهي، سرتاج آهي
خوشامد جي غفا ۾ جيڪو هڪوار گهڙيو اهو مالا مال ٿي ئي واپس
ورندو پر اهو نشچت آهي تہ ڪيس ٿورو ڪي گهڻو وويڪ جو و
آتما جو چڪ ضرور پوندو ليڪن اُن کي ڪير ٿو ڏسي؟ جنه
ڪيو شرم، اُن جو ڦِٽو ڪرم! ڪنهن شاعر سچ چيو آهي،

” اَب تو آدمي ڪُڇ ڀي ڪرني سي ڊرتا نهين
ڪيون ڪِ وهہ جانتا هئہ ڪِ خدا تو ڪڇہ ڀي ڪرتا نهين

جنهن شخص خوشامد جي ڪلا کي اپنايو، ان دِشا ۾ اڳت

مقابلو ڪرڻ ۾ ئي مزو ايندو آهي، جيڪي سُڪل روٽي ڪائي، ٿڌو پاڻي پي خوش رهندا آهن انهن لاءِ خوشامد ڪرڻ زهريلي ڪنيا جيان تياڳڻ لائق آهي. مگر جن کي پئسو، عيش - عشرت، سُوڌا سنمان ڪئن به ڪپي، ڪهڙي به طريقي ڪپي، اهي خوشامد ڪانسواءِ هڪ قدم به اڳيان نه وڌي سگهندا، غزل گوُ شاعر پڳوان نردوش فرمائي ٿو،

” ڪانو بي خوُف ٿا اُڏن هنڙي،
هَنسَ ليڪن ڏنل ڏنل ٿا لڳن. “

خوشامد جو اتهاس ڪافي پراچين آهي. اڳئين زماني ۾ بادشاهن، راجائن، سلطانن ۽ نوابن جي خوشامد جو اظهار ڪرڻ لاءِ شاعر قصيدا لکندا هئا ۽ راجائن، مهاراجائن جي دربار ۾ وري درباري ڪوي هوندا هئا جيڪي سٺن سهڻن لفظن جو استعمال ڪري ڪوتائون ٻڌائيندا هئا. اڄ جي دؤر ۾ چمچن جو بول بالا آهي. سرڪار جي ڪنهن نه ڪنهن نموني خوشامد ڪري اشتهار حاصل ڪري سگهجن ٿا.. چالاڪ شاگرد ٽيچر جي ساراهه جي سرڪي يري پنهنجو سوارٿ سڌ ڪري سگهيٿو. خاشامد ڏيري ڏيري لوڪپريه بڻجي رهي آهي ۽ جڏهن ڪلا بڻجي رهي آهي ته سياويڪ طور ان جو پانيڪرم پڻ تيار ڪرڻ گهرجي. ڪنهن جي تعريف ۾ گيت، ڪوتائون، پاشڻ، چاليسا وغيره لکڻ جو مطلب ڇا آهي؟ مطلب اهو آهي ته ساهتيه ۾ پڻ خوشامد جي ڪلا داخل ٿي آهي. اڄڪلهه وشو وديالين ۾ نون نون پانيڪرمن جو ايياس شروع ٿي رهيو آهي. فلاڻي مئنيجمينٽ، ڊينگري مئنيجمينٽ وغيره، بهتر ٿيندو ته خوشامد مئنيجمينٽ جو

خوشامد ڪرڻ ۽ خوشامد پسند ڪرڻ هرڪنهن جي وس جي ڳالهہ
نہ آهي. خوشامد يا چمچاگيري پسند آدميءَ جي ڇهڙي ٿلهي
هئڻ کپي ۽ کيسو هر وقت ڀريل هئڻ کپي. جيستائين کيسو ڀريل
رهندو، ابيننڊن يا سنمان جي برکا وسندي رهندي. خوشامد
ڪندڙ ڪنگال هجي تہ پرواهہ ناهي ليڪن خوشامد پسند جو مال
مال هئڻ ضروري آهي. هيءُ تہ اهڙي قسم جو مرض آهي جـ
جيئن جيئن دوا ڪندو رهيس تيئن تيئن بيماري وڌندي رهي
خوشامد لاءِ توهين ڀلي تہ پنهنجي ناراضگي ظاهر ڪريو پر هي
تہ دروپديءَ جي وستر جيان جئن تڏ تئن وڌ ٿيندڙ آهي ۽ ي
ٻڌايو تہ چو نہ وڌي؟ جڏهن اڄڪلهہ هر ٻيون ٽيون ڪلاڙ
زندگيءَ جي مئدان تي هن ڪلا ۾ شرط پڄائي رهيو آهي ت
توهين ڇا ڪري سگهندا؟ توهانکي اگر هن فن ۾ رُچي نہ آهي
تہ پرواهہ نہ آهي. ٻيا تہ آهن جن جي گاڏي خوشامد جي ڀروسي
هلي رهي آهي! خوشامد ڪلا جي بلنديءَ کي ڌيان ۾ رکي مقبو
شاعر گورڌن ڀارتي حقيقت پيش ڪندي چويٿو،

” هَنسَ ۽ مورَ کي ڪنگهي بہ نہ ڪو،
ڪانو ڪرسيءَ تي، منڇ تي ڏيڏر. “

وقت جي تقاضا انوسار ماڻهو خوشامد کي ڪلا بڻائڻ ۾ لڳ
ويا آهن. وقت وقت جي ٻلهاري آهي تنهنڪري صاحبا
مهربان، قدردان وقت جي ڌڙڪن کي ٻڌو ۽ هڪ نئين ڪلا ک
آزمايو. ڪامياب ٿيڻو آهي تہ خوشامد ئي انتم چارو آهي،
خوشامد جي هرڪوئي ويچارو آهي. جيڪي شخص جيون ج
سنگهرشن جي وچ ۾ جيئڻ جا عادي آهن، جن کي مصيبتن

شخص سان گڏجو جيڪو مذرتنا سان جهونو وهنوار ڪرڻ ۾ ماهر هجي، اهڙا شخص توهانکي بڏائيندا تہ خوشامد، چاپلوسي، چمچاگيريءَ جو ذائقو ماڪيءَ ۽ مصريءَ جيان متو آهي. بحرحال، خوشامد کي اگر ڪلا جو درجو ملي وڃي تہ ان ۾ ڪا خرابي ڪانهي. ڪلائون گهڻن ئي قسمن جون آهن. ڪجهہ ماڻهو پاڪيٽ مار کي پڻ هڪ ڪلا ڪري ليکيندا آهن. اڄ جي دنيا ۾ قدم قدم تي توهانکي خوشامدڙيا نظر ايندا، پنهنجو ڪم ڪڍائڻ ۾ ماهر. توهين جيڪڏهن اهو هنر نہ سکيا آهيو تہ پنهنجي ئي جڳهہ تي پنتي پيل هوندا. باقي سڀ ماڻهو توهان کان گوءِ کٽي ويندا ۽ پوءِ ائين نہ چئجو تہ توهين پنتي رهجي ويا! جيڪڏهن پنهنجو بخت بالا ڪرڻ چاهيو ٿا تہ حجاب ڇڏي خوشامد خوريءَ ۾ لڳي وڃو. اهو هنر سکو ۽ پوءِ ڏسندا تہ توهانجي بہ بين وانگر جتي ڪتي، هتي هتي جئہ جئڪار ٿيندي، سياڻن جو چوڻ آهي تہ متو ڪوڙائي، آهي ساک ڪڍٽي. هيءَ بجليءَ جي رفتار جيان وڌندڙ ڪلا بئي لاءِ بلا يا مصيبت ثابت ٿي سگهي ٿي. اسان کي خوشامد ڪلا کي ڪسوٽيءَ تي ڪسڻ کانپوءِ اهو پلي پانت ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ خوشامد آدرشي، اُصولي، وويڪي مهان شخص اڳيان بي اثر ثابت ٿي ويئي آهي. اهڙن نيڪ شخص اڳيان خوشامدڙن جي دال نہ ڳرندي آهي. دوستو، جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ ڪاميابي توهانجا چرڻ چمي، پنهنجي نصيب جو ستارو بلند ڪرڻ چاهيو ٿا تہ خوشامد جي سدا بهار ڪلا کي اپنايو، اها توهانکي آڪاش جي بلندين تائين پهچائي ڇڏيندي. پنهنجو بخت بالا ڪرڻ لاءِ خوشامد کي پريم ۽ پنهنجائپ سان ڪوني چئو. ”او خوشامد، خوش آمديد!“

●●●

نئون پانيڪرم شروع ڪرڻ گهرجي. اهو ڪورس سني نموني لانچ
ٿئي، اهو پاڙهڻ لاءِ هر شهر ۾ خوشامد واچسپتي، خوشامد
پارنگت، خوشامد شري هئڻ گهرجن. ايتري قدر جو ان چاپلوسي
ڪلا ۾ پي.ايچ .ڊي ڊگري پڻ ڏيئي سگهجي ٿي ۽ اها
ريڪگنائيز بہ ٿي سگهي ٿي.. ڪنهن بہ شهر ۾ اهڙين پرتيياڻن
جي ڪمي نہ هوندي، انڪري وقت جي رفتار سان ٻوڙ پائيندڙن
کي ان رٿا تي غور ڪرڻ گهرجي چاڪاڻ تہ هيءَ صديءَ خوشامد
جي ڪلا ٻڌائڻ تي ڪمر ڪسي بيٺي آهي. جيڪو ان جو وروڌ
ڪريٿو اهو پٺتي رهجي وڃيٿو. سياڻپ ان ۾ آهي تہ وقت سان
گڏ هلجي، خوشامد سان گڏ هلو.

ڪي شخص ان ڪلا جي مارڪيٽنگ ڪري رهيا آهن. هر
سادو سودو ماڻهو خوشامد جي چڪر ۾ ڦاسي پوندو آهي مگر
خوشامد هڪ اهڙو سمنڊ جو ڪُنُ آهي جنهن ۾ ڪير هڪوار ڦاٿو
تہ اُن مان نڪرڻ مشڪل آهي. ان ڪلا جو سواد بہ لذيذ آهي
جنهن هڪ دفعو ان جو سواد چکيو اهو ديوانو ٿي پوندو آهي
ان جو مشتاق بڻجي پوندو آهي. نيتي مريادا کان بيگانو بڻجي
پوندو آهي. ڪي ماڻهو ڪنهنجي خوشامد ڪرڻ کي مجبوري
سمجهندا آهن. غزل گوُ شاعر ايم ڪمل جي لفظن ۾،

” وقت سان وهنوار ڪرڻو ٿو پوي،
چور چوڪيدار ڪرڻو ٿو پوي. “

خبر ناهي تہ توهان خوشامد ڪلا جو لطف ماڻيو آهي يا نہ
نہ ماڻيو آهي تہ پرواهہ ناهي. جيڪڏهن اِڇا اٿوَ تہ پنهنجي
ئي شهر جي نيتا نُما شخص سان گڏجو يا وري ڪنهن اهڙ

جواب ڏنائين، ”ڪلهه اچين ها! ڪلهه ئي مون تو جهڙي جاني دوست کي پئسا ڏيئي ڇڏيا. معاف ڪجِ.“ ”ٿئنڪس“ چئي مسٽر بلديو ٻئي دوست وٽ اُميد رکي ويو. ٻئي ننڍي هوندي گڏ پڙهندا هئا. هن سمجهيو ته ڪم ٿي ويندو. اُن دوست جواب ڏنو، ”بلديو، تولاءِ ته مان آسمان جا تارا به آڻي سگهان ٿو پر ٿورا ڏينهن ٿيا ته پنهنجي ڪنهن مائٽ کي اُڌارا ڏيئي ڇڏيا. ساري.“ پروفيسر ٻڌراڻي هن دوست کي چٽيءَ طرح سڃاڻي. وڻ تي چڙهي انبڙي به پٽي نه سگهندو، هليو آهي آسمان جا تارا آڻڻ وارو! وري ساڳي آس کڻي ٽئين متر وٽ ويو.. هن کي پڪ هئي ته هن سڄڻ مان ڪم ٿيندو ڇو جو ننڍي هوندي گڏ رانديون ڪندا هئا. اسڪول مان گسائي مئٽني شو فلم ڏسي برابر ٽائيم تي گهر پهچي ويندا هئا جيئن ڪنهنکي شڪ نه پوي. هاڻي هن متر جيڪو جواب ڏنو سو ڏيان سان ٻڌو. چيائين، ”بلديو، ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ گڏيا آهيون. گڏجي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. اَڄ ته پهرين چانهه پيئون. ”پروفيسر ٻڌراڻيءَ وراڻيو، ”پيارا، مان تڪڙو آهيان. ٻئي ڪنهن دفعي فرصت ۾ گڏجي چانهه پيئنداسين. اهڙا موقعا پيا ملندا. هاڻي تون مونکي مهرباني ڪري ٻڌاءِ ته مونکي مدد ڪري سگهندين يا نه؟“ جواب ۾ چيائين، ”بلديو، تو جيڪا رپين جي گهر ڪئي آهي، اهي رپيه ته منهنجي لاءِ ڪجهه به نه آهن. مان تنهنجي لاءِ سمنڊ ۾ ٽٻي ڏيئي ... جواهر به آڻي سگهان ٿو پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ڪجهه ڏينهن ٿيا ته پنهنجي پٽ پنڪج

شل، نہ ڪنهن ۾ ڪم پوي!

منش سماجڪ پراڻي آهي. جنهن ڪان مؤت تائين اسانجو سماج سان اٽوٽ سنبنڌ رهيتو. انسان ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾. سنسار ۾ هڪ ٻئي ۾ ڪم پوندوئي آهي. اڄ هما، سيان تما. ڪک جو لک ۾ ۽ لک جو ڪک ۾ ڪم پويتو. تاري هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي. هڪ دفعي اسانکي پئسن جي ضرورت پيئي. هٿ پير هلائڻ لاءِ مون پنهنجي مسٽر پروفيسر ٻلديو ٻڌراڻيءَ کي ڪڙي تپائڻ لاءِ چيو. مونکي وشواس هئو تہ ڪونہ ڪو سائينءَ جو بندو اؤکي مهل مدد ڪندو چو جو اسان بہ تہ ڪيترن سان پال پلايا آهن.

مسٽر ٻلديو پنهنجي ننڍپڻ جي دوست وٽ در ڪڙڪايو، ”پيارا، مونکي پئسن جي ضرورت آهي. تو ۾ اُميد رکي آيو آهيان. مدد ڪندين تہ مهرباني ٿيندي. مهني ٻن لاءِ پئسا کپن. دوست وراڻيو، ”مسٽر ٻلديو، اسين ننڍي هوندي کان دوست آهيون. تنهنجي لاءِ تہ جان بہ حاضر آهي.“ مون کيس اَڌ ۾ ڪٽيندي چيو، ”پيارا، مونکي تنهنجي جان نہ کپي. مونکي ت ڪجھ رپين جي [illegible] سگھين تہ ڪر. تنهنج احسانمند رهندس.“

تہ پنهنجو گهر بار آهي. پئسو حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ڪين نالو هئڻ جي بہ بک لڳل هوندي آهي. پنهنجي مشهوري ڪرائڻ جو ڀوت بہ انهن جي مٿان سوار هوندو آهي. سائين ڪري، شل نہ ڪنهن ۾ ڪم پوي؟ سون جي پرک ڪسوٽيءَ تي، روپي جي پرک باهہ تي پوندي آهي پر سچي مٽر جي پرک تہ اوکيءَ مهل مدد ڪرڻ وقت پوندي آهي تحقيق -

” دوست سڏائي سڀ ڪوءِ جاني، زباني، آهي آساني، ڪم پوي تہ ڪل پوي. “

هڪ دفعي مان ۽ منهنجي ساهيڙي وملا سمنڊ ڪناري پنڌ ڪري رهيا هئاسين. من ڪي موج ۽ تن ڪي تراوت ڏيندڙ ٿڌي هير لڳي رهي هئي. هڪ ٻئي سان اوپاريون لهواريون ونڊي رهيون هيوسين تہ اوچتو رنگ ۾ ڀنگ وجهندڙ آواز ’بچائو، بچائو‘ ٻڌڻ ۾ آيو. اَسان ڪان ٿورو پري هڪ نوجوان جوڙو بہ هئو. ماڻهو ’بچائو، بچائو‘ جو زوردار آواز هٿ مٿي ڪٽي، پاڻيءَ ڪان ٻاهر ڪڍي، ڪري رهيو هئو. اَسان جو ڪيس بچائڻ جو سوال ئي نہ پئي اُٿيو. نوجوان بہ اندر ۾ سوچيو هوندو تہ هن ماڻهوءَ تي ڪهڙو ڀرسو؟ مٿان هٿ ڪان اندر ڇڪي مونکي بہ سمنڊ ۾ ٻوڙي نہ ڇڏي! اهڙو خيال اندر ۾ اَچڻ تہ سياويڪ هئو! اسان ٻنهي بہ پنهنجو رستو ورتو. ٻئي جو ڪم ڪرڻ ڪان اڳ هن حالت ۾ پنهنجي ٻري ٻلي جي تڪ تور ڪرڻ ضروري هئو. سانڪي اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ جڏهن اسين ڪنهنجو لوڪريون تہ اسانجو نقصان نہ ٿيڻ گهرجي. هن دنيا ۾ ڀروپي،

جي انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ائڊميشن لاءِ ڊونيشن ۽ فيءَ ۾ ڪافي
رپيہ خرچ ٿي ويا. توکي ڇا ٻڌايان؟ مان بہ لاچار آهيان. مسٽر
ٻلديو هن متر کي چڱيءَ طرح سڃاڻي. بيحد ڊرپوڪ! ٻلديو ۽
ڪجهہ ساٿي سومنگ تي ويندا هئا تہ هيءُ جناب ڪڏهن بہ تلاءَ
۾ نہ گهڙيو. ڪناري تي ئي لوٽي بالٽيءَ سان يا نل جي هينان
سنان ڪندو هئو. هاڻي هليو آهي سمنڊ ۾ ٽپي ڏيئي ٻلديو لاءِ
هيرا جواهر ڪڍي اچڻ! جواب ٻڌي ٿئنڪس چئي نراس ٿي هلي
ويو. مسٽر ٻلديو جي دوستن جا جواب ٻڌي مونکي دل ۾ ٿيو ت
ڪنهن ۾ آشا ئي نہ رکجي تہ نراشا نہ ٿيندي. مونکي مقبول
شاعر دادا هري دلگير صاحب جو شعر ياد پيو:

” دل ٽٽل ڪي نہ ڪوبہ جوڙيندءِ،
ڪو رڌل ۽ ڪو خود ٽٽل آهي.“

دل ۾ لڳاتار آندماند هئي. پئي منتن هليو تہ ڇا ڪجي
وري گوپي فلم ۾ سدا بهار ائڪٽر دليپ ڪمار صاحب جو ڳاي
گانو ياد پيم، ”سک ڪي سب ساٿي، دک مين نہ ڪوئي ڙي.
سڄو سنسار سوارٿ سان سٽيو پيو آهي. اڄڪلهہ ائين ڏٺو و
آهي تہ ڪوبہ انسان جڏهن ڪنهنجو ڪم ڪري ٿو تہ هوُ پهري
اها ڳالهہ سوچيٿو تہ مان جيڪڏهن هن بندي جو ڪم ڪريان
منهنجو ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ نيڪي ڪر ۽ درياهہ ۾ لوڙهہ وا
سڏانت رکي اؤکي ويل ڪم ڪرڻ وارا شخص توهانکي جزو
ملندا. گهڻا ماڻهو تہ اهوئي سوچيندا آهن تہ فلاڻي ماڻهوءَ
ڪم ڪرڻ سان مونکي بہ تہ آرٿڪ فائدو ملڻ گهرجي، مونکي

ڪانپوءِ جواب مليو تہ اهو ڪم صرف منتري ئي ڪري سگهندو. منهن مان ازخود اهي لفظ نڪتا. ڪاش، شل نہ ڪنهن ۾ ڪم پوي! هيءُ شعر اچي ياد پيو:

”اِس جهان ۾ ڪب ڪِسيڪا،
درد اَپناتي هئن لوگ،
رُخُ هوا ڪا ديکڪر،
بدل جاتي هئن لوگ.“

منهنجي هڪ ساهيڙي ممتا آهي جا مونکي پيڻ وانگر پياري لڳندي آهي. ڪيس تي ڏيئر آهن. گهوٽ هارٽ اٽئڪ ۾ گذاري ويس. وڏي نوڪري ڪندي اٿس ۽ شادي ڪيل آهي. ٻيون نمبر نوڪريءَ جي ڳولها ۾ آهي پر شاديءَ لائق ساماڻي آهي. ماءُ چاهيتي تہ هن کي شينهن ڪلهي چاڙهيان. ڪيس هڪ ڇوڪرو سني نوڪري ڪندڙ، گرئجيوئيٽ ڏيان ۾ آهي پر ممتا کي پئسي جي تڪليف آهي سو سائين توهانکي نيڪي ڏئي، هڪ ڏينهن مون وٽ آئي ۽ سموري ڳالهہ ٻڌائي چيائين، ”اندرا، تون پنهنجو ڪم سمجهي، جيتري مدد ڪري سگهين، مان تنهنجي شڪرگذار رهندس.“ مون پنهنجي مسٽر سان ڳالهہ ڪئي. هو اُنهن ڪمن ۾ ڪڏهن بہ پنتي نہ پوندو آهي. وٽ آهر ضرور ڪوشش ڪندو آهي. هوُ ان ڪم لاءِ پنهنجي هڪ شاهوڪار دوست وٽ ويو. ڪلبن، ڊانس بار، هارس ريس وغيرهہ جو شونقين مڙس هو. شايد موڊ نيڪ نہ هئس. مسٽر بلديو کي

سوارٿي انسانن جي ڪمي ڪونهي. مقبول شاعر هري دلگير صاحب سچ چيو آهي،

”چالاڪ، چڱو ۽ چست تڪڙو نظر آيو،
پر غرض سمي لُولو ۽ لنگڙو نظر آيو.“

هڪ منهنجي ساهيڙي مالتيءَ جو مون ۾ اڇي ڪم پيو. پٽي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ ڪيس جيڪو ڪم اٽڪيل هئو، ان لاءِ هن گهڻيئي حيلا هلايا پر سڀ پاڻي ولوڙڻ جيان ثابت ٿيا. الائي ڪيئن ڪيس خبر پيئي ته ان تڪ جي ڪارپوريٽر ڪنهن وقت منهنجي اسٽوڊنٽ هئي ۽ انڪري مالتيءَ سمجهيو ته هاڻي ڪم ٿيڻ ۾ ڪا به دقت ٿيڻ نه گهرجي. مون دل ۾ سوچيو ته پنهنجي ساهيڙي حجت پائي، به پير پري مون وٽ آئي آهي، ان جو ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ته ڪريان پوءِ به سندس نصيب! مون موبائل ڪري ڪارپوريٽر کان اپائنٽمينٽ ورتي مونکي عجب لڳو ته اپائنٽمينٽ رکڻ جي باوجود هوءَ گهر ۾ نه ملي. پنهنجي ڪنهن اسسٽنٽ جي هٿان موبائيل تي نياپو ڏنائين ته ٻئي ڏينهن تي ١١ بجي گڏجندي. خير. سو سائين توهانکي نيڪي ڏي، ٻئي ڏينهن تي گڏجڻ وياسين ته سندس گهرجي ٻاهر وينل نوڪر چيو ته مئڊم ضروري ڪم سان اوچتو ٻاهر هلي ويئي آهي ۽ خبر ناهي ته ڪڏهن ايندي. چيو اٿس ته اچڻ شرط توهانکي اطلاع ڪندي. ٻه چار ڏينهن اهو ساڳيو سلسلو جاري هريو ۽ اپائنٽمينٽ ملڻ کانپوءِ سڄي ڳالهه ٻڌڻ بعد چيائين ته مان صاحب کي چئي ڪوشش ڪندس. ٻن ڏينهن

سدا ياد، اهُا ملاقات

(ورڌ آشرم ۾ هڪ سنڌيِ مهلا سان)

اسڪولي جيون ۾ اسانجا اڌياپڪ اسانکي ين ين سماجڪ سنستائن جهڙوڪ سورداسن جو اسڪول، صغير چوڪرن ۽ چوڪرين جو رمانڊ هوم، اپنگن جو آشرم، چرين جي اسپتال، ورڌ آشرم، گونگن ۽ ٻوڙن لاءِ پاٺشالا، وغيره ۾ انهيءَ مُراد سان وٺي هلندا هئا تہ جئن وڏي هوندي اسين دُکي سماج جي ڪجھ شيوا ڪري پنهنجو فرض ادا ڪريون. انهن جي لهہ وچڙہ ۾ اچيِ سندن دُک درد ڀري دنيا کان واقف ٿي، ويران سنسار ۾ ڪجھ خوشحاليِ آڻيون چو تہ 'ڪسي ڪا درد لي سڪي تو لي اُڌار، ڪسي ڪي، واسطي هو تيري دل مين پيار، جينا اسي ڪا نام هئہ.' ڪائڻ، پيئڻ ۽ سمهڻ کي ئي زندگي نہ چئبو آهي. اسڪول ۾ سپروائيزر هئڻ جي دوران اهڙين گهڻين ئي سماجڪ سنستائن ۾ وڃڻ جو سونهري موقعو مليو. ننڍي هوندي کان ئي ٻارن ۾ شيوا ڀاونا جا سنسڪار پئدا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي. آچاريہ ونوبا ڀاوي چوندو هو تہ ٻار جڏهن تمام ننڍو آهي تڏهن کان ئي سندس هڪ مُٺ اَني جي ڊبي ۾ وجهيِ اٿو ڪڍجي ۽ ان اَني مان روٽي پچائي ڪين، پسُن، غريبن وغيره کي ڏجي. جڏهن اُن ۾ سمجھ ايندي

چيائين، ”ٻلديو، تون سٺي ڪم لاءِ آيو آهين پر يار، اسان
ڇوڪرين جي متين - مائٽين جو ڪو نيڪو ڪنيو آهي ڇا؟
منهنجي ڏيءَ جو ٻہ ٻڏو هوندءِ. طلاق جون ڳالهيون پيئون هلن!
ڇا ڪجي؟ ويري سارِي.“ مسٽر ٻلديو ڪيس ٿئنڪس چئي هليو
آيو. جي هوُ چاهي ها تہ هن لاءِ ڪا وڏي ڳالهہ نہ هئي پر اهڙي
ماٺوءَ کي وڏيڪ ڇوڙ مان ڪو فائدو نہ هئو. شل، نہ ڪنهن ۾
ڪم پوي؟ ڪنهن شاعر سچ چيو آهي،

”جسڪو ڪِسي ڪي حالت ڪا احساس نهين،
اُسَڪو دل ڪا حال سُناڪر رونا ڪيا؟ “

●●●

ويا هئاسين تہ سچو ڏينهن بزرگن سان ئي گذاربو. ان آشرم ۾ مهلائن ۽ پرشن جو الڳ - الڳ سيڪشن هئو. پهرين تہ آشرم هلائيندڙ اسان کي آشرم بابت ڄاڻ ڏني، سک - سهنجن کان واقف ڪيو. بيشڪ هر پرڪار جي وندر - وروندن جا ساڌن هئا. ظاهريءَ طرح اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي جا پنهنجي گهر وانگر نہ هجي. اسين پهرين استرين جو سيڪشن ڏسڻ وياسين. جدا جدا عمر جو مهلائون نظر آيون. اُن وقت سڀ ڪنهن نہ ڪنهن ڪرت ڪار ۾ مشغول هيون. پنڌ ڪندي منهنجي نظر اٽڪل ۴۰- ۴۵ ورهين جي مهلا تي پيئي. خوبصورت هئي پر منهن تي گهنج، ڏکن - ڏاکڙن جي ستايل هئڻ جو ثبوت ڏيئي رهيا هئا. اوچتو منهنجي پيرن تي ڪري چوڻ لڳي، ”مس، توهين مسز اندرا ڀڏراڻي آهيو؟

”ها، پر تون مونکي ڪيئن سڃاڻين؟“ مون ڪانئس عجب ۾ پڇيو. اسانجي ذهن ۾ ڪي شاگرد سدائين ياد هوندا آهن، جن ڪنهن نہ ڪنهن ڳالهہ ڪري اسان تي اثر ڪيو آهي. مان سمجهان ٿي تہ انهن مان هيءَ بہ هڪ منهنجي شاگرد آهي. وقت وقت جي ٻلهاري آهي. وقت ڪيڏي مهل ڪهڙو ڪروٽ بدليندو، اهو چئي نٿو سگهجي! جيتري قدر مونکي ياد آهي، هيءَ تہ ڪومل ئي آهي جيڪا اسڪول ۾ سنڌي ماڌيم ۾ پڙهندي هئي. اڪثر ڪري اسڪول جي هر پروگرام ۾ پارٽ ادا ڪندي هئي. ڊراما، ڊانس، بحث - مباحثہ ۾ چٽاڀيٽي وغيره ۾ ڪيترا انعام پڻ حاصل ڪيا هئائين. مون سان گڏ سنڌي ناٽڪ ۾ پڻ

ته هڪ ڏينهن پُڇندو، ’’ممي، تون هن اتي جو ڇا ڪري رهي
آهين؟‘‘ ماءُ جو جواب ٻڌي اُن ۾ پڻ وڏي هوندي شيوا ڀاؤ پيدا
ٿيندو. مهاتما گانڌيءِ چوندو هو ته اسانکي جيڪا ڌن - دؤلت،
سُک - سمپتيءَ جي بخشيش ايشور وٽان مليل آهي، ان تي
صرف اسانجو ئي حق ناهي، اسين ته فقط ٽرسٽي آهيون، ڏُکي،
ضرورتمند سماج ۽ گڏامن جو پڻ اڌڪار آهي. قدرت ۾ ئي ڏسو
ته نديءَ جو پاڻيءِ پنهنجي لاءِ نه پر پياسن جي پياس ٻجهائڻ لاءِ
هوندو آهي. وڻ جو ميوو پڻ ٻين جي بُک متائڻ لاءِ ٿيندو آهي
۽ گانءِ به ته کير لوڪ - ڪلياڻ لاءِ ئي ڏيندي آهي. اک جو ملهه
تڏهن ئي سمجهه ۾ ايندو جڏهن ڪنهن سُورداس کي ڏسنداسين!

روحاني رهبر پوجيه ساڌو وسوانيءَ چيو آهي. ’’توهانکي سُک
کپي، ٻين کي سُک ڏيو.‘‘ مان وقت بوقت سماجڪ سنستائن ۾
وڃي، اُتان جي ماڻهن جو حال احوال وٺندي آهيان. سندن تور
دک - درد هلڪو ڪرڻ لاءِ ساڻن سهانيوتيءَ جا به اکر ڳالهائيندي
آهيان. ڪل، مستيءَ جون ڳالهيون ٻڌائي، انهن لاءِ ٽول وغير
وٺي ڪين ڪجهه وقت لاءِ خوشي ڏيندي آهيان. سانير جي
درسنيءَ مان هڪ اٽوسرندڙ گهٽنا ياد ٿي اچيم جا قلمبند ڪر
چاهيان ٿي، جيتوڻيڪ اهو واقعو ڪافي سال اڳ جو اهي پر ت
به هڪ تصوير جيان سدا اکين اڳيان ڦري رهيو آهي. ’مئن پول
چاهتي هون اُسي، اؤر روز يهي بات ڀول جاتي هون.‘

هڪ دفعي مان پنهنجي هڪ ساهيڙي سان گڏ پٽيه نگر
پٽي جو هڪ ورڌ آشرم ڏسڻ لاءِ ويس. من ۾ اهو ئي ويچار ڪر

ڪندا آهيون. ڳانا ڳائي، ٽوٽڪا-لطيفا ٻڌائي غم دور ڪندا آهيون. ٽي.وي.، ڊي.وي.ڊي، ٽيپ ذريعي من وندرائيندا آهيون. جهولڻ جو مزو ئي اؤر آهي. ڳُرٻاڻي، ڀڄن، ڪلام ڳائي، ٻُڌي آنند ماڻيندا آهيون. وقت بوقت جدا جدا بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر اسانجي تپاس ڪرڻ ايندا آهن. تندرستي ٺيڪ رکڻ لاءِ اثرائتا ليڪچر ڏيندا آهن. روز يوڳا ڪلاس هلندا آهن جن ۾ اسين ڀاڱ وٺندا آهيون. صبوح، شام پنڌ ڪندا آهيون. اِن - ڊور، آئوٽ - ڊور رانديون ڪندا آهيون. جدا جدا وشين تي ليڪچر ڪندا آهيون. ڪڏهن ڪڏهن هوند وارا تيوهارن، جنم - ڏن، شادي سالگره وغيره شيءِ خوشيءَ جي موقعن تي مٺايون، فروٽ، سنئڪس وغيره آڻيندا آهن. اسانجا مٽ مائٽ، دوست ساهيڙيون هتي اچي منهن ڏسي ۽ ڏيکاري ويندا آهن ۽ هتان هُتان جو سماچار ڏيندا وٺندا آهن. هتي اسين هڪ ٻئي کي جيون جا ڪٿا - مٺا آزمودا ٻُڌائي بار هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. مس، هتي سڀ ڪجهه ٺيڪ هوندي به من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ لڳندو آهي ته مان گهر ۾ اَن وانٽيڊ گيسٽ ته نه هئس يا ٻين تي بوجهه ته نه هئس! پنهنجن جو پيار، دُک - سُک ۾ ساٿ، به همدرديءَ جا لفظ، اؤکي - سؤکيءَ آٿت ڏيئي آنسون اُگهڻ وارو ساٿي ته هتي هئڻ سنڀؤ ڪونهي! خير، وقت پيو گذري! يهه ڀي گذر جائيگا!

بخوبي پارٽ ادا ڪري واه - واه حاصل ڪئي هئائين. مئٽرڪ
۾ پڻ پنهنجي ڪلاس ۾ اول نمبر ۽ سنڌي وشيه ۾ بورڊ ۾ پهريون
نمبر حاصل ڪري انعام حاصل ڪيا هئائين. مون ڪيس ڪنهن
ننڍڙي پروگرام ۾ چيف گيسٽ پڻ بڻايو هو. اِها ڳالهه ته هوءَ
وساري ئي نه سگهندي. تمام ڳُڻوان ڇوڪري هئي.

ڪومل: مس، مان توهانجي پريه شاگرد ڪومل ياوناڻي ۽ هينئر
مسز ڪومل ملڪاڻي آهيان. مان توهانکي ڏاڍو ياد
ڪندي آهيان.''

مان: پر ڪومل، تنهنجو هن آشرم ۾ اچڻ ڪيئن ٿيو؟

ڪومل: منهنجي ان سوال جو جواب نٽائي چوڻ لڳي، ''مس،
پهرين ٻُڌايو ته توهان ماني کاڌي آهي؟ چانهه ته گڏجي
پيئنداسين.''

مان: ڪومل، مانيءَ جي آڇ لاءِ تنهنجي مهرباني. چانهه پو
گڏجي پيئنداسين. مون ماني کاڌي آهي.

ڪومل: مس، اچو ته مان توهانکي پهرين آشرم گهمايان. توهان
کي ڏاڍو وڻندو. هيءُ ڏسو، باغ ڪيترو نه سهڻو آهي
چوڌاري قسمين قسمين وڻندڙ گُل - ڦُل ٽڙيل آهن. پاسي
۾ وري ڀاڄين ۽ ميون جا ٻوٽا ۽ وڻ آهن. هرهنڌ خوشبو
جو واسو آهي. تن کي تراوت بخشيندڙ تازي هوا پيئي
لڳي. هتي بئنچون به رکيل آهن، جتي اسين فرصت
ويهي ڳالهيون - ٻولهيون ڪري ويچارن جي ڏي - و

وچي. جگر جي ٽڪر کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي؟

ماں: ڪومل، تون اجايو پنهنجي صحت سان ڪيلي رهي آهين. هتي تنهنجي ڪير ڪندو؟ ايشور ۾ وشواس رک، سائين سڀ سؤلِي ڪندو.

ڪومل: مس، پنڪج کي پيندين جي ڀاڄي ڏاڍي وڻندي هئي. هڪ دفعي ڀاڄي کائي ختم ڪري مون کان وڌيڪ ڀاڄيءَ جي گهر ڪيائين. مون کيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو. پاڻ اچي.ديگڙي ۾ ڏنائين تہ ديگڙو تہ خالي هو! مونکي چوڻ لڳو، ”ممي، تو تہ پنهنجي لاءِ ڀاڄي بہ نہ رکي آهي، تون ماني ڇا سان کائيندينءَ؟“ کيس اهو چڱيءَ طرح ياد آهي تہ امتحان جي ڏينهن ۾ جيڪڏهن سندس طبيعت نيڪ نہ هوندي هئي تہ شنڪر ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان وڃي پرارٿنا ڪندي هئس تہ سائين پنڪج جو دک - درد مون کي ڏي. منهنجي پٽڙي کي نيڪ ڪري امتحان ۾ موڪليس. ڪيترا ڀيرا پنڪج خود اها ڳالھ ڄاڇي هئي. وشواس ڪندا... (ڪومل وري روئڻ لڳي. مون کيس روئڻ بند ڪرڻ لاءِ سمجهايو.) تہ مون پنهنجا ڳهڻا وڪڻي پنڪج جي ڪاليج ۾ داخلا وقت فيءَ ڊونيشن جو بندوبست ڪيو. ڪيتري محنت، تڪليفن سان مسٽر ملڪاڻيءَ پٽي ۾ فلئٽ خريد ڪيو هئو. اهو بہ وڪڻي مون سندس باقي پڙهائيءَ تي خرچ ڪيو ۽ اسين وڃي مسواڙ تي فلئٽ وٺي رهياسين. پوءِ هن بہ

مان: اڙي ڪومل، تون روئين ڇو ٿي؟ اوچتو توکي ڇا ٿي
ويو؟

ڪومل: مس، ڪجهه به نه. گهر جي ياد اچي ويئي. ڇا ڪريان؟
آخر به ته انسان آهيان.

مان: ڪومل، مون توکان شروع ۾ سوال پُڇيو هو ته تنهنجو هن
آشرم ۾ اچڻ ڪيئن ٿيو؟ توکي جيڪڏهن اعتراض نه
هجي ته مونکي جيڪر تون پنهنجي فئملي لائيف جي
باري ۾ به ڪجهه ٻڌائين. پر مهرباني ڪري تون پهرين
روئڻ بند ڪر.

ڪومل: منهنجو گهوٽ مسٽر نريش ملڪاڻي اٽڪل ١٠ سال ڪن
ٿيا ته هارٽ اٽئڪ ۾ گذاري ويو. ڪامپيوٽر انجنيئر
هو. ڌرمي خيالن جو هو. ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ رب جي
رضا تي راضي رهڻو آهي. سائينءَ اسانکي هڪ پٽڙو ڏنو
نالو پنڪج اٿس. شادي شده آهي. ننڍپڻ کان ئي گڻوان
راندين ۾ هوشيار، ڪلاس ۾ سدائين پهريون نمبر ايند
هو. پڙهي لائقيءَ لڳو. هن وقت پاڻ ۽ سندس زال وندن
آميريڪا ۾ آهن. ٻنهي کي سٺي نؤڪري آهي. ڪوم
وري روئڻ لڳي.

مان: ڪومل، هن طرح روئڻ مان ڇا ورندو؟ پليز، روءُ نه.

ڪومل: مس، ڇا ڪريان؟ پنڪج جون جهونيون يادگيريون اچ
ٿيون ته سڄو ڏينهن سوچي - سوچي بلڊ پريشر وڌي

”منان دل ماندي ٿئين، الله پِي آهي،
سؤن ورهين جا ڏکڙا، هڪ لحظي ۾ لائي،
اهڙو ئي آهي، صاحب منهنجو سپرين.“

ڪومل، چانهه ته ڏاڍي سٺي ٺاهي اَٿيئي. توسان گڏ چانهه پِي مونکي گهڻي خوشي ٿي. شل، ايشور توکي سدائين خوش رکي، منهنجي آسيس اَٿيئي.

ڪومل: مِس، مونکي توهانجي سوادي لولي اڃا تائين ياد آهي. ياد اَٿوَ ته جڏهن مان ڏهين درجي ۾ هئس ته توهان اسانکي مهلائن جي آشرم ۾ وٺي هليا هئا. اُتي توهان پنهنجي باڪس مان لولي ڪڍي مونکي کائڻ لاءِ ڏني هئي ۽ توهان سان گڏ مون لولي کاڌي هئي. توهان جو پيار ۽ پنهنجائپ جو وهنوار نٿو وساري سگهجي. اسانجو مسٽر بلديو سر ڪيئن آهي؟ مان ڪيس ڏاڍو ياد ڪندي آهيان. شل، ايشور توهانکي وڏي آورجا ۽ سٺي صحت بخشي! هتي ايندا ڪريو. خوشي ۽ همٿ ٿيندي.

مان: ڪومل، همٿ رک. يهه پِي گذر جائيگا.

●●●

سال کن نؤڪري ڪئي جنهن مان گهر جو خرچ ۽ مسواڙ پئي نڪرندي هئي. ان ڪانپوءِ مون ڪيس سٺي، سلڇڻي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائي. ٻئي زال مڙس پڙهيل ڳڙهيل هئا. ٻنهي ٿورو وقت نؤڪري پئي ڪئي. مڙيئي سُک جو وقت پئي گذريو. قسمت سان انهن ٻنهي کي آميريڪا ۾ نؤڪري ڪرڻ جو چانس مليو. مون سندن اُجول آئينده بابت سوچي، دل تي پٿر رکي، کين موڪل ڏني. رهيو کهيو پئسو، انهن جي وڃڻ ڪري خرچ تي ويو. وڃڻ کان اڳ انهن منهنجو هن آشرم ۾ رهڻ ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ۽ هاڻي هوُ مون کي پنهنجي خرچ پکي لاءِ آشرم جو سڄو خرچ موڪليندا آهن ۽ پاڻ خير سُک سان اُتي نؤڪري پيا ڪن ۽ سکيو سهنجو وقت پيو گذرين. شڪر سائين شڪر. اؤلاد سٺو، سپاتر هجي ته اهي مون لاءِ لکن، ڪروڙن کان به وڌيڪ آهن. بس، جڏهن جڏهن سندن ياد ايندي آهي ته به آنسون ڇلڪي ڳلن تان وهي ويندا آهن. پرماتما جو نالو وٺي پيئي وقت گذاريان.

مان: ڪومل، اهو سوچ ته دنيا ۾ ڪتني غم هئن، ميرا غم تو ڪتنا ڪم هئه! چڱو آسرو گروءَ جو. پيا گڏجنداسين. همٿ نه هارج. ايشور ۾ وشواس رکج. مون لاءِ ڪڏهن بـ ڪا مدد جي ضرورت هجي ته هيءُ منهنجو فون ۽ موبائيل نمبر اٿيئي. هيءَ شاعر جي نصيحت سدائين ياد رکج

ڪلپنا، ڪجھ پرياءُ وجهڻ جي جهلڪ ۽ ڪجھ ٻين جو اپمان ڪرڻ جي اڇا جي پرڏانتا رهندي آهي. اڪثر آلوچنائن جي پنيان آلوچڪ جي بيصبري ۽ ايرکا موجود هوندي آهي ۽ نقطچيني ڪندڙ ٻين جون غلطيون ڪڍي ٻئي کي رنج پهچائي خوشي حاصل ڪندو آهي. جيڪڏهن توهين انهن جي آلوچنا کان پرياوت ٿي دک محسوس ڪريو ٿا تہ توهان ۾ آتم وشواس جي ڪمي آهي، جيڪڏهن توهان ۾ آتم وشواس آهي ۽ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ پورا آهيو تہ ماڻهن جون بيواجب آلوچنائون توهان تي ڪوبہ اثر نہ ڪنديون ۽ توهين ڪوهہ جي ڏيڏرن جي ٽان ٽان جي پرواهہ نہ ڪري مست هاٿيءَ جي چال جيان ترقيءَ جي اوچائيءَ ڏانهن تڪڙي وک وڌائيندا رهندا. انسان جي فطرت ڏيان ۾ رکي، ”ڪڇ تو لوگ ڪهينگي، لوگون ڪا ڪام هئہ ڪهنا.“ آلوچنا کي نظرانداز ڪري مقام حاصل ڪندا. گهڻن ماڻهن جو اهو سڀاءُ هوندو آهي تہ مينهن چوي ڳانءِ کي هل ڙي پيچ ڪاري پر در اصل پاڻ سچي ئي ڪاري هوندي آهي. جڏهن اسين هڪ آڱر سان ٻئي ڏانهن اشارو ڪري ڪيس پلو برو چئون ٿا تہ چار آڱريون اسان ڏانهن اشارو ڪري چون ٿيون تہ اسين اُن کان چئوڻا پلا برا آهيون. تحقيق،

”تم خطا وارون مين هو،
هم ڀي خطا وارون مين هئن،
ڪؤن دي ڪسڪو سزا،
سڀي تو گنهگارون مين هئن.“

ولائت ۾ هڪ انگريز سمپادڪ مهاتما گانڌيءَ جي خلاف

آلوچنا

پنهنجي آلوچنا، ٽيڪاٽپٽي، چترٻازي، نندا ٻڌڻ سان توهان
تي ڪهڙو ٿو اثر پوي؟ ڇا توهان لاءِ سچي ۽ رچناتمڪ آلوچنا
پڻ سويڪار ڪرڻ ڏکيو ٿو لڳي؟ ڇا توهين پنهنجين خامين ۽
ڪمزورين کي سڌارڻ ۾ هچڪو ٿا؟ جيون ۾ پرگتيءَ لاءِ گهٻرائڻ
ڇا لاءِ؟ در حقيقت جيڪڏهن ماڻهو توهانجي ٽيڪاٽپٽي ڪن
تہ توهانکي چنتا نہ ڪرڻ گهرجي. ڇا توهين سوچيو ٿا تہ ٻيا
ماڻهو صرف توهانجي باري ۾ ئي سوچيندا رهن؟ توهانکي مقبول
شاعر ارجن چاولا جي شعر ۾ انسان جي فطرت کان واقف ڪريان
ٿي،

"اهو جو خود کي هڪ پيرو نہ سمجهائي سُگهيو آ،
سو ڏهہ ڏهہ ڏانءَ ٻين کي پيو ڏسي ٿو."

ڊيل ڪارنيگيءَ جي چوڻ موجب انهن ماڻهن جو پنهنجو
سر درد ئي سندن چنتا جو ڪارڻ آهي. سمجهو ٻہ ڪٽي تہ ماڻهن
توهانجي ڪجهہ تکي آلوچنا ڪئي آهي تہ ڇا توهين سمجهـ
ٿا تہ سندن آلوچنا سموري صحيح ۽ توهانجي حالتن جي اڀياس
جو نتيجو آهي؟ ٿي سگهي ٿو تہ جن توهانجي نندا ڪئي آهي
اُن ۾ ڪجهہ سچائي بہ سمايل هجي! آلوچنا ۾ اَڪثر ڪجهہ

”نندڪ نيري راکئي، آنگن ڪُٽي ڇباءِ،
بن پاني، صابڻ ليئي، نرمل ڪري سڀاءُ.“

گلاخورن جي باري ۾ اسانکي هڪ ڳالهه ذيان ۾ رکڻ گهرجي ته ٻين جي نندا ڪرڻ ۾ انهنجي اهنڪار ۾ اظافو ايندو آهي. دوش درشتي ڌاريندڙ پاڻ کي ٻين کان سريشت سمجهندو آهي. ڪن حالتن ۾ انهن جي اهم ياؤ کي ترپتي ملندي آهي ته اسين ٻه گهٽ عقلمند نه آهيون. پاڻ کان وڌيڪ يوگيه ۽ ڪامياب شخص جي نندا ڪري ماڻهو اڪثر گهٽ درجي جي خوشي حاصل ڪندا آهن. ڪي انسان ڏيکاءُ ڪرڻ چاهيندا آهن ته نقطچني ڪرڻ سان ياشاتي سندن ظابطو آهي ۽ ائين ڪرڻ سان ڪين اهو ٻه ڌيان نه رهندو آهي ته ڪهڙي قسم جي نندا ۾ لين آهن! ڪجهه ماڻهو جن کي ٻيا عقلمند ۽ وويڪي سمجهن ٿا، سي اهو ٿا سوچين ته ٻين جي گڻن جي ساراهه ڪرڻ جڻ ته پنهنجي گهٽتائي قبول ڪرڻ جيان آهي، تنهنڪري اهڙا ماڻهو ٻين جي ڪنهن ٻه پرڪار جي ساراهه نه ڪندا آهن ۽ صحيح يا غلط آلوچنا ڪرڻ ۾ ڪيٻائيندا نه آهن. درحقيقت اسانکي شاعر نيلو ميگهه جا اندر ۾ جهاتي پائڻ جا لفظ ڌيان ۾ رکڻ گهرجن،

”بُرا اَسين خود آهيون جڳ ۾،
هيءَ دنيا نه ڪوڙ پلي آ.“

ماءُ کي پنهنجو ڪارو ڪلوتو پٽ ٻه سهڻو، وڻندڙ پيو نظر ايندو آهي پر پاڙيواريءَ جي ڪنهن ڪمزور ۽ سانوري ٻار کي ڏسي اُن تي ننولي ڪندي چوندي آهي. ”اڙي، هن جا پير

پنهنجي اخبار ۾ ڪنور لفظن جو اُپيوڳ ڪندو رهندو هئو. اهو سلسلو سدائين جاري هو پر باپو سمپادڪ جي نقطچينيءَ ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏيئي سماج ڪلياڻ ۾ مشغول رهندو هو. سمپادڪ اهو ڀلي ڀانت محسوس ڪيو ته باپوءَ تي سندس خلاف آلوچنا جي روپ ۾ لکڻ تي ڪوبه اثر نٿو ٿئي. سو ڇا ڪيائين جو هڪ ڏينهن اخبار ۾ باپوءَ خلاف گهٽ وڌ لکي، اها اخبار روبرو مهاتما گانڌيءَ وٽ کڻي آيو ۽ کيس اهو پيج پڙهڻ لاءِ ڏنائين. پوڄيه باپو اُن وقت ڪن ساٿين سان ڪنهن وشيه تي صلاح مصلت ڪري رهيو هئو. ان سمپادڪ ماڻهن جي وچ ۾ اچي باپوءَ کي اخبار ڏيندي چيو، ''گانڌيجي، هيءُ پڙهو، توهانجي پڙهڻ لائق آهي.'' پياري باپوءَ، هڪ به سٽ پڙهي سمجهيو ته اڳيان ڇا لکيل هوندو؟ سو اُن تي لڳل تاچني پاڻ وٽ رکي ۽ باقي اخبار ڦاڙهي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ وڌائين. سمپادڪ جي پڇڻ تي ته توهان ائين ڇو ڪيو؟ باپوءَ بنا پنهنجي سهنشيلتا ڪوئي جواب ڏنو، ''جيڪا شيءِ منهنجي ڪم جي هئي سا مون پاڻ وٽ رکي ۽ باقي پنهنجي يوگيه استان تي رکي ڇڏي.'' سمپاڪ بيحد شرمندو ٿي اُتان هليو ويو. سنت ڪبير ته نندڪ جي ساراه ڪندي چوئيتو ته نندڪ کي توهين پنهنجي اڱڻ ۾ جهوپڙي ٺاهي ڏيو. توهين پنهنجيون برايون جيڪر پاڻ ڳولهي نه سگهو سي هوُ توهان جو سڄڻ بڻجي توهانکي ڳولهي ڏئيتو. ڪيڏي نه محنت ٿو ڪري! بنا پاڻيءَ ۽ صابڻ جي گلاخور توهانجو سياءُ نرمل بڻايو ڇڏي؟ ڪبير داس چوئيتو:

چو نہ ڪريو تہ بہ اُن ۾ تيڪاتپٽيءَ جي ڪانہ ڪا گنجائش اوس رهندي آهي. نقطچيني اسانکي سجاڳ ڪرڻ لاءِ چيتاونيءَ جي هڪ گهنٽي آهي. گوتم ٻڌ چيو هئو، ”ماڻهو شانت رهندڙ جي نندا ڪندا آهن، ڳالهائيندڙ جي گلا ڪندا آهن، ماڻهو گهٽ ڳالهائيندڙ کي بہ نٿا ڇڏين.“ سنسار جي آلوچنا کان ڪوبہ بچي نٿو سگهي. نندا بلڪل ڪنور ٿيندي آهي. اها ماڻهوءَ جي عزت نہ ڪندي آهي. نندڪ ڪجھہ بہ چئي سگهندا آهن. انهن تي ڪنهن بہ قسم جي روڪ ٽوڪ ڪونهي ليڪن اگر توهانکي پڪ آهي تہ انهن جون ڳالهيون بي بنياد آهن تہ توهين اهي ذڪاري سگهو ٿا يا ايشور در اها پرارٿنا ڪري سگهو ٿا تہ، ”هي پريو، مونکي اهڙين نرآذار آلوچنائن کان ڪن لاٿار ڪري ڇڏ.“ مقبول غزل گوُ شاعر ارجن حاسد نقطچينين کي آگاهہ ڪندي چويٿو،

”ڪجھہ خطا منهنجي تہ،
ڪجھہ تنهنجي بہ هوندي ڊوليا،
ٿيندا پورا نہ هي تڪرار،
هليا ويندا اسين.“

اسين چاهي ڪيترا بہ عقلمند ڇو نہ هجون، چاهي خوشنصيب هجون، اسين تہ بہ بي داغ نہ آهيون، اسين ڪامل ٿي نٿا سگهون. اسين لاثاني پرتيڀاشالي شخص ٿي سگهون ٿا، اسان وٽ ڪافي آزمودو ٿي سگهيٿو تہ بہ اسين غلطي ڪري سگهون ٿا. اسين پنهنجي ڪيل غلطيءَ کان بيخبر ٿي سگهون ٿا يا اها ڄاڻندي بہ اڻڄاڻ بڻجون ٿا يا پنهنجي چرتر ٻل جي آذار تي ڪشت ورتو آهي ۽ اُن جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪئي آهي

ڏس تہ ڪيئن نہ تازيءَ جي وڻ جيان پيا لڳن ۽ چهرو تہ ڪاري
تئي وانگر پيو لڳي“ هڪ دفعي هڪ شخص پنهنجي ڪنهن
چاتل سڄاتل ماڻهوءَ کي چيو، ”لڳيتو تہ ٻوڏ ۾ سؤ ڪان وڌيڪ
ماڻهو اجل جو شڪار بڻيا آهن.“ جواب ڏنائين، ”اڙي يائي،
آدمشماري ايتري تہ تيز رفتار سان وڌي رهي آهي جو ايشور بہ
اها گهٽائڻ لاءِ ڪا تہ يوجنا بڻائيندو ئي! جنم وننڌڙ کي هڪ
ڏينهن تہ اوس ئي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني مرڻو ئي آهي.“
ليڪن سمجهو ڪٽي تہ جيڪڏهن ان ٻوڏ ۾ سندس پنهنجو ڪوئي
رشتيدار پرلوڪ پڌارجي ويو هجي ۽ اسين ڪيس هي لفظ چئون
”هوُ تہ صرف سنسار جي آدمشماريءَ جي وسفوٽ ڪري مئو
آهي.“ تہ ٻڌايو تہ انهيءَ شخص تي ڪهڙي پرتيڪريا ٿيندي؟
ماڻهو اڪثر پاڻ سان لاڳو وشين تي ڳالهائڻ وقت ڀاوڪ بڻجي
ويندا آهن ليڪن ٻين سان جڙيل مسئلن جو وشليشڻ ڪرڻ وقت
دليلباز بڻجي پوندا آهن. گهٽيون آلوچنائون ان قسم جون ئي
هونديون آهن. ٻين جي دکن، ڪشٽن کي همدردي ۽ سمجهداري
جي نظرئي سان ڏسڻ لاءِ هڪ اڌياتمڪ سوچ جي ضرورت پويتي.
ٻين تي چٽربازي ڪرڻ ڪان اڳ اسانکي پهرين مقبول شاعر اندر
پوڄواڻيءَ جا هي لفظ ڏيان ۾ رکڻ گهرجن،

”سڌري ويندا جي سؤ عمر هوندا،
تنهنجي من ۾ جي مارئي هوندي.“

اها حقيقت آهي تہ سيني ماڻهن ۾ اهڙو روحاني نظريو
ڪونہ هوندو آهي. ڪوبہ ڪاريہ توهين پلي ڪيترو بہ سني نموني

هئڻ سبب، توهانجي اهڙن گڻن جي تعريف ڪن ٿا جيڪي در اصل توهان ۾ ندارد آهن، ڪي ماڻهو نہ توهانجي سامهون توهان جي چاپلوسي ڪري توهانجي پنيان چون ٿا، ”ڏسو، مون نہ صرف سندس وڏائيءَ جا ٻہ لفظ چيا آهن ۽ هوُ اهنڪار ۾ ڪيڏو نہ ڦوليو ٿا سمائجن!“ ڪي ٻيا ماڻهو پنهنجو سوارٿ سڌ ڪرڻ لاءِ توهانجي ساراهہ جي پل ٻڌن ٿا. توهانجي ڪٽ ڪرڻ ۽ صاف رايو پيش ڪرڻ وارا جزوي آهن. اگر توهين اها ڳالهہ پنهنجي سمجهہ ۾ آڻيندا تہ چاپلوسي توهان تي ڪوبہ اثر ڪانہ ڪري سگهندي. غزل گوُ شاعر ڀڳوان ڪلناڻي ’ساقي‘ صاف لفظن ۾ چويٿو،

”سنو آهيان ٻُرو آهيان،
غلط آهيان صحيح آهيان،
انهن وصفن جي جيون ڪي،
نہ گلڪاري ڪپي هاڻي.“

هڪ دفعي هڪ شخص سوامي رام تيرٿ کي چيو، ”سواميجي، ماڻهو توهانکي پسند نٿا ڪن.“ سوامي رام تيرٿ جواب ڏنو.“ صوف سنو لڳڻ ڪري ماڻهو کائيندا آهن، ٻير وڻندڙ لڳڻ تي کائيندا آهن، ماسُ سنو لڳڻ تي اهو ماس بہ کائيندا آهن. اهو سنو آهي جو ماڻهو مونکي پسند نٿا ڪن نہ تہ نہ جيڪر مونکي بہ کائي ڇڏين ها.“ خوشامد جو غلام بڻجڻ تي اسين پنهنجي آدرش کان وانجهجي وڃون ٿا تڏهن اسين خوش رهڻ لاءِ سدائين چاپلوسيءَ جي اڌين رهون ٿا ۽ اسانجي جيون ڦابطي

تہ اُن ڪارڻ بہ ماڻھو اسان جي تيڪا ٽپڻي ڪري سگھن ٿا ليڪن
اگر آلوچنا صحيح ۽ رچناتمڪ آهي تہ اسانکي اُن کان منھن نہ
موڙڻ گھرجي. کلي دل سان اُن جي آجيان ڪرڻ کپي. شاعر سچ
آکيو آهي،

”اپني جگر کو ٿام، گريبان ٽٽولئي،
يون من ڪي ترازوُ مين، گناهون ڪو تولئي.“

اسانجي باري ۾ جيڪا اسانجي مترن نندا ڪئي ۽ دشمن
جيڪي ڳالهيون چيون سي اڪثر سچائيءَ جي قريب هونديون
آهن. جھڙيءَ طرح اسين پنھنجي پني ڏسي نہ سگھندا آهيون،
ساڳيءَ طرح اسين پنھنجن گھٽتاين کي نٿا سمجھي سگھون.
ڪڏهن ڪڏهن اسانکي سچي ۽ رچناتمڪ آلوچنا پڻ بي واجب ۽
ڪوڙي معلوم ٿيندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح اسين پاڻکي دوکو ڏيندا
آهيون تنھنڪري جيسين توهين پڪيءَ طرح نشچت نہ ٿيا آهيو
۽ توهانکي پورو وشواس نہ ٿيو آهي تہ توهانجي آلوچنا بي بنياد
آهي تہ اُن کان منھن موڙڻ عقلمندي ناهي. لڳ ڀڳ سيني
قسمن جي آلوچنائن کان بچڻ جو هڪ ئي اُپاءُ آهي تہ توهين
خود ئي بيحد ڪنور آلوچڪ بڻجي وڃو. اها ڳالھہ ڌيان ۾ رکڻ
گھرجي تہ متيءَ سان متي نہ ڌوئي سگھبي آهي. نندا کي نند
سان نٿو شانت ڪري سگھجي. گلا خور کي پنھنجو متر سمجھي
پريم ۽ آتم وشواس سان اُن تي ڀروسو ڪريو، اگر آلوچڪ کي
اهو پتو پئجي وڃيتو تہ توهين ڪيس عزت جي نگاھہ سان ڏسي
رهيا آهيو تہ اُن جي آلوچنا جو وار ڍرو ٿي ويندو. ڇا صرف
ساراھہ جي آشا رکڻ ئي مناسب آهي؟ ڪي ماڻھو توهان لاءِ عزت

پيار ۽ پيار

پيار هڪ نازڪ منڙو احساس آهي جنهن ۾ گلن جي هٻڪار به آهي ته بارش جي سيتلتا پڻ آهي. پيار ماڪ جيان شفاف آهي. پيار ۾ تازگي آهي، چستي آهي، مستي آهي، ديوانگي آهي. پيار زندگي آهي، پيار بندگي آهي.

پيار اکر جي روايتي معنيٰ آهي هڪ ٻئي جي پريم جي ڏاڳي ۾ ٻڌجي وڃڻ. پيار جو دائرو وشال آهي. پيار صرف انسانن جي وچ ۾ ڪونهي. پيار جانورن ۽ پکين لاءِ به ٿيندو آهي. پيار ڪنهن آدرش، ڪنهن منزل لاءِ ٿيندو آهي. پيار ڪنهن ڪلا لاءِ پئدا ٿئي ٿو ته وري ڪنهن مٿان ملڪي محبت جي ديوانگي غالب ٿئي ٿي. روحاني پيار جيڪو انسان کي ايشور جي راهه جو راهگير بڻائي. ننڍي ٻار جو پيار ته ننڍڙين شين کي سنڀالي رکڻ ۾ آهي. ننڍڙا ٻار ٿوري پيار تي ڇڪجي وڃن ٿا. ٻار جي ٻاراڻين ٻولين ۾ به پيار جي جهلڪ ملي ٿي. شاعر اناٿ ٻار جي پيار جو اظهار ڪري چوي ٿو،

”پيار ڪهتي هئن ڪِسي، اؤر ممتا ڪِيا چيز هئہ؟
ڪوئي اُن بچون سي پوڇي، جن ڪي مر جاتي هئہ مان“

پيار ۾ مقناطيسي شڪتي آهي. پيار پريرڻا جو باعث آهي.

۾ نٿي رهي. امرسن چيو هو، ”اهو هرگز نہ پڇو تہ سنسار ڇا چوندو، ماڻهو ڇا چوندا، پنهنجو فرض پاليندا رهو. جيڪو شخص جيون ۾ پنهنجي منزل پراپتيءَ ڏانهن ئي پنهنجو ڌيان رکيتو، ماڻهن ۾ اهوئي سڀ کان گهٽي ۾ گهٽو سکي آهي.“ نندڪ حسد جي وس ٿي اڳلي جي ڳالا ڪري رنجہ پهچائڻ جي لحاظ کان اهو ذرا بہ نٿو سوچي تہ جنهنجي مان نقطچيني ڪري رهيو آهيان، اُن جي ڪهڙي درگتي ٿيندي؟ در حقيقت،

”دنيا رنج و راحت کا،
غلط انداز کرتي هئہ،
خدا هي جانتا هئہ، ک
کس پر کيا گذرتي هئہ!“

هن دنيا ۾ ڪيترا شخص سهڻي سيرت وارا پاڪ دامن انسان بہ آهن جي ٻين ماڻهن جي آلوچنا جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪري ورڪ جي آواز کي اهميت ڏيندا آهن. سندن عقيدو هوندو آهي،

”صاف دامن هئہ ميرا،
گر آئينا مجهسي کهي،
مجهي زماني سي کيا،
زمانا کچہ ڀي کهتا رهي.“

●●●

۽ اُن ۾ ڪا به ڪمي نه ڏسان. پر اڄڪلهه جي زماني ۾ بڪايل ۽ غريب پريمي به پنهنجي پريمڪا کي ’ڪشمير کان ڪنيا ڪماري‘ تائين گهمائڻ جي ڪلپنا ڪندو آهي. جيڪو پريمي پنهنجي پريمڪا کي ٻن وقتن جي روٽي نٿو ڏيئي سگهي يا وقت تي ڏهه رپيه نٿو ڏيئي سگهي پر جان سستي آهي، انکري اها ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. لئلا مجنو، سهڻي- ميهار، هير- رانجها ۽ شيرين - فرهاد، هنن پريمين کي ان ڳالهه جي به خبر ڪانه هئي ته هنن جا عاشق پيار کان سواءِ ٻيو روزگار به ڪندا هئا.

سڪ اکر کي اُبتو ڪبو ته ٿي پوندو ڪسُ، سڪ، ڪرڻ سان ڪس ڪائڻي ئي پوندي آهي، ان لاءِ تيار رهڻو ئي پوندو آهي. سمنڊ ماڻڪن، موتين سان ڀريل آهي. جيڪڏهن ڪير چاهي ته مان هيرا، جواهر حاصل ڪريان ته ڪناري تي ٻهي لهرن جو لقاءُ ڏسڻ بدران ساگر ۾ ٽٻيون لڳائڻيون پونديون. جيڪڏهن ڪير چاهي ته مان سون جو هار ٻڌجي ڪنهنجي ڳلي تائين پهچان ته ڪيس سون جيان باهه ۾ پاڻ جلائڻو پوندو. عشق لفظ ٽن حرفن جو ٺهيل آهي ع، ش، ق. اچو ته ڏسون ته عشق ڪندڙ کي اهي ٽيئي حرف ڇا ٿا چوڻ چاهين؟

”ع چوي ٿيءُ تون عاقل،
ش چوي ٿيءُ تون شامل،
ق چوي ٿيءُ تون قاتل،
عشق جي باهه ٻچڙي آهه، پنڌ اڻانگو آهه.“

ع چوي، ٿيءُ تون عاقل، ماڻهوءَ کي آگاهه ڪندي چوي ٿو ته اي انسان، تون سياڻو ٿيءُ، عشق جي راهه اڻانگي اٿيئي.

زندگيءَ ۾ جيئڻ جو وسيلو، اڳتي وڌڻ جو سهارو، شاعرن جي
شاعريءَ جو ذريعو آهي. زندگيءَ ۾ جي پيار نہ هجي تہ زندگي
جيڪر ويران بڻجي پوي. جيڪو انسان پيار نٿو ڪري سگهي
اهو پٿر آهي. پيار سيڪو نٿو پائي سگهي، جنهن کي پيار ڪپي
سو پاڻ کي پيار جي لائق بڻائي. سدا حيات هر دلعزيز ائڪٽر راجڪپور
صاحب ڳايل سدا بهار نغمي ۾ اچو تہ ڏسون تہ ڇا ٿو چوي،

”ڪسي ڪي مسڪراهٽون پي هو نثار
ڪسي ڪا درد لي سڪي تو لي اُڌار
ڪسي ڪي واسطي هو تيري دل مين پيار.
جِينا اسِي ڪا نام هئہ.“

پيار پنهنجي ڪم سان بہ ٿئي ٿو. فرض ۽ پيار جي
ڪشمڪش ۾ گهڻائي دفعا پيار جيت پاتي آهي. فرض جي راهہ
ڏکي، ڪنڊن واري جذبات کان سواءِ آهي پر پيار جي راهہ بيحد
دلڪش ٿئي ٿي. پيار جي سونهري سمي ۾ وقت جي سمڪ ئي
نہ ٿي رهي. اڪثر ماڊرن پيار ۾ ڇيو وڃي ٿو تہ ماءُ ٻار جي
پگهار ۾ نظر رکي ٿي. پيڻ ياءُ کي راڪي ٻڌي پئسن سان پيار
کي ماپي ٿي ۽ زال جو پيار نت نئين فرمائش ڪرڻ تائين محدود
بڻجي ٿو. پئسن سان پيار ڪندڙ انسان کي آگاهہ ڪندي، شاعر
حقيقت پيش ڪندي چوي ٿو،

”پئسي ڪي حقيقت سُن بندي، پئسا تو بهتا پاني هئہ
آج اِڌر تو ڪل يي اُڌر گيا، اسڪي بس يهي ڪهاني هئہ.“

هرهڪ ڇوڪريءَ جي تمنا ٿيندي آهي تہ مان سنو پتي وناڻ

پڳوان نہ ڪري ڪنھنجي محبت ٿئي! پريم تہ ھڪ قسم جي ڏاڪڻ آھي جتي انسان چڙھي بہ سگھندا آھن تہ ڪِري بہ سگھندا آھن. وڏا بزرگہ پريمين کي صلاح ڏيندا آھن تہ پيار ۾ اکيون، ڪن کولي ھلو، ڳالھيون گھٽ ۽ ڏسو ۽ ٻڌو وڌيڪ. چو جو،

”عشق ناھي راند جو کيلي سگھي سڀ ڪو،
عشق کپر ڪانڌ، وڃي پيچ ڪاڏن ڪون.

پيار صرف ھڪ مرڪز ۽ ھڪ دائري ۾ نٿو گھمي. پيار جا مرڪز بدلجندا رھندا آھن. انسان جي زندگي ايتري تہ وسيع آھي جنھن ۾ پيار جو دائرو پڻ وڏندو رھي ٿو اھو انسان ذات، پسون پکي، ڪائنات ۽ روحاني بڻجي وشال ٿيندو رھي ٿو. پيار وقت ۽ حالتن موجب ڪروٽ بدليندو رھي ٿو.

ننڍو ٻار پنھنجي دنيا ماءُ، پيءُ تائين محدود رکي ٿو. وڏو ٿي ساٿين، مائٽن جي لاءِ محبت رکي ٿو. جوانيءَ ۾ ھن جو ڌيان عشق مجازيءَ طرف موڙ کائي ٿو. ڪجھہ اڳتي ھلي فرض شناسيءَ ۽ اولاد جي آئيندھ لاءِ چاھہ رکي ٿو ۽ جي مالڪ مھر ڪري تہ پوءِ ايشور لاءِ روحاني پيار جو جذبو جاڳي ٿو ۽ انسان وڃي پرماتما سان ملي ھڪ ٿي وڃي ٿو. اھڙي قسم جي پيار ۾ خواھشن جو خاتمو ٿي وڃي ٿو. ’مان-مان‘ جي مرض جي نجات لاءِ شفا ملي ٿي ۽ پوءِ ’تون ئي تون‘ جي تنوار جو آلاپ ٻڌڻ ۾ اچيٿو. شاعر پيار ڀري زندگيءَ جي اِچا ۽ اھميت ٻڌائيندي چوي ٿو،

” زندگي گذري وڃي جي پيار ۾،
ٻيو ڀلا گھرجي بہ ڇا سنسار ۾؟ “

●●●

عشق نہ ڪر. ش حرف چوي ٿو تہ عشق ڪندڙن جي قطار ۾ شامل
ٿيءُ. جوانيءَ ۾ عشق نہ ڪندين تہ ڇا ٻڍاپي ۾ عشق ڪندين؟
موقعو نہ وڃاءِ. ق حرف عشق ڪندڙ کي ساوڌان ڪندي چوي ٿو
تہ پيارا، عشق نہ ڪر ڇو تہ ان راهہ ۾ قتل ٿي ويندين. تنهنجو
قاتل سامهون بيٺو آهي انڪري عشق ڪرڻ کان باز اچ. مان
تنهنجو پلئگهرو آهيان. اها توکي سهڻي صلاح ٿو ڏيان.

”سڪ نہ آهي سُٽري، ڪٽهي پروڙي پير،
ڪُسڻ ڏاران ڪير، ڪري سَڌ سڪڻ جي.“

پيار ۾ انسان پنهنجي سڌ ٻڌ وڃائي ڇڏيندو آهي انڪري
ئي ڇيو ويندو آهي تہ عشق انڌو ٿيندو آهي. پيار جي پهرين
منزل تہ مار ٿيندي آهي. جيڪو شخص پيار ۾ ڦاسي پوندو آهي
تہ اُن کي ننڊ ۾ بہ هر پل پريمڪا جا سپنا ستائيندا آهن. گويا
ننڊ ئي حرام ٿي ويندي اٿس. جيڪڏهن پيار جو رستو سچو
آهي تہ نيڪ آهي، دل کي بہ آرام ملندو آهي پر پيار جي ڦيري
۾ پريمي ۽ پريمڪا عشق جي جنون ۾ ديوانا ٿي ويندا آهن
گهر کان بي گهر ٿي ويندا آهن ۽ شمع جا پروانا بڻجي جان فدا
ڪندا آهن. پيار صدقي ڄام تماچي ماڇياڻي نوريءَ کي نوازي
۽ ورلڊ رڪارڊ قائم ڪيائين. پيار ۾ ڪيڏا نہ ڪرشما آهن! عشق
جو اِنسان تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو، اچو تہ مشهور شاعر غالب صاحب
جو هي شعر پڙهون،

”عشق ني همين نڪما بنا ديئا غالب،
ورنہ هم ڀي انسان ٿي، ڪچهہ ڪام ڪي.“

اڄ تہ مان توکي دنيا جي حقيقت ٻڌيان،

”هئن بهارين باغ دنيا چند روز،
ديک لو اسکا تماشا چند روز“

مالهي ايندو، توکي ٽاريءَ کان ڇِني ڌار ڪندو، توکي ڪٽي ڪنهن هار ۾ پويو ويندو، ڪنهن گهر جي سونهن سرس ڪرڻ لاءِ گلدستي ۾ سجايو ويندو! آهہ! تنهنجي ڪومايل چهري تان مسڪان ورندي، پر صبوح ٿيندي ئي توکي ڦٽو ڪيو ويندو، ڌڪاريو ويندو، تنهنجيون پنکڙيون توکان ڇڄي ڌار ٿينديون، توکان وڇڙجي وينديون، ڪومائجي، ڪچلجي وينديون!

تون خاڪ ۾ ملي ويندينءَ، آهہ ! اهائي تنهنجي زندگي، تنهنجي بهار!! ابتدا مختصر ۽ انتها عبرتناڪ!!

●●●



بن گهڙين جي بهار

ڪومل ڪلي! ڪهڙي نہ موهيندڙ آهين، ڪهڙي نہ سندر، نازڪ، نفيس، نخريلي، رنگيلي، البيلي، سهاوڻي! صبح جا ڪرڻا تنهنجو روپ ڏسي تو ڏانهن ڊوڙندا ۽ تنهنجيون نفيس پنکڙيون کوليندا، تنهنجن لبن تي مڙي ايندي لعلاڻ ۽ ڳلن تي ڳاڙهاڻ، انگ ۾ اُمنگ ۽ من ۾ مستي!

لهرائڻ لڳندين ۽ ٻڻجي پوندين نوخيز پشپ، دلڪش، دلفريب ڦول؟ فضا تنهنجي ناز تي، انداز تي، مسڪراهٽ تي موهجي ماڪ جا موتي ڪندي نثار! تو ۾ ڪِرَ موڙي اُٿندو غرور، پنهنجي صورت تي، من کي معطر ڪندڙ خوشبوءِ تي!

ليڪن پڳلي، بيخبر آهين تون! چاندني چئن ڏينهن جو چٽڪو اٿئي، حسن اٿيئي فاني، ايندي بلبل گلشن ۾، دردناڪ آلاپ سڻائي روح ۾ رلائي ويندءِ، پونئر ايندو، توسان پريم ڪندو، جيسين تنهنجي جواني ختم ٿئي، تنهنجي سونهن جو ٻانور لهي. پوپٽ ايندو، هاءِ، تنهنجي چهري جي رنگت چورائي رمندو رهندو، تنهنجو نشو ٽٽندو، غرور غروب ٿيندو، نادان آهين تون!

پنهنجو چهرو درپڻ ۾ ڏس. شايد، تو ڪلهه ڪنهن سان انياءُ ڪيو آهي، بي ايماني ڪئي آهي، ڪنهن کي اُلٽي ڇُريءَ سان موڙيو آهي. درپڻ ۾ توکي نظر ايندي اُداسي، غميگني، چهري تي پريشاني ۽ اکين جي هيٺان ڪارا نشان. درپڻ جهوٽ نا بولي! مون ته توکي مقبول شاعر گوپ ڪمل جو شعر ٻڌائيندي آگاهه ڪيو هئو ته،

”خاموش آئينو آ،
هن سان نه چيڙ ڪر تون،
ميڇريو جي هڪ دفعو هوُ،
ڪجهه ٻيو ٻڌي نه سگهندين“

منهنجا متر، غصي ۾ صورت ڪهڙي ٻڻائي رکي اٿيئي؟ لعل اکيون، نڪ سڄيل، چپ تيڙا، ڏند ڪرٽيل، ڀرون تاڻيل، ڪهڙو غصو؟ ڇا تي غصو؟ غصي ۾ باندر پيو لڳين، درپڻ جهوٽ نا بولي! ڪالهه تائين ته تنهنجو چهرو چنڊ جهڙو، اکيون هرڻ جهڙيون سندر هيون، روپ تي، خاندان تي، ڪرسيءَ تي توکي ڪيترو ناز هئو! ڍهل تي ڏونڪو هٽي تون چوندو هئين ته سڄي مهاراشٽرا ۾ مان ننڍي ۾ ننڍو، جوان ۾ جوان آفيسر آهيان. منهنجا هيترا زيردست آهن. مون جهڙو ڪو بالادست آفيسر ڪونهي. منهنجا هيترا شاگرد آهن. مون هيترا انجنيئر ٻڻايا، ڊاڪٽر پئدا ڪيا. مون سڄ ۾ ساوڪ آندي. مون هينءَ ڪيو، مون هونءَ ڪيو، وغيرهه. ڪيڏانهن ويو تنهنجو اهو روپ، اها

آئينو ڏس ۽ اَندر پَسُ

آئينو سنسار جي سڀ کان وچتر وستوُ آهي جنهن ۾ سچي سنسار جو عکس سمايل آهي. هوُ جيڪي ڏسي ٿو، هوُبهوُ تهڙو ئي روپ ڏيکاري ٿو. انسان پاڻ کي لڪائڻ جا يلي تہ هزارين حيلا هلائي، دنيا کي دوکو ڏئي پر آئيني سان بي ايماني نٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ تہ اهو درپڻ سندس ڪرمن جي چشمديد گواهہ آهي، وويڪ آهي، آتما آهي، جڄ آهي، مهابلي وقت آهي. اهو آئينو انسان جي چهري مان ئي ڪيس ڦتا ڦٽ ٻڌائي ٿو تہ اهو ڪنڌ ۾ وينل ٻگلو پڳت ڪنهن جي خلاف ڪهڙي سازش سٽي رهيو آهي، ڪنهن سان ڪهڙي چال چلڻ وارو آهي، ڪهڙي بي ايماني ڪيڏڻ وارو آهي، درپڻ ڪيس آگاهہ ڪري ٿو، ساوڌان ڪري ٿو. هيءُ اهوئي جادوئي شيشو آهي جنهن راجا دشرٿ کي سندس پهريون اڇو وار ڏيکاريو ۽ ڪيس آگاهہ ڪيو تہ جواني ڪانئس ڏهہ گز ڏور پڇي رهي آهي ۽ ٻڍاپو قريب اَچي رهيو آهي. هيءُ اتهاس جو شاهد آهي جنهن ۾ علاوالدين خلجي راڻي پدمڻيءَ جو خوبصورت، مقناطيسي ڪشش وارو چهرو ڏنو ۽ جنهنجي ڪري چتور رکہ جو ڍير ٿي پيو!

ڏاڍو خفي پيو لڳين، پريشان پيو نظر اچين! هڪدم وڃي

ڪاليج جي زماني ۾ تون ٽڙيل گلاب جيان لڳندي هئينءَ. جڏهن تون ساهيڙين سان شام جو ڪاليج جي رستي تان گهمڻ نڪرندي هئينءَ ته ائين لڳندو هئو گويا سڪين سان گڏ راڌا يا شڪنتلا وڃي رهي آهي. رستي ۾ تنهنجا چاهڪ، تعريف جا قلما ٻڌندڙ تو لاءِ اکيون وڇائي راهه تڪيندا هئا. اڄ تنهنجو مرجهايل چهرو، تنهنجو تن ۽ من تنهنجي غم جا پاڙ پرگهٽ ڪري رهيو آهي. وشواس ئي نٿو اچي ته تون اها سندري، اهائي ڪامني آهين. ذرا درپڻ ڏانهن ته ڏس، خود کي سڃاڻي سگهندينءَ؟ آئينو ڏس ۽ اندر پسُ! اڄ ته مان توکي تو وانگر دشا ۽ دِشا ۾ گذارو ڪندڙ هڪ شخص بابت غزل گوُ شاعر پڳوان نردوش جي لفظن ۾ حقيقت پيش ڪندي ٻڌايان،

’’ آرسيءَ کان هوُ پري پڇي ٿو وڃي،
پاڻ کان پاڻ هوُ، ٻڇي ٿو وڃي. ‘‘

ان آئيني کي اسين جيڪر هڪ شيشي جو ٽڪر نه سمجهون، شفاف جو صرف ڪمال نه سمجهون پر ڪا قدرت جي ڪرامت سمجهون. ان کي اسين سڀ کان مهان، سڀ کان بهتر ۽ سچو ساٿي سمجهون ڇو ته هيءُ ئي سچائيءَ سان، ايمانداريءَ سان، بيڌڙڪ اسان جون ڪميون پيشون، برايون، گهٽتايون اسان جي اڳيان آڻي پيش ڪري ٿو پوءِ پلي نه اسان کي اهو برو لڳي يا پلو. اسان جي سمورن رازن جو، شيطانين جو، ڪڌن ڪرتوتن جو پردو فاش ڪري ڇڏي ٿو. غزل گوُ شاعر ڍولڻ راهي چوي ٿو،

آفيسري، اهو دٻدٻو، اها شوخي، اهو رعب! هڪ ڪنڊ ۾ پيو آهين پر اي نادان، اڃا تائين ننڍپڻ جي عادت جو شڪار بڻيو وينو آهين! ڪنهن اٻوجهه ڪي، ڪنهن معصوم ڪليءَ کي اُسرڻ کان روڪڻ لاءِ اُن جي راهه ۾ ڪنڊو پوکي رهيو آهين، ڪنهن جي لاءِ کڏ کوٽي رهيو آهين؟ پر سچ ٻڌاءِ سڄڻ، قسم اٿيئي انهن اڇن وارن جو، رات جو ائين ڪرڻ ڪري توکي نيٽن ۾ ننڊ آئي؟ تو ڪامپوز گوري ته برابر ورتي هئي پر صبوح جو درپڻ تنهنجي ڪرمن جو چٽو پوٽا ميل پيش ڪيو. تنهنجي جيون ۾ ٻڍاپو آيو آهي. قبرستان جي قريب پهتو آهين. جوانيءَ ۾ تنهنجا وار پونئر جهڙا ڪارا ۽ گهنڊيدار هئا. ياد اٿيئي تنهنجي روپ ۽ گهنگهرالو وارن تي فدا ٿي ڇوڪريءَ ڪاليج ۾ ڪوٽا لکي هئي. هينئر تنهنجو ڪهڙو حال آهي؟ غور سان ڏٺو اٿيئي پاڻ کي آئيني ۾! وار ڪوٺا ڪتري ويا اٿيئي. باقي جيڪي بچيا اٿيئي سي چانديءَ وانگر چمڪي رهيا اهن. ڪڏهن ڏٺو اٿيئي غور سان آئيني ۾ پاڻ کي؟ آئينو ڏس ۽ اندر پسُ. درپڻ جهوٽ نا بولي!

او منهنجا متر، تون متان پاڻ ڏانهن اشارو سمجهين. بلڪل نه، مان نه توکي آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسي ڏجندڙ شخص بابت ٻڌائي رهي آهيان. هي لفظ آهن غزل گوُ شاعر ڍولڻ راهيءَ جا،

”اَڳ آئيني کي ناز هو منهنجي جمال تي،
اڄ آئيني ۾ شڪل ڏسڻ کان ڏڃان ٿو مان.“

آواز توکي ٻڌائڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿي ’دل درپڻ مان دئيءَ جي دز دور ڪر ته دل گُهرئي دلدار جو ديرو دل ۾ ديکين. ڪنهنلاءِ برو نه سوچ. ڪنڌ ۾ ويهي ڪنهن لاءِ گهات نه گهڙ. ڪامپيوٽر ۾ فيڊ بئڪ جو سڏانت ياد رک. جي خوش رهڻ چاهين ٿو ته ٻئي جي خوشيءَ ۾ ڪنڌو نه ٻڻج چو ته سچو دوست اُهو آهي جو پنهنجي دوست جي خوشي برداشت ڪري سگهي. ڏجي نه ته ڏکوئجي نه. ياد رک ته هيءُ ڪلجڳ نه پر ڪرجڳ آهي. اَڪ پوکي انب ڪيئن کائيندين؟ هتي ئي گڏيل وياج سميت پري ڏيٺو آهي. آئينو ڏسُ ۽ اندر پسُ. درپڻ جهوٺ نا بولي!‘

ڀروپي، ٿلهي چمڙي ۽ وويڪ هيڻ انسانن جي فطرت کي ڏسي پرماتما کي پرارٿنا ٿي ڪريان،

” آئينا ڪوئي اَئسا بنا دي،
اي خُدا! جو
انسان ڪا چهرا نهين،
ڪردار دکا دي. “

●●●

”منهن تي ڪنهنکي ڪيئن سچ چئجي؟
رمز سڪان تو آئيني ڪان.“

او منهنجا متر، جڏهن بہ تون ڪو ڪاريہ ڪرڻ جي رٿا رٿين، ڪجهہ سوچ ويچار ڪرين يا ڪو ڪاريہ ڪري چڪو آهين تہ ان شيشي جي ٽڪر ۾ پنهنجو چهرو ڏس. جيڪڏهن تنهنجو چهرو شانت ۽ سنتوشي لڳي تہ سمجهي ڇڏ تہ تو جيڪو ڪاريہ ڪيو آهي سو مناسب آهي پر اگر تنهنجو چهرو گهنجيل نظر اچي تہ پڪ سمجهہ تہ تون غلط رستي تي قدم رکي رهيو آهين. جيڪڏهن تون ڪنهن ابوجهہ لاءِ ڪنهنکي پڙڪائي رهيو آهين، ڪنهنجي معصوميت جو اُلٽو فائدو وٺي رهيو آهين، ڪنهنجي لاءِ ڪڏ ڪوٽي رهيو آهين تہ آئينو تنهنجي چهري جو رنگہ اُڏائي ڇڏيندو. آئينو ڏسُ ۽ اندر پسُ. درپڻ جهوٽ نا بولي! ڪي شخص ٿلهي چمڙيءَ وارا ٿين ٿا، ووڀڪ هيڻ ٿين ٿا جن تي آئيني ۾ چهرو ڏسڻ جو ڪوبہ اثر نٿو ٿئي تن لاءِ شاعر سچائي پيش ڪندي چوي ٿو،

”جو آئيني سي مِلا،
آئيني پي جُهنجهلايا،
کِسي ني اَپنِي کمِي کي،
طرف نهين ديکا.“

مونکي لڳي ٿو تہ آئينو سرجڻهار جي سرشٽيءَ لاءِ سوغات آهي. هيءُ قدرت جو ڪرشمو آهي. او منهنجا متر، درپڻ جو

اهڙي ڇاتل سڃاتل ڪنوار کي کهڙي سوکڙي ڏيان؟ ڏيٺي بہ
تہ ضرور آهي. وڻ جي ٽارين تي وينل پکي لاتيون لنوڻ لڳا ٿا.
ڪوئل من موهيندڙ آواز ۾ ٻائڻ لڳي ٿي. هڪ ڪتو جنهنکي
هوءَ روز کير پيئاريندي هئي، ماني کارائيندي هئي، پاڻي
ڏيندي هئي، اهو بہ گويا وداع تي وڻ جي گهاٽا ڪي سمجهي
ويو هو ۽ اهو بہ ڇڇ سان هلي رهيو هئو. واهہ بي زبان تنهنجي
وفاداري! ۽ ٻئي طرف انسان، انسان جو دشمن بڻجي پيو آهي!
اهڙو ورتاءُ ڏسي مون کي غزل گوُ شاعر واسديو موهي صاحب جو
هيءُ شعر ياد پيو،

”مان ڊنُس ڪتي کان، متان چڪ هڻي،
ڪنهن چيو: ڇو اجايو ڊڄين ايترو!
بانورا ! هي مِرون آ، ڪو ماڻهو نہ آ،
بي سبب دوُر ڇو ٿو ڀڄين ايترو؟“

وڻ جا ڪجهہ پن گهوٽ ڪنوار جي متان ڪرن ٿا گويا وڻ
کين نذراني جي روپ ۾ اهي پن ڏنا ۽ پکين جي لاتين وسيلي
آسيس ڪندي هي لفظ چيا، ”مئڪي ڪي ڪيي نا ياد آئي،
سُسرال مين اتنا پيار ملي.“ اُس مان پنڌ ڪري اچي ٽڪل تنل
ڪنهن وڻ هيٺان بہ گهڙيون آسائش ونڻ لاءِ ويهبو تہ ٿڪ ئي
لهي ويندو آهي. پگهر سڪي ويندو آهي. پاڻکي تازو توانو
سمجهبو آهي. اُن وقت وڻ وردان ثابت ٿيندو آهي. انهيءَ وڻ
جي ڇانوءَ ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون پينگهہ ناهي لُڏندا آهن، مزو

ڇانوُ

دل ۾ سوچيم تہ هن ليک جو عنوان ڇاپا رکان پر وري خيال ٿيو تہ متان ڪير ائين سمجهي تہ مان توهانکي ڇاپا ڇوڪريءَ جي باري ۾ ٻڌائي رهي آهيان پر شايد ڪير ائين بہ سمجهي تہ مان ڪنهن تي لڳل ڀوت پريت جي ڇاپا بابت لکي رهي آهيان. ڪيترا ارٿ جو انرٿ بہ تہ ڪندا آهن ان ۾ ڪنهنجو بہ ڏوهہ ڪونهي ڇو تہ جيترا منهن اوتريون ڳالهيون. سو سائين توهان کي نيڪي ڏئي، اچون ٿا ڳالهہ جي ڳانٽي تي. اسان جي ممي بہ چوندي هئي، ’ٻچڙي، شل، ڪوسو واءُ نہ لڳنديءِ!‘

وڻ جي ڇانوُ جو ڇا چئجي؟ وڻندڙ ۽ ٿڌي، من کي موٓج ۽ تن کي تراوت بخشيندڙ ! ڳوٺن ۾ جڏهن ڇڇ نڪرندي آهي تہ باراتي نچندا، ٽپندا، ڳائيندا، بئنڊ باجن سان جهومندا اڳيان وڌندا رهندا آهن. گهوڙي تي چڙهيل گهوٽ. ڪنوار وڻ جي هينان سيتل ڇانوُ ۾ فراسي، تڏو وڇائي ٻين سرتين سان راند روند ڪندي هئي. گهر ڇڏي انهيءَ ئي وڻ هينان پڙهائي ڪندي هئي. وقت ڪروٽ بدليو. اڄ ننڍي، سيان وڏي. اڄ ڪنوار بڻجي وڻ کان وداع ٿي رهي آهي. وڻ دل ۾ سوچيتو تہ

”هڻ هڻ جي ڇانوَ،
اُس ۾ نري گهٽ، ٻري گهٽو
اڄ جي جهان جو شخص،
جيئي گهٽ، مري گهٽو “

ڌن- دولت جي ڇانوَ ٻہ عجيب ڇايا آهي. پئسي پدارٿ جي نشي جي ڇانوَ ۾ ڌنوان ٻہ رهندو تہ سندس غريب متر پڻ جيون ڪاٽيندا. ناڻي جي چقمقي ڇانوَ جي دل لڀائيندڙ ڪشش ۾ سڀ عيب پڻ ڍڪجي ويندا آهن. ان ڇانوَ ۾ ماڻهو بي فڪر ٿي جيون گذاري ٿو. هرهنڌ سندس بول بالا ٿئي ٿو. مان، شان، برقرار رهندو اٿس. عيش پيو ڪري. سهٽا سهٽا وستر پيو پهري! مجال آهي جو اُن جي اڳيان ڪير ڪڇي سگهي! ان ڇانوَ ۾ دٻدٻو، ٺيڳڙ، چٽربازي چوٽ چڙهيل هوندا آهن، ناڻي جي ڇانوَ ۾ وينو رهہ، سوين اَچي سايي ۾ سلامي ڀريندا ۽ ڇانوَ کي وڏيڪ ڇايادار ڪندا. در اصل نالي ۽ ناڻي جي ڇانوَ تي ڪوبہ ڀروسو ڪونهي. اها ٻاهہ ۾ تيل وجهڻ جيان، جيئن تڌ، تيئن وڌ ٿيندي رهي ٿي. غزل گوُ شاعر ڍولڻ راهي فرمائي ٿو،

”پيٽ توڙي سرير جي ٻک کي،
ڪا نہ حد ٿي ٿئي جا پوري ٿئي،
نالي ناڻي جي مئہ جي اُڃ عجيب،
جيڏي پوُري ڪجي، اڌوري ٿئي! “

عهدي اقبال جي ڇانوَ جو ڇا چئجي؟ ڪرسيءَ جي ڇانوَ ۾ وينل شخص ائين سمجهندو آهي تہ اها ڪرسي مون سان

ماڻيندا آهن، رانديون ڪندا آهن، پڙهائي ڪندا آهن، يوگ
ڪندا آهن. موج مستيءَ ۾ وقت گذاريندا آهن.

ٻي ڇانوَ ٿيندي آهي پاڙيسرين جي. چوندا آهن ته پاڙو
اَبو، اَمڙ ٿيندو آهي، انهن سان ڪڏهن به نه ڦتائجي ڇو جو
ڪانه مهل ڪنهن جهڙي! ڪڪ جو به لک ۾ ته لک جو به ڪک ۾
ڪم پوندو آهي. اوکي سوکيءَ ۾ ته سندن ئي سهارو، آسرو هوندو
آهي. گهر جو وڏو ڪيڏانهن ٻاهر ويندو آهي ته پاڙيوارن کي
پارت ڪري پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي ويندو آهي. بيماري سيماريءَ
۾ به ته پاڙيوارا ڪم ايندا آهن. وقت تي ڪا شيءَ چيز کپي ته
پاڙيوارا ئي ڏڪ - سک ۾ ڀائيبيائيوار ٿيندا آهن تنهنڪري
پاڙيسرين سان ساز سلوڪ ۾ هلڻ ئي عقلمندي آهي.

اسين جنهن هنڌ نوڪري ڪريون ٿا ڪنهن آفيس ۾،
ڪمپنيءَ ۾، فئڪٽريءَ ۾، اسڪول، ڪاليج ۾، دڪاندار وٽ يا
ٻئي ڪنهن به هنڌ ته اُتان جي مالڪ جي ڇانوَ هيٺ رهڻ سان
پيو وڏبو ويجهبو، سکيو رهبو. ڏينهن سک سان گذرندو. من جي
شانتي رهندي. ٽينشن رهت رهڻ ڪري صحت سالم رهندي
گهر گرهستيءَ جو گاڏو آرام سان پيو هلندو، تنهنڪري باس
جي ڇتر ڇايا هئڻ به ضروري آهي. آرام جون گهڙيون گهارڻ
لاءِ اها ڇانوَ به ضروري آهي. گهاٽي جي ڏٻي جيان وهڻ به ڪ
زندگي آهي؟ غزل گوءِ شاعر، ايم. ڪمل سچ ٿو چوي،

اهي ئي سُکا ٽڪر، اُهائي ڏکي زندگي، فاقا ۽ روزا ! ڪنهن شاعر سچ چيو آهي،

” وقت بَڙا ظالم هئہ پياري،
ڪب يي ڪِسڪا هوتا هئہ؟
هٽلر ڪا انجام هُئا ڪِيا،
ڪول ڪي اَپني آنک ديک. “

مترو، پر هڪڙي ٻي ڇانوَ آهي جا ٻي بقا نہ آهي پر دائما رهندڙ آهي. ڪڏهن بہ لهندڙ نہ آهي، سدائين سيتلتا بخشيندڙ آهي. سکدائڪ آهي. دائما آننددائڪ آهي، اها آهي درويشن، سنتن، مهاتمائن، ستپرشن جي ڇانوَ. انهن جي سدا بهار ڇانوَ ۾ رهبو تہ اُس سدائين اسان کان ڪنارو ڪندي. ستپرک تہ پاڻ اُس سهندا آهن، تتيون ٿڌيون سهندا، ڪوسو واءُ سهندا پر ٻين کي ڇانوَ ۾ رکندا. سندن مهر جي پاڪ نظر جي ڇانوَ، سيتل ٻولن، نصيحت آميز اُپديشن، نهال ڪندڙ مشڪ جي ڇانوَ سدا رهندي. اُس ڪڏهن بہ نہ چڙهندي. هميشهہ سيتلتا جو ساٿ رهندو. اچو تہ اهڙي ايشور جي عيوضين مهاتمائن جي ڇانوَ ۾ رهي وڏون ويجهون، جيون سدائين باغ بهار رکون. روحاني رهبر ستگر جي مهر ميا جي سدا آننددائي ڇانوَ ۾ رهنداسين جتي اُس آهيئي ڪونہ، رڳو ڇانوَ ئي ڇانوَ ۽ بي انتها ڇانوَ هوندي.

●●●

سدائين قائم آهي! ڪرسيءَ جي ڇانوَ جي نشي ۾ هوُ ايترو ته چوُر ٿي وڃي ٿو جو پاڻ جهڙو ڪنهنکي سمجهي ئي نٿو. ان قسم جي ڇانوَ ۾ ويٺل ماڻهو ائين سمجهندا آهن ته جيڪي آهن سي هوُ ئي آهن. سڀ لهي ۽ چڙهي ٿو انهن جي اشاري تي! جيڪي ڪري سگهن ٿا، هوُئي ڪرڻ ۾ سمرٿ آهن. عهدي اقبال جي ڇانوَ ۾ اچي ٻين جو ڀلو ڪرڻ ته دوُر رهيو پر پاڻ ٻين لاءِ ڪڏهن ڪونه جا ڪوڙ پيو پکڙائيندو آهي. تڪ مان ور لاهي ڇڏيندو آهي. اهڙي مغرور انسان کي غزل گوُ شاعر ڀڳوان ڪلناڻي ’ساقي‘ چوي ٿو،

”ناز ڇا تي ٿو ڪرين، ايترو اَڪڙين ڇو ٿو؟
چند سواسن جي هستيءَ تي ڀروسو ڪهڙو؟“

اچو ته هاڻي پلئه پايون! سڀ اُپرندو آهي ته لهندو پڻ آهي. مٿي ذڪر ڪيل سڀ ڇانئون نيٺ هيٺ لهيو اَچن، پٽ پون. نيٺ ته وڻ سڪي ويندو، ٿاريون سڪي ونديون، ڀڄي پونديون. ٻاڙي جي ڇانوَ، نوڪري چاڪري، ڏنڌيداريءَ ۾ سيٺ، مالڪ، آفيسر جي ڇانوَ، عهدي اقبال جي ڇانوَ، اهي سڀ بي بقا ۽ بي جٽادار آهن. بالادست ڪيڏي مهل به زيردست تي ناراض ٿي، منهن موڙي، نوڪر کي لت هڻي ڪڍي، نوڪر وڃي اُس ۾ وهندو پر اُس ڪهڙي؟ دنيا جي لاهين چاڙهين جي اُس! بينلائيءَ تي ڪهڙو ڀروسو؟ ڌن، دولت، پئسي پدارٿ جي ڇانوَ به وهندڙ ۽ هلندڙ آهي. لهي ويندي ته وري اهائي اُس، عيش آرام حرام

”آيامن کان ئي آنڌو،
سوجھري کي پيو تلاشي،
پڇاڙيءَ سوجھرو،
پنھنجي ئي اندر ۾ پسي ٿو.“

گياني، عقلمند شخص ڄاڻندو آهي تہ ڌرم اُپاسنا پڏ تي يا ڪرم ڪانڊ ڪي نہ چئبو آهي پر پنھنجا فرض پالڻ ئي ڌرم آهي، هر موقعي ۽ حالت ۾ جيڪو پنھنجو فرض سمجهي اُهو پورو ڪجي. مهاتما گانڌيءَ ڌرم جي وصف ٻڌائيندي چيو، ”منھنجو ڌرم ڊيوٽي (Duty) انھن ڇئن اکرن ۾ سمايل آهي ۽ نہ رائيٽ (Right) انھن پنجن اکرن ۾، اڳتي هلي مهاتما گانڌيءَ چيو، ”توهين منھنجي جيون کي ڏيان سان ڏسو. مان ڪيئن رهان ٿو، ڪيئن وهان ٿو، ڪيئن ڳالھہ ٻولھہ ڪريان ٿو ۽ عام طور منھنجو وهنوار ڪيئن هوندو آهي. اهي سڀ گڏي توهان تي ڪھڙو اثر ٿيو، اهوئي منھنجو ڌرم آهي.“ شيخ سادي صاحب جو فرمان آهي، ”ڌرم صرف لوڪ سيوا ۾ آهي. تسويھہ (مالھا ڦيرڻ) يا مسلا (نماز جو آسن) ۾ ناهي.“ رشي چاڻڪيہ جو قؤل آهي، ”شانتيءَ جھڙو ڪو تپ ڪونھي، سنتوش کان وڌيڪ ڪوئي سک ڪونھي، ترشنا کان وڌيڪ خراب ڪا بيماري ڪانھي ۽ ديا جھڙو ڪو ڌرم ڪونھي.“

سنسار ۾ سڀ کان مھان ڌرم آهي ’مانو ڌرم‘ جڏهن اسين ڌرم جي ڳالھہ ڪريون ٿا تڏهن اسان جو دماغ هڪ محدود دائري اندر سوچي ٿو، پاڻ کي هندو يا مسلمان، سک يا عيسائي بس،

مانوَ ڌرم، آهي سروَ سريشٽ ڌرم

وِڍ پارٽيءَ تان اَمر ڳائڪ مرحوم محمد رفي صاحب جو هڪ ڳانو ٻڌو، ’تُوُ هندو بنيگا نہ مسلمان بنيگا، انسان ڪِي اؤلاد هئہ انسان بنيگا‘ ڪجهہ وقت کان پوءِ وري پيو ڳانو ٻڌو، ’لهوُ ڪا رنگ ايڪ هئہ، اَمير ڪِيا غريب ڪِيا.‘ ميز تي هڪ ڪتاب رکيو هئو، ’سوامي وويڪانند جو سنيهو‘ شري رامڪرشن مٺ، ڪراچيءَ وارن جو سنڌيءَ ۾ ڇپايل سندر پستڪ. گرديو سوامي وويڪانند جو ڌرم بابت لکيل هڪ ويچار پڙهيم، ’منهنجو اهڙي ڌرم يا ايشور ۾ هڪ ٽڪو بہ وشواس ڪونهي جو ڪنهن وڌوا جي ڳلن تان ڳڙندا ڳوڙها نٿو اُگهي سگهي، جو ڪنهن يتيم جي بکئي وات تائين روٽيءَ ٽڪر نٿو پهچائي سگهي.‘ انهن ويچارن مون کي ڌرم ۽ مانوَ ڌرم بابت سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. حد اَفسوس اهو آهي تہ اڄ انسان نہ سچي ڌرم کي سمجهي سگهيو آهي ۽ نہ وري اها سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ ايشور کي پائڻ جي ڪهڙي وات آهي؟ ڌرم پريورتن لاءِ خونريزي لڳي پيئي آهي! اهو ڪانئس وسري ويو آهي تہ منزل هڪ ئي آهي ۽ ان کي پراپت ڪرڻ جا رستا الڳہ - الڳہ آهن. مقبول شاعر گمراهہ انسان لاءِ چوي ٿو،

وڏي ويئي ۽ ان فريم ۾ سمائڻ لاءِ انسان جي تصوير جي ئي
ڪٽ سٽ شروع ٿي ويئي. ڏيري ڏيري پنهنجي پوڄا ۽ عبادت
لاءِ مندر، مسجدون ۽ گرجا گهر اڏيائين. پنهنجي ايشور ۽ خدا
کي خوش ڪرڻ جا خاص طريقا ڪڍيائين. اهوئي ڌرم هن جي
پيرن جون زنجيرون بڻجي پيو ۽ اُن مان آزاد ٿيڻ هن لاءِ لڳ ڀڳ
ناممڪن بڻجي پيو آهي. هوُ هڪ ڏيڏر جيان پنهنجي ڌرم روپي
کوهہ ۾ ويهي ائين ئي سمجهندو آهي تہ منهنجو سنسار هن
کوهہ تائين محدود آهي، هن کان پوءِ سڀ ڪوڙ آهي. چوندا
آهن تہ جنهنکي سچ پچ ننڊ هجي تہ اُن کي جاڳائڻ سؤلو آهي
پر جيڪو ننڊ جو ڪوڙو ڍونگ ڪندو هجي، اُن کي جاڳائڻ نهايت
مشڪل آهي. ٺيڪ اهائي حالت اڄ جي انسان جي ٿي رهي
آهي. هوُ پنهنجي محدود ڌرم جي انڌيري ۾ پنهنجي اصلي
ڌرم يعني مانوَ ڌرم کي وساري ويٺو آهي. مندر، مسجد جي
نالي تي هڪ ٻئي سان وڙهي رهيو آهي. ڌرم هڪ قسم جو واپار
بڻجي پيو آهي. غزل گوُ شاعر شريچند ڏُبي فرمائي ٿو،

” مُلا، قاضي، پنڊت، ڏياني، گياني،
وٺي اوٽ مذهب جي هرڪو لٽي ٿو. “

ڀڳوان يا خدا انسان جي اگيان تي مشڪي رهيو آهي ۽
کيس چئي رهيو آهي تہ اي انسان ! تون اگيان جي ننڊ مان
سجاڳ ٿيءُ ۽ پنهنجو اصلي روپ سڃاڻ، پنهنجي اصلي ڌرم
کي سمجهہ، جو آهي مانوَ ڌرم. حقيقت ۾ منزل تہ هڪ ئي آهي،

ان حد تائين سوچي ٿو ليڪن اسين ذرا گھرائيءَ سان سوچيون ته اسان کي محسوس ٿيندو ته اسان 'ڌرم' جي هڪ وشال اَرٿ کي نهايت ئي ننڍين حدن ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي انڪري انهن ڌرمن ۽ مذهبن جي چار ديواريءَ ۾ قيد ٿي اصلي مانوَ يعني انسان جو دم گھٽجي رهيو آهي ۽ هوُ ڌرم جا هيِ نقلي مکوٽا لاهي پنهنجي اصلي روپ کي سڃاڻڻ لاءِ بيچين ٿي رهيو آهي. اسين ذرا سوچيون ته ايشور جڏهن هن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي ۽ هن ڌرتيءَ تي جڏهن سڀ کان پهريون انسان پئدا ڪيو تڏهن هوُ ڪير هئو؟ جڏهن هن پهريون پيرو اکيون کولي پنهنجي چئني طرف پاڻ کي هن وشال پرٿويءَ تي اڪيلو ڏٺو هوندو ته ڪنهنکي ياد ڪيو هوندو؟ ڇا اُن وقت هوُ هندو يا مسلمان هو، سک يا عيسائي هئو؟ نه، بلڪل نه! هوُ ته فقط هڪ انسان هئو. سيني پراڻين ۾ سريشٽ رچنا! جنهنکي 'اَشرف المخلوقات' جو شرف عطا ٿيل هئو. هوُ شروع ۾ صرف قدرتي شڪتين کان ڊڄندو هئو جيئن باھ، سج، چنڊ، هوا وغيره ۽ ڪائنن پنهنجي رکيا لاءِ کين ديوتا سمجهي سندن پوڄا ڪرڻ لڳو. پوءِ جيئن جيئن هوُ سڌرندو ويو تيئن تيئن پنهنجي عبادت جي ڍنگ ۾ ڪن خاص رسمن - رواجن جو جامو پهرائي پنهنجي لاءِ هڪ خاص ڌرم يا مذهب جي ايجاد ڪئي پوءِ ڌيري ڌيري پنهنجي دواران رچيل جار ۾ هوُ خود ئي ڦاسي پيو. ڌرم انسان جي مڪتيءَ لاءِ نهيو هو ليڪن انسان ئي سندس غلام ٿي پيو. فريم انسان لاءِ نهيو هئو ليڪن فريم جي اهميت تصوير کان

اهڙن ڏونگي ماڻهن جو چِٽر چِٽيندي چوي ٿو،

”تعليم جو ديتي ٿي شيخ جي،
آج وو ڀي مئخاني چلي هئن!“

هاڻي سنسار جا سڀيئي ملڪ ڏيري ڏيري اها ڳالهه محسوس ڪري رهيا آهن تہ هينئر لڙايون ڪرڻ يا ٻين ڪمزور ملڪن سان زور زبردستي ڪرڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونهي، ان ڪري دنيا ۾ انيڪ راڄنيتي پريورتن اچي رهيا آهن. سچي مانوَ ڄاتي دنيا ۾ هڪ نئون دؤر آڻڻ جي رستي ڏانهن وک وڌائي رهي آهي. هينئر دنيا جي ملڪن جنگ جي خطرن، بربادي۽ جي اُگرن نتيجن ۽ اَمن شانتي۽ جي اهميت ڀلي ڀانت محسوس ڪئي آهي پر دک جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪجھہ ملڪ پنهنجا هٿيار ڪن ملڪن کي وِڪڻي گويا ديشن جي وچ ۾ ڀڏ لاءِ ڀڙڪائي رهيا آهن. اهي ڊبل پارٽ ادا ڪندا آهن، چور کي چئہ تہ چوري ڪر ۽ مالڪ کي چئہ تہ چور آيو اٿيئي. ٻن ٻلين جي جهيڙي جي وچ ۾ باندر کي مزو ايندو آهي. ڪنهن نہ ڪنهن وقت سندن اهو پول ظاهر ٿي پوي ٿو. شاعر ڏرم جي نالي وڙهندڙ انسان کي نصيحتي نخطو ڏيندي چوي ٿو،

”مندر، مسجد، گردوارون مين،
بانٽ ديئا، ڀڳوان ڪو،
ڌرتي بانٽي، ساگر بانٽا،
مت بانٽو، انسان ڪو.“

اُتي وڃڻ جا، پهچڻ جا ڪيترائي رستا آهن. پرماتما ته هڪڙو ئي آهي پوءِ کيس الله چئون، ڪرشن چئون يا ڪريم، رام چئون يا رحيم. 'زاهد شراب پيني دي مسجد مين بئٺ ڪر، يا وو جڳهه بتادي جهان خدا نه هو.' مولوي صاحب لاءِ خدا مسجد جي چئن ديوارن ۾ سمايل آهي پر شرابيءَ لاءِ خدا هرهنڌ حاضر ناضر آهي. غزل گوُ شاعر واسديو نرمل پليل پتڪيل انسان کي سڌي راهه ڏيکاريندي چوي ٿو،

'' پهرين تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻ،
خود کي پوءِ ٿيندو آهي خدا حاصل. ''

مانوَ ڌرم جو مطلب آهي انسان جو اصلي فرض پنهنجي انسان ذات ڏانهن. مان هڪ مانوَ يعني انسان آهيان ۽ هيءَ ڌرتي منهنجي ماتا آهي انڪري هن تي رهندڙ سڀئي انسان، چاهي انهن جو ڌرم، ذات- پات، ملڪ ڪهڙو به هجي، سندن ٻولي، رنگ- روپ ۽ ريت - رواج ڪهڙا به هجن، سڀئي منهنجا ڀائر آهن 'وسڌيو ڪُٽنبڪم' يعني سڄي ڌرتي ئي منهنجو ڪٽنب- پريوار آهي ۽ سڀئي منهنجا پنهنجا ڪٽنب جا ڀاتي آهن. مون کي کين پيار ڏيڻو آهي، همدردي ڏيڻي آهي. سندن مدد ڪرڻي آهي، پوءِ چاهي هوَ هندستاني هجي يا ڪنهن به ملڪ جو رهواسي هجي. اڄڪلهه جي ماحول ۾ ائين نظر اچي رهيو آهي ته پاڻ نه پلي، ڏوجهان متيان ڏيوي. جيڪو شخص خود ئي گمراهه آهي، اُهو ٻين کي ڪيئن دڳ لاهي سگهندو؟ شاعر

اسانجو رومال، ڪريتو ڪمال

توهان مان ڪيترن کي عجب لڳندو ته مان مضمون لکڻ لاءِ ٻيا وشيو ڇڏي رومال جهڙي تچ وستوءَ تي ليک لکي رهي آهيان! اهو تعجب لڳڻ سڀاويڪ پڻ آهي پر هرڪنهن شيءِ جي پنهنجي اَهميت آهي. توهين ئي ٻڌايو ته جتي مونکي رومال جي ضرورت آهي اُتي مان سوڙ ڇا ڪندس ۽ جتي سوڙ کپي اُتي رومال جي ڪهڙي گهرج؟ فريد صاحب چوي ٿو،

''فريدا ڪک ٻه نه نندجي، ڪک ٻه وڏي وٿ،
اُڏي پوئي اک ۾ ته ڪيڏو ڏئيئي ڏک!''

سمنڊ جي اڳيان کوھ ڪجھه به ڪونهي، اهو برابر آهي پر ڪنهن اُڃايل جي پياس ته کوھ مان ئي مِٽجندي ۽ نه سمنڊ مان!

'' ننڍڙو جهرڻو اَمرت - اَمرت،
سمنڊ وڏو پر آهي کارو. ''

اڄڪلھه جي ٽِشو پيپر ڪم آڻڻ جي زماني ۾ رومال جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اَچو ته رومال جي اَهميت لاءِ سوچيون. رومال انسان ذات لاءِ اُپيوگي آهي. سمجهو ته توهين ڪنهن رستي تان وڃي رهيا آهيو ۽ اُن رستي تي گپ آهي ۽ اُن رستي

اُميد آهي تہ ڏيري ڏيري هر انسان، پنهنجي اصلي مانوَ ڌرم کي سچاڻي ڌرتيءَ کي ماتا سمجهندو، سڀني انسانن کي پنهنجو ڀاءُ سمجهندو ۽ هر بني بشر هڪ ٻئي جي سهائتا لاءِ جيئندو. پوءِ هڪ ڏينهن ضرور ايندو جڏهن انسان هن ڌرتيءَ کي سرڳ ۾ بدلي ڇڏيندو جنهن ۾ سڀيئي شاد ۽ آباد رهندا. هرڪو 'تون ڀي رهہ، مان ڀي رهان' جو آدرش اپنائيندو. مانوَ ڌرم ئي انسان جي سکہ - شانتي، پرگتي ۽ سمرڌيءَ جو آڌار آهي. اسان کي اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي،

'' ڪهڙي بہ گهر ۾ ٿيو اَسانجو جنم،
ملي ڪهڙي بہ سکيا، ڪرم ۽ ڌرم،
منش لاءِ سڀ کان اُتم، آهي مانوَ ڌرم. ''

●●●

ڇڏيندا آهن تہ ڪير ڪڏهن وڃي ڪيڏو آهي يا ڪِري پوندو آهي. ڪيترن مندرن، تڪاڻن، گردوارن ۾ وڃڻ لاءِ مٿو ڍڪڻ لازمي هوندو آهي. اُتي مٿو ڍڪڻ لاءِ رومال ڪڍيو تہ ڪيترا دفعا مٿي تان هوا لڳڻ سبب رومال ڪري پوندو آهي ۽ ڪٿڻ وسري ويندو آهي، پتو ئي نہ پوندو آهي، هلڪو جو ٿيو! ڪيترا ڀيرا ائين بہ ٿيندو آهي تہ توهانجو دوست توهان کان هٿ اُگهڻ لاءِ رومال گهرندو آهي، توهين اُن کي ڏيندا پر هوُ وري توهان کي موٽائي ڏيڻ بدران پنهنجي کيسي ۾ ئي وجهي ڇڏيندو آهي ۽ اهڙي نموني رومال گم ٿيندا آهن. ائين چيو ويندو آهي تہ پنهنجو رومال ٻئي کي نہ ڏجي، ائين ڪرڻ سان ٻنهي ۾ جهيڙو پيدا ٿيندو آهي، ويرو - ونجوڻ اُتپن ٿيندو آهي.

هندي ساهتيہ ۾ ڪرشڻ ڀڳتي ڪاويہ ڌارا ۾ پرسڌ ڪوي رحيم چوي ٿو،

”رحمن ديک بڙن کو، لگهوُ نہ ديجئي ڈار،
جهان ڪام آوي سُئي، کهان ڪري تلوار؟“

ماڻهو الڳ - الڳ نموني رومال ڪم آڻيندا آهن جيئن ڪي ماڻهو آواره نموني ڪم آڻيندا آهن. ڪي شخص ڳلي ۾ ٻڌي ڪري گهمندا آهن ۽ ڪي وري ٻانهن تي ٻڌي گهمندا آهن. ڪي ماڻهو رومال ۾ دوا وجهي سنگهندا آهن. زڪام جي ڪري رومال کي دوا لڳائي ڪم آڻيندا آهن. اڄڪلهہ جي ڇوڪرين کي گهڻو ڪري هٿ ۾ رومال هوندو ئي هوندو آهي ۽ اها هڪ سٺي ڳالهہ پڻ آهي پر ان رومال کي جاچي ڏسندا تہ

تان موٽر وچي رهي آهي ۽ توهان کي ڳپ جون ڦينگون لڳن ٿيون ته توهين اهي ڦينگون رومال سان اُگهي سگهو ٿا. اُتي به رومال ڪمائتو ثابت ٿيو. هڪ ماڻهو رستي تان وڃي رهيو آهي ۽ مان ڪنهن سبب اُن کان بچڻ چاهيان ٿي ته مان ڇا ڪندس جو ان وقت پنهنجو رومال منهن طرف ڪري هلي ويندس ۽ مان اُتان به بچي نڪرندس. اُتي به مونکي رومال ڪم آيو. گرميءَ جي ڏينهن ۾ پگهر اچي ويو آهي ته اهو پگهر رومال سان اُگهي سگهجيتو. اُتي به رومال ڪم آيو. جي توهين اُس کان بچڻ چاهيو ٿا ته توهين پنهنجو رومال مٿي تي رکي اُس کان نجات پائي سگهو ٿا. ڪنهن ڏينهن برسات پيئي ۽ توهين برسات ۾ پُسي ويا آهيو ته توهين پنهنجا لڱ رومال سان اُگهي سگهو ٿا. اُتي به توهان کي رومال ڪتب آيو. ڪنهن شاعر حقيقت پيش ڪندي چيو آهي،

’’بڙا هئا تو ڪيا هئا، جئسي پيڙ ڪجور،
پنڇي ڪو ڇايا نهين، ڦل لاگي اَتي دوُر.‘‘

اڄڪلهه ويسر جو مرض وڌيل آهي. ماڻهو ان ڪري پنهنجو رومال ڪٿي نه ڪٿي وساري ايندا آهن. جيئن توهين آسائش لاءِ نديءَ ڪناري وينا ۽ اُتي توهان وهڻ لاءِ پنهنجو رومال ڪڍيو ته اُتڻ مهل توهان گهڻو ڪري اُهو رومال ڪٽڻ ئي ڀلجي ويندا. گهڻا رومال مٽا سٽا ۾ بدلجي ويندا آهن ۽ ان مٽا - سٽا ۾ فائدو به آهي ته نقصان به. ڪنهنجو نئون رومال توهان وٽ ايندو يا توهان جو نئون ٻئي وٽ هليو ويندو. ڪيترن ماڻهن جو رومال ڪري پوندو آهي جيئن ڪي ماڻهو رومال کيسي مان ٻاهر ڪڍي

عطر لڳل هوندو آهي جيئن رومال مان خوشبوءِ پيئي اچي. ڪيترين ڇوڪرين مٿي کي رومال ٻڌي گهمنديون آهن جيئن ماڻهو سمجهن تہ ڇوڪرين ڪان اُس نٿي سٺي وڃي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ بعضي اهو رومال نڪ اُگهڻ لاءِ ڪم ۾ آندو ويندو آهي. ڪنهنکي مٿي ۾ سور هوندو آهي تہ رومال مٿي کي ٻڌي ڇڏيندا آهن يا ڪٿي ڌڪ لڳي ۽ رت وهي تہ اُتي ٻڌي ڇڏيندا آهن پر اڄڪلهہ رومال هوائي جهازن ۾ بہ ڪم آڻيندا آهن. جيڪي مسافر هوائي جهاز ۾ سفر ڪندا آهن، انهنکي هڪ هڪ رومال ڏيندا آهن. اُن کي عطر لڳل هوندو آهي ۽ ياتري سنگهڻ لاءِ واپرائيندا آهن. اسين جڏهن ٽرين ۾ مسافري ڪندا آهيون ۽ جيڪڏهن اسانکي باٿ روم ۾ وڃڻو هوندو آهي يا اسين ٻئي ڪنهن دوست، ساهيڙي، عزيز يا سڃاڻپ واري وٽ وڃي اُن سان ڪجهہ وقت ڳالهائڻ چاهيندا آهيون تہ اسين پنهنجي سيٽ تي رومال رکي ويندا آهيون ۽ اهو اسانجو رومال ٻئي ياتريءَ کي سُوچت ڪندو آهي تہ اتي ٻيو ڪو مسافر وينل آهي ۽ اها سيٽ اُن لاءِ محفوظ آهي. رومال لاءِ ائين ڪٿي چئجي تہ انسان ذات لاءِ هڪ ڪمائتي شيءِ آهي. تحقيق اسانجو رومال، ڪريتو ڪمال!

●●●





پوڄيه ماهري ديوي واسواڻيءَ جي
مبارڪ هٿن سان، اسڪول جي مئنيجمينٽ پاران بيسٽ
ٽيچر اوارڊ وٺندي.



سنڌي ساهتيه سڀا، پونا پاران آيوجت
ڀهو ڀاشي ڪوي سميلن ۾ ڪوتا پڙهندي.



ماسي مومل، سنڌي ڊرامي ۾ ڀاڱ وٺندي هڪ درشيه


زندگيءَ جا روپ نرالا
اِندرا ٻلديو ڀڏراڻي 'شبنم'






پُشپ چمن جا
(رچنا - سنگره)
اندرا ٻلديو ڀڏراڻي


آئينو زندگيءَ جو
(رچنا-سنگره)
اِندرا ٻلديو ڀڏراڻي 'شبنم'